
ڪنول اُڀيم چنڊ
مير محمد پيرزادو
ڪنول اُڀيم چنڊ
مير محمد پيرزادو
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD
57

ڪنوار ڪُم چنڊ

(شاعري)

مير محمد پيرزادو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

كتاب نمبر 57

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ
موضوع:	شاعري
شاعر:	مير محمد پيرزادو
ڇاپو پهريون:	اپريل 2017ع
ڪمپوزنگ:	شاهده سائل
ٽائيٽل:	شاهزيب ميمڻ
ڪيليگرافي:	احمد نواز ڏاهري
ڇپيندڙ:	سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ، آفيس نمبر 8، عبرت گهٽي، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد

03003513966

ملهه: =/300

KANWAL BUKA MAIN CHANDU

(Poetry)

Poet : Mir Mohammad Pirzado

Sambara Publication Hyderabad

03003513966

ارپنا

سنڌ جي صدين جي ساڃاھہ سائين
محمد ابراهيم جويي کي ارپيان
ٿو، جنهن کان علم ادب جي
ساڃاھہ حاصل ڪيم.

مير محمد پيرزادو

سِتاءُ

• اداري پاران	ساجد سنڌي	06
• پنهنجي پاران	مير محمد پيرزادو	08
• مهاڳ	منور سراج	09

شاعري

1. غزل	15
2. گيت	105
3. نظم ۽ دوها	175
4. آزاد نظم	211
5. پنجڪڙا	219

اداري پاران

موجوده سنڌي شاعريءَ جي ڪاروان ۾ شامل ڪي ڪوتا ڪار جتي پنهنجا نوان گس جوڙي مچتا جي رچ ۾ جلد منزل رسائي لاءِ ڪوشان رهن ٿا، اتي پنهنجي انفرداري راهه جي سرواٽي ڪندڙ سائين ميرمحمد پيرزادي جهڙا ڪردار اڄ به پنهنجي ڏانءَ جي لاٽ ڪي گهٽڻ لاءِ مشعل راهه جو ذريعو بڻائي نه فقط مسلسل لکي رهيا آهن پر نوجوان ليکڪن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري ڪرت ڪي به جيئڻ جو تيئڻ برقرار رکندا پيا اچن، اهڙا امر ڪردار ئي سنڌي ادب جو اصل سرمايو آهن. هونئن به ميرمحمد پيرزادي جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي دانهن جو پڙاڏو، محبت جو طلسمي جهان ۽ سماجي اٿبرابريءَ جا انيڪ داستان جهلڪندي نظر ايندا، سندس الڳ رنگ ڍنگ ۽ اسلوب سان رچيل ڪوتائن ۾سائين ميرمحمد پيرزادي جي گهڻ پاسائي شخصيت جا مختلف پهلو پاٽمرداو پڙهندڙن وٽان پيار ۽ پليڪار جي لفظن جي مالها پوئڻ تي مجبور ٿين ٿا.

سائين ميرمحمد پيرزادو بيماريءَ جي بستري تي رهندي "ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ" جو سپنو سجائيندي جيڪا سحر انگيز شاعري سرجي آهي، سچ ته هيئين سان هنڊائڻ جهڙي آهي، حساس دلين جي ترجماني ڪندڙ سندس ڪوتائن جا اڻڌلتي رنگ مختلف صنفن جي روپ ۾ انساني صحيفن جو اهڙو اولڙو پسائين ٿا، جنهن ۾ فنيءَ فڪري گوهر افشانيءَ جا انوکا نمونا چڻ ته زندگيءَ جي بي معنويت کي آسان معنيٰ جو ويس اوڍڻ وارو رستو هموار ڪن ٿا. سنڌيت ۽ رومانيت جي پرچارڪ ۾ جيون جا حسين لمحا وڄائيندي ميرمحمد پيرزادو جو قلم اڃان ٿڪيو ناهي، اهڙو حوصلو ۽ جوان جذبو سندس ڪوتاڪاري جيان قابل داد آهي، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران "ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ" جي اشاعت پڻ پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهون ٿا، اميد ته پڙهندڙن لاءِ هيءَ ڪارائتي سوکڙي ضرور لاڀائتي ثابت ٿيندي.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

پنهنجي پاران

خدا جي خلقيل جيئن مان انسان وڌ ۾ وڌ حساس آهي، ڪن خوشيءَ ڏياريندڙ شين تي وڏيڪ ۽ جلدي خوش ٿيندو ۽ ڪن ڏکوئيندڙ ڳالهين تي اوتروئي ڏکوئيندڙ اثر وٺندو. پيو تہ هي واحد جيوُ آهي، جيڪو خوشين توڙي غمين کي اظهار ڪرڻ جو عادي آهي، تہ جيئن هو پنهنجا همخيال ساٿي پيدا ڪري سگهي، جن سان هو خوشيون ڏياريندڙ ڳالهين جي اپٽار ڪندو ۽ آڏو وارا ان سان سهمت ٿيندا تہ هو وڏيڪ خوش ٿيندو ۽ غمگينيءَ ۾ اگر اُهي ساٿس متفق ٿيندا تہ سندس غم ۾ گهٽتائي ايندي.

ان ۾ جيڪا ڳالهہ طئہ شده آهي، اُها اِها آهي تہ انهن خوشين ۽ غمين جي اظهار جو فقط هڪ ئي ذريعو آهي تہ ڪنهن ٻوليءَ رستي ئي انهن جو اظهار ممڪن آهي. پوءِ اگر سڌو سنئون بيان ٿيل هوندو تہ اهو نثر سڏبو ۽ جيڪڏهن ان کي هٽ سان جاذب بنائي، ڳائڻ لائق ڪري پيش ڪبو تہ ان کي شاعري چئبو.

شاعريءَ لاءِ اُن جو ڳائڻ لائق هئڻ ضروري آهي، جيئن خوشيءَ جا ڳيچ تہ ۽ غم جا نوحا ڳائڻ لائق بنجڻ .شاعريءَ لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ لئي، ترنم، ردم يا موسيقيءَ هجي. ان لاءِ ان کي مترنم يا ردمڪ بنائڻ لاءِ چند گهاڙيتا ۽ اصول بنايل آهن. جيئن هنديءَ ۾ ماترڪ_ چند وديا، ۽ عربيءَ توڙي فارسيءَ ۾ علم عروض جا قاعدا ۽ ضابطا موجود آهن، پر جڏهن تہ اسان ڏٺو تہ انهن قاعدن ۽ ضابطن جا ڏاها، ڄاڻو ۽ عالم جيڪي شاگردن کي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اِهي قاعدا ۽ ضابطا پڙهائيندڙ پروفيسر هئا، پر اهي پاڻ شاعر ڪو نہ هئا. ان مان ثابت ٿيو تہ شاعر ٿيڻ لاءِ رڳو انهن قاعدن جو ڄاڻو ٿيڻ بہ ضروري ناهي پر حساس هئڻ بہ ضروري آهن.

اُهو عام رواجي ماحول، جنهن جو عام ماڻهوءَ تي ڪو خاص اثر بہ نہ پوندو آهي، پر ان سماج ۾ ئي ڪي اهڙا سپورنج ماڻهو بہ رهندڙ هوندا آهن، جيڪي ان ماحول مان بہ حد درجي تائين متاثر ٿي ۽ ان تي شاعراڻي راءِ ڏيندا آهن. اهڙا ماڻهو اسان جي سماج ۾ شاعر ٿي اڀرندا آهن. مٿي بيان ڪيل شاعراڻن قاعدن ۽ اصولن کي ڪم آڻيندي، پنهنجي شاعري سرجيندا آهن. توڙي جو حالتون ساڳيون هونديون آهن؛ شاعريءَ لاءِ ڪم

ايندڙ ٻولي ساڳي هوندي آهي: شاعريءَ جا قاعدا ۽ اصول پڻ ساڳيا هوندا آهن، پر پوءِ بہ هرهڪ شاعر جي شاعريءَ جو پنهنجوءِ منفرد انداز هوندو آهي، جنهن کي ڊڪشن Diction چئبو آهي.ان جو دارومدار شاعر جي مزاج،طبيعت ۽ سڀاءَ تي هوندو آهي.

مٿي بيان ڪيل اصولن ۽ قاعدن کان علاوه لفظن جي استعمال جو ڏانءُ بہ ان ۾ وڏو ڪم ڪندو آهي، تشبيهون ۽ استعارا پڻ ان جي سونهن جو ڪارڻ بنجندا آهن. مثال: وڻندڙ نظارو يا خوش ڪندڙ ماحول، جنهن ۾ سندس دل گهريو گڏ آهي تہ ان لاءِ چوڻ "چنڊ پينگهي ۾ سُتَلُ" يا گهٽي ويڇوڙي واري صورتحال ۾ چوڻ تہ "جڙ جبل آ ڪو-ڪِري پيو مون مٿان "

جيئن تہ شاعري پڙهندڙ ان ماحول کان واقف نہ هوندا آهن، جنهن کان متاثر ٿي شاعر ڪو شعر لکيو هوندو آهي. ان لاءِ پڙهندڙن تي بہ اگر اُهڙو اثر پيدا ڪرڻو آهي، جيڪو شاعر ان وقت محسوس ڪري رهيو آهي تہ ان لاءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻي پوندي، تڏهن وڃي شاعري پڙهندڙ بہ ائين محسوس ڪندو. اگر پڙهندڙ بلڪل ائين محسوس ڪري ويو تہ سمجهبو تہ اهو شاعر، ڪامياب شاعر آهي، ورنہ سندس شاعريءَ ۾ اڃا وڌيڪ رنگ ڏيڻا پوندا.

مون پنهنجي شاعريءَ جي شروعات 1962ع کان ڪئي هئي. منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو "مکڙيون ماڪ ڦڙا " 1981ع ۾ ڇپجي ميدان تي آيو، ۽ ٻيو شاعريءَ جو مجموعو "ليار نيڻن ۾ ڦُڻا " 1999ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان پوءِ جو شعر هن موجوده مجموعي " ڪنول ٻُڪ ۾ چنڊ " نالي سان 2017ع ۾ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپجي توهان جي هٿن ۾ آيو آهي.

اهوا پڙهندڙن تي ڇ-ل آهي تہ اُهي موازنو ڪري ڏسن تہ اڳين شعري مجموعن ۾ آيل شاعريءَ ۽ هن مجموعي ۾ آيل شاعريءَ ۾ اگر ڪا معياري تبديلي آهي، تہ پوءِ آءٌ سمجهندس تہ منهنجي هيءَ محنت ۽ عرق ريزي سجائي ٿي.

مير محمد پيرزادو
سڪرنڊ
25.02.2017
03013899123

هو جيڪو ڪاغان جو قصاگو آهي

هو جنهن جي سڃاڻپ هڪ شاعر طور آهي، ۽ جنهن ڪي گيت جو شاعر سڏيو وڃي ٿو ۽ مون وٽ بہ جنهنجو پهريون ۽ آخري تعارف هڪ شاعر جي حوالي سان آهي پر الائي ڇو، هو منهنجي حواسن ۾ هڪ شاعر ڪان وڌيڪ هڪ قصاگو طور شامل رهيو آهي !

اهڙو قصاگو جنهن جي اندر جي آڪاس ۾ هزارين قصن جا ستارا جرڪندا ٿا رهن !

اهڙو قصاگو جيڪو اٺئيمين اونداهيءَ راتّ ۾ قصو ڪڻندو آهي تہ هوائن جي زبان تي تالا لڳي ويندا آهن ۽ پڌندڙ پنهنجي وجود ڪان بي خبر بڻجي قصي جو حصو ٿي ويندا آهن، ممڪن آهي تہ هن ڪڏهن بہ ڪا ڪهاڻي/ قصو نہ لکيو هجي پر فطري شاعر، گائڪ، قصاگو ۽ آرٽسٽ اضافي Instruments جا محتاج نہ هوندا آهن اُهي پنهنجي روح ۾ پنهنجو سنسار هوندا آهن . ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي . ڪويل ڪوئي گيت نہ لکندي آهي تہ ڇا اُها سريلي نہ آهي ؟ درياهہ جي لهر ڪائي ڌُن ڪمپوز نہ ڪندي آهي تہ ڇا اُها ردم ڪان محروم سڏبي ؟ جولئٽ جي عاشق روميو ڪوئي شعر نہ لکيو تہ ڇا هن جي دل شاعريءَ ڪان خالي هئي ؟ احساس جي آڌو سَنَدن ۽ لقبن جا ٽپابنهہ بي معنيٰ هوندا آهن .

هو منهنجي لاءِ ڪاغان جي انهن قصاگو پوڙهن جهڙان حسين ۽ دلنشين قصاگو آهي جيڪي پاهران ايندڙ مسافرن کي ڍنڍ سيف الملوڪ جي ڪنارن وٽ ويهي پنهنجي مخصوص مٺي لهجي ۾ سيف الملوڪ ڍنڍ سان منسوب قصو ٻڌائيندا آهن تہ ڪنهن سهڻيءَ عورت جي سلوڻيءَ اک جهڙي ڍنڍ برفاني جبلن مان قطرو قطرو ٿي وهندڙ پاڻيءَ سان ڀرجندي آهي لڙڪ لڙڪ ٿي خالي ٿيندي آهي .... جنهنجو پاڻي چانڊوڪيءَ جهڙو اُجرو آهي، جنهن ۾ چنڊ پنهنجو عڪس ڏسي مُرڪندو آهي ۽ جنهن جي اوجل پاڻيءَ ۾ هر چوڏهينءَ جي رات پريون وهنجڻ ايندیون آهن ڪاغان جي انهن قصاگو پوڙهن جي ڪهاڻيءَ ۾

ايڏو ڪجھ آهي جو دور دراز جا Touristڪجھ معاوضو ادا ڪري بار بار اهو ساڳيو قصو ٻيا ٻڌندا آهن ! ۽ قصي جي مڏ مان ڊاپي نہ ڊاپندا آهن . بلڪل بلڪل بلڪل ائين آهي اسان جو هي قصاگو جنهن ڪي اسين ۽ اوهين مير محمد پيرزادو سڏيون ٿا . هو جڏهن اڪثر ادبي محفل ۾ ڳالهائيندو آهي تہ محسوس ٿيندو آهي ڄڻ مان ڪنهن ادبي محفل ۾ نہ ويٺو آهيان پر ڪنهن عظيم عبادت گاهہ ۾ ويٺو آهيان، مقدس مريم جي اداس مُرڪ جي گهيري ۾ آهيان ۽ مصلوب عيسيٰ جي آڏو آهيان . هو ڳالهائيندو آهي تہ لڳندو آهي ڄڻ فطرت پنهنجي آس پاس سان مخاطب آهي سچ تہ ڪيس ٻڌندي ماڻهو سراپا سماعت بڻجي ويندو آهي ! پنڊ پاهڻ ٿي ويندو آهي .

دراصل دوستو!

ڪجھ ماڻهو پنهنجي ڳالهين جي هيئان هوندا آهن ۽ ڪجھ ماڻهو پنهنجي ڳالهين جي مٿان هوندا آهن ! جيڪي پنهنجي ڳالهين جي هيٺان پوريل هوندا آهن اُهي ڳالهيون تہ وڏيون، گهڻيون، رنگين ۽ دلڪش ڪندا آهن پر نہ ڪو انهن جي ڳالهين ۾ ڪوئي اثر هوندو آهي ۽ نہ سندن لهجي ۾ ڪو درد هوندو آهي انهن وٽ فنڪاراڻي ناهہ نوهہ ۽ ادائگيءَ جو ڍنگ تہ هوندو آهي پر انهن وٽ جيءَ جو اهو جنون نہ هوندو آهي جيڪو ڳالهين ۾ ڳهر پيدا ڪندو آهي ۽ لهجي ۾ لهوءَ جهڙي گرمي پريندو آهي ! ۽ اهو اعزاز فقط انهن وٽ هوندو آهي جيڪي پنهنجي ڳالهين جي هيٺان نہ پر مٿان هوندا آهن .

1. اُهي ماڻهو هوندا آهن جن جي ڳالهہ ۽ عمل ۾ وٿي (Space) نہ هوندي آهي . اهو ئي سبب آهي جو جڏهن اهي ماڻهو ڳالهائيندا آهن تہ لڳندو آهي وقت جي پيرن ۾ ڏانوڻ پئجي ويا آهن ۽ تاريخ جي رفتار ڌيمي ٿي وئي آهي .

هونءَ تہ اسان وٽ وات راڌن جي ڪائي ڪمي ڪانهي ! (ايک ڍهونڊيهو هزار ملتي هين) واري حالت آهي .

سنڌ جي ڪوڙ الميئن مان هڪ وڏو الميئو اها اجائي ڄاڙي بازي بہ آهي . منهنجو خيال آهي تہ گهٽو ڳالهائڻ جو حق فقط ٻن قسمن جي ماڻهن کي هجڻ گهرجي .

هڪ : ڪلاس روم ۾ ويٺل استاد ڪي .
ٻيو : دل جي ڳالهہ ڪندڙ ديواني ڪي .

۽ مير محمد پيرزادو دل جي ڳالهہ ڪندڙ اُهو ديوانو آهي جنهن جي ديوانگي سوين سياڻپن کان مٿاهين آهي . ڇو تہ اها ديوانگي درد جي دين آهي . اها ديوانگي عشق جي عطا آهي . ان ديوانگي کان محروم ماڻهو مُڏو ۽ مردار ٿي پوندو آهي، ان ديوانگي کان وانجهيل ماڻهو Status Quo جو ڪودو ۽ خوشامد جو ڪلترو Pleasing culture جو انڌو پيلپائو ۽ پنهنجي مخصوص ڪلاس جو نمائيندو ٿي رهجي ويندو آهي هو تہ ديوانگيءَ جي دهليز تي ويٺل اُهو عاشق آهي جيڪو گهر ٻاري روشني ڪندو آهي ۽ سوَ وجائي ساءُ بچائيندو آهي . ڪاغان جي انهن پوڙهن قصاگوئن جي قبيلي جو اهڙو قصاگو آهي جنهن جي خوابن، خيالن، يادگيرن ۽ احساسن ۾ هڪڙي اداس سيف الملوڪ ڍنڍ موجود آهي ۽ هن جي اها اداس سيف الملوڪ ڍنڍ سنڌ آهي . سنڌ جيڪا هن قصاگو جي سيني ۾ ڌڙڪندڙ دل جئان ڌڪاري آهي ......
سنڌ جيڪا ڪنهن اداس ۽ زخمي عورت جي اک مان وهندڙ لڙڪن ۾ آلي آهي جيڪا سيف الملوڪ جئان مانسرور مان قطرو قطرو ٿي سيراب ٿئي ٿي ۽ لڙڪ لڙڪ ٿي لاڙ جئان بنجر ٿئي ٿي ٿر جئان ريگستان ٿئي ٿي ! هن جو ڏک هر حالت ۾ Justified آهي .

هُو ڪنهن ازل جي اداس قصاگو جئان اسان جهڙن Tourists کي بنا معاوضي هن ديس جي هڪ هڪ زخم جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو، ڪهاڻي جنهن ۾ سچ آهي، سونهن آهي، درد آهي، آرٽ آهي، محبت آهي، Wisdoms آهي .

هو اهڙو قصاگو آهي جنهن لاءِ سنڌ سياستدان جئان محض هڪڙو ڪارڊ ناهي .... سوڪالڊ دانشورن جئان چاڙي نوڪڻ جو موضوع ناهي، اسان جهڙن اديبن جئان آگر وڍائي شهيدن جي قطار ۾ شامل ٿيڻ جي سيڙهي ناهي، صحافين ۽ ڪالم نگارن جئان " خبرن جو خاص " Issue ناهي، پر هُن لاءِ سنڌ عبادت گاهہ آهي .... ڪعبہ قبلو آهي...... دين ايمان آهي هن لاءِ سنڌ فيشن طور ڳالهائڻ، فيشن طور نہ ڳالهائڻ، فيشن طور ڏڪارو ٿيڻ، فيشن طور طنز ڪرڻ ۽ فيشن طور ان جو

دفاع ۽ وڪالت ڪرڻ جو معاملو نہ آهي پر سنڌ هن جي لاءِ سر جو سودو ڪرڻ جهڙي وٿ آهي، وقار آهي، اعزاز آهي عشق آهي ۽ درد جو دائرو آهي ......

دائرو جنهن ۾ سڄي سنڌ ئي سنڌ آهي ۽ سنڌ جي مٿان آڪاس ۾ چمڪندڙ سنڌ جو هڪڙو جهونو عاشق چنڊ بہ آهي، چنڊ جيڪو زخمي زخمي آهي ان زخمي چنڊ جو نالو "جي ايم سيد " آهي جنهن کي پراڻن گهٽ پنهنجن گهڻو گهايو. انهن پنهنجن ويندي ويندي سندس پٺيءَ ۾ اهڙو خنجر کوڙيو جو ان مان اڄ تائين رت ٽمي رهيو آهي ۽ ساري سنڌ جي ڇاتي لهو لهو ٿي وئي آهي . مير محمد پيرزادي جون اکيون انهيءَ پٺيءَ ۾ کتل خنجر جون جاڙيون شاهد آهن.

سو سندس اکين جي نمناڪي ۽ لهجي جي اداسي بي وجه ناهي . درد جي انهيءَ دائري ۾ سمجهہ ۽ سُرت جون اُهي ڳالهيون بہ ولين جئان ڦهليون پيون آهن جهڙيون ڳالهيون زهر جي پيالي لاءِ منتظر ارسطو اٿينس جي ڳلين ۾ ڪندو هو . ڳالهيون جيڪي ڳليءَ ڳليءَ ۾ هوائون بڻجي هُلنديون هيون ۽ نوجوانن جا نيڻ روشن ڪنديون هيون تہ مير محمد جون ڳالهيون سمجهہ جون اهي سُرڪون آهن جن جو سواد ماٽي سڪرنڊ سميت سنڌ جي انيڪ ذهنن تان زنگ لهي ويا ۽ سندن اکيون اجريون ٿي ويون، جڏهن کين پيتائيءَ جي پر ۾ ويهاري ٻڌايو تہ : سُرمو سفيديءَ جو جڏهن پاتو جن، تڏهن ڏٺي تن اڇائي عالم جي .

هي قصاگو جنهن مهل دل جي سمفني تي پيتائيءَ جو ذڪر ڇيڙيندو آهي تہ سندس سينو سمنڊ ٿي ويندو آهي ۽ اکيون لهرون لهرون ٿي وينديون اٿس هو جنهن پل وجدان جهڙي ڪيفيت ۾ اچي اسان پرهہ جي پياڪن کي ان شاعر جا اهڙا بيت ٻڌائيندو آهي.

هڪ ڏرتتي ماءِ، پي سندي سڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، پنهين جيرن وچ ۾ .

۽ :

"لڙيو سج لڪن ۾، راسيون رتائين،
مون کي ماريائين، اديون اونداهو ڪري."

۽ پنهنجيءَ دل جي ردم تي انهن بيتن جي حسناڪيءَ تي

ڳالهائيندو آهي ته اسان جي لاءِ احساسن ۽ معنائن جا نوان در کلي پوندا آهن، ۽ پتائيءَ سان اسان جي عشق جي تجديد ٿيڻ لڳندي آهي .... ۽ اسين پرهه جا پياڪ، پتائيءَ جي قدمن ۾ سربسجود ٿي ويندا آهيون .

هو اهڙو قصاگو آهي، جيڪو مون کي اڪثر پنهنجيءَ خاموشيءَ ۾ هڪ ڳالهه ۽ پنهنجيءَ ڳالهه ۾ هڪ خاموشي پاسندو آهي . اهڙي خاموشي، جيڪا پنهنجي پاڻ ۾ هڪ عظيم عبادت آهي، هن جو پنهنجو به ته هڪ شعر آهي ته :

سانت به ڪڏهين ڳائيندي آ،
ماڻهوءَ من ۾ پڙلائيندي آ .

هو جنهن جي ڳالهه ۾ انور پيرزادي کي پاتل گلابي سنڌي ٽوپيءَ ۾ پويل ٽڪن جي روشن حسناڪي به آهي، ته موهن جي دڙي جي ماڻهوءَ سوچي جي سوچ جو سواد به آهي !

هو، جنهن جي قصي ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي خوشبو به آهي ته مهاڪوي اياز جي شعرن جو ردم ۽ مناڻ به آهي !

هو، جنهن جي تربيت ۾ رسول حمزه توف واري ديس سان دلبريءَ جي سُتي به شامل آهي، ته گرو رجنيش جي گفتگوءَ جو رنگ به آهي؛ سو منهنجي لاءِ هڪڙو اهڙو منفرد ماڻهو آهي، جنهن سان منهنجو ان ڳالهه ۾ اعتبار پختو ٿي ويندو آهي ته عقل، مطق، دليل ۽ بحث ثانوي سطح جي Phenomena آهي، جڏهن ته عشق اِدراڪ، جذبو ۽ وجدان اول درجي واري Phenomena آهي، هن سان ملي مون جاتو آهي ته عشق جن جو ايمان نه آهي، انهن جي عقل جا سڀ سرٽيفڪيٽ ڪوڙا هوندا آهن .

دوستو! هُو جيڪو هڪ ئي وقت پنهنجي ذات ۾ هڪ محفل آهي، هڪ ميلو آهي، جهميلو آهي، سو پنهنجي اندر ۾ اڪيلو به آهي. هو هڪڙو شفيق پيءُ هئڻ سان گڏ هڪڙو اداس مسافر پيءُ به آهي ... پيڻ جو اڪيلو پايڙو به آهي. تنها پٽ به آهي، پنهنجي ابي امان جو ! ڪوڙ سارن دوستن ساٿين کان محروم رهجي ويل دوست آهي، انيڪ حادثن جو اڪيلو شاهد پنهنجي ديس جئان زخمي زخمي، وياڪل وياڪل!

پر پوءِ بہ هن جي چپن تي سدائين معصوم پيار جي مُرڪ محو رقص هوندي آهي، اهڙي مُرڪ جيڪا ڪنهن فاتح سپهہ سالار جي نيڻن ۾ هوندي آهي، ڇو جو هو هن ديس جو اهڙو قصا گو آهي، جنهن جي سيني ۾ سوين ستارن جهڙا قصا جرڪندا ٿا رهن ۽ هو ڄاڻي ٿو تہ قصو لازوال هوندو آهي، قصو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو آهي، قصو سدائين قائم دائم رهندو آهي. قصو قائم آهي تہ پوءِ ڏک ڪهڙو؟ هو پنهنجي لاءِ ڇڻ ڪاغان جو قصو آهي !!

(سائين مير محمد پيرزادي سان ملهايل شام لاءِ لکيل تاثر)

منور سراج
نوابشاهہ


غزل

رُئڻ چو روڪي وري پوءِ لڙڪ لڪندي هارجي،
واعدو ٽڪڙو ڪجي چو، پر ڪجي، جي پارجي.

ماڻ محبت کي ملي ۽ پيار- پانڌيئڙا پڇن،
عشق جي طوفان مان، ٻيڙو ڪنهين جو تارجي.

سڀ ستارا اُڀ اگهڻ تي رات جا رابيل ٿيا،
چانڊنيءَ سان مڌ چڪو، ڪوري ٽڪر ۾ تارجي.

ڊيل ڪان وڏ وِک سُريلي، لوڏ ڇڻ لائون لهي،
آڻَ ڳٽيو جو دک دنيا جو تورَ ان سان تارجي.

آهه محفل مڌ وهوڙيل چانڊني جهيٽي نه آ،
هڪ نگهه سان نيڻ جي قنديل ٿي اڄ ٻارجي.

هن جدائيءَ جي جبل کي مدتن کان پوءِ ملي،
کي ته ڳرهي يار ڳالهيون، ڳڻ ڪري ٿي ڳارجي.

مرڪ عيوض لڙڪ مليا پيار ۾ پونجي اٿم،
ڏک وجهي جو ڏيل ڏاري، ڏک انهيءَ کي ڏارجي.

هير ۾ قوهارَ، خوشبو رات جي راڻي ڪري،
نيڻ نبگرن ۾ نِديا جي ڊيل ڊوڙي ڀارجي.

چانڊني پئي چنگ وڄائي راڳ رابيلن چيا،
هن سمي سهڻي اندر پو ڪيئن نه ساجن سارجي.

◈

تنهنجو مرڪڻ ڪير وساري، تُنهنجي سڏڪن ساڙيو آهي،
هيري موتيءَ ڪان بہ وڏڪ آ، تو جو لڙڪ بہ لاڙيو آهي.

مينهن ڪٽين جا مهڪ متيءَ مان مهڪائي، سا، مايوسي آ،
اُپ اسان جي ڏک ڪي ڏسندي، ڳوڙهو ڳل تان ڳاڙيو آهي.

اوشا جي ونَ ويس اندر هو آيو منهنجي اڳڻ متان آ،
قول اچڻ جو جيڪو ڪيائين، پرهہ اچي سو پاڙيو آهي.

پڪ نہ آ ڪورات اويلي مُنڌ اڪيلي تو وٽ پڄندي،
تو ڏي ايندي توڙي لِڪِيس، تاڪنُ پوءِ بہ تاڙيو آهي.

من جا ورهہ ولوڙا آتا، خوابُن تو بن ڪورا لاتا،
سورن هيءَ جياپو ساڙيو، پورن جيءَ پچاڙيو آهي.

رات بسنتي، هير تڏيري، جوين ونتي جاڙ جئي ٿي،
چورا ڪورا چاندوڪيءَ جي، چيٽن متان من چاڙهيو آهي.

ڪوئل موسيقي ٿي ڇيڙي، وڻ ٽڻ جهومي راڳ چون ٿا،
ساجن هن ۾ سرنهن سندي جڻ قول اندر ڪي ڦاڙيو آهي.

پنهنجي ملڻ متان سَوَ پهرا ۽ پابنديون توڙي آهن،
تنهنجي خوشبو هير پُڄائي، واءُ پيلا ڪنهن واڙيو آهي!

◈

اهي ڦوهہ جوانيءَ جون رنگين شامون، ڏسڻ سان بهارن ٽڌا ساهہ پريا،
۽ سوچن جي نيڻن اُڱهي لڙڪ ڇڏيا، تڏهن اوڇنگارن ٽڌا ساهہ پريا.

نہ سياري ۾ سارن ڇڏيو هو توهان جي، نہ سڏڪا هي ساوڻ ۾ بند تي سگهيا هئا،
ڇڙي ذڪر تنهنجو جڏهن پيو انهن ۾، تہ ميگهن ملهارن ٽڌا ساهہ پريا.

ڏسڻ ڪاڻ جن جي تي رابيل رڙيا ۽ پئونرن جي گونجار پٽڪي رهي هئي،
ڇڙيا رات جا سُر ستارن منجهان جو تہ سڏڪي پيارن ٽڌا ساهہ پريا.

هي سُر جي لهر تي جو سرگم سجائي ۽ پولار پايل جي جهنڪار ڪئي هئي،
تي ساعت وئي سُن جو سارن وڪوڙيو، تہ تڙپي ستارن ٽڌا ساهہ پريا.

نہ ڏينهن جو ڏڏُ ۽ نہ راتين جي ننڊ آ، هي مهلتُ تي مارن ٽيون يادون اوهان جون،
صبح شام سارن ڇڏيا ساهہ ساڙي، نظر ۽ نظارن ٽڌا ساهہ پريا.

ڏسي دل جي حالت سگهي ڪين موسم، ٽمي نيڻ جنهن جا وسي سانوڻي ٽيا،
توهان جن ڪي پارت ڪئي هئي اسان جي، انهن خود سهارن ٽڌا ساهہ پريا.

ڪديا گونج يادن بهارن اچڻ تي، اوهان جي اچڻ جون لڳائي ڪي آسون،
وچائي رکيا نيڻ دڳ تي جنين ها، تنين دوست يارن ٽڌا ساهہ پريا .

جهڪيو ڪنڌ تنهنجو انهن ڪي جو پائڻ، جهڪي ڪائناتن بہ سجدا ڪيا ها،
صراحِيءَ جهڪي جڻ تہ هو پيگ پيتيو گلابن ۽ هارن ٽڌا ساهہ پريا.

◈

سونهن جا سنسار ۾ آهي سڪيون!
چو ڏسن ٿيون ڪين سا آن جون اکيون،

سوچ ڪي تو ڏي مُنجي مون هي اکيون،
راهه تنهنجيءَ ۾ ڪٽي آهن رکيون.

تڙپندي، لچندي پيون طعنا سهن،
نيڻ واري نانگ جي آهن ڪَکيون.

ماڪ ۽ خوشبوءِ رابيلن سندي،
چانڊنيءَ ۾ ٻهڪندي آهن ٻڪيون.

مُک نِڪاري، رات آڳند تي سُتيِنءَ،
ڪي چُڪيون چُوسي چپن مان چنڊ چَکيون.

سار جون سڳنڌون سوين سنسار مان،
ماڪ اوتي موتئي جي منهن مکيون.

رات سپنن ۾ هيون جي سُڏِڪيُون،
ٻاک جا ڪرٽا ٻٽي جڙ سي ٻکيون.

◈

سچ آ توهہ جي ڳر، ڪڙي زهر جيان،
چاهہ مان ٿا چکن پو بہ ڪي ڇهر جيان.

نيڻ نرگس نما، ڏند رابيل جيان،
ڳل ڳاڙهين رَتا، چپ ڳل مهر جيان.

چنڊ وانگر ٽڪل، مُک ماڪن اندر،
لڳن جڻ تہ پوئين پنل پهر جيان.

يانءِ بوڙيا اُهي ٿا متانئس ترن،
هي ستارن پريو اُپ سچو بحرِ جيان.

آ اندر جي دنيا جو رهاڪو اهو،
جو ڪڏهن ڪين سوچي سگهي ٻهَرِ جيان.

ٿو جڏهن پيار لوڏي دليون پينگهہ تي،
ٿو ڏئي سونهن کي تازگي سحر جيان.

آ وري سوچ ۾ يار واسو ڪري،
تون تکيو ڪر اکين ۾ ننڊن ـ ڳهر جيان.

عڪس هي ڪُڙ ڪپيتن سندا ان اندر،
ٿي لڳي اُپ مٿان ڪهڪشان لهر جيان.

هي سندر چا تہ سورجَ ـ نَدي صبح جو،
ٿي نچائي پئي ترورا نهر جيان.

◈

رات جو ننڊ ۾ اچي سپنا توهان جو ٿا پڇن،
ماڪ سان منهنڙو ڌوئي رستا توهان جو ٿا پڇن.

لڙڪ روڪي ٿڪ ڏيان ٿو دل مٿان پٿر رکي،
پوءِ بہ مايوسي ڪٽي لمحا توهان جو ٿا پڇن.

هانوءَ جو ڏڌُ پي پيلا تن کي ڏيان مان ڪيترو،
ياد جي اذيت سهي، جذبا توهان جو ٿا پڇن.

تون تہ ناهين پاڻ پر، ويو پاڻُ پي ڪيڏانهن آ؟
هيڪلائن هيسيل اُدما توهان جو ٿا پڇن.

ڪانہ ڪا نعمت سواءِ توخوش ڪري سگهندي ڪڏهن،
ڪامرانيون هڪ طرف، تمغا توهان جو ٿا پڇن.

راڳ راحت روح کي ناهي ڪري ميُسر سگهيو،
ساز ٿا سارون ڏين، نغما توهان جو ٿا پڇن.

مان تہ تن کي مڏ ملائي لڙڪ پي آجيان پيو،
پر اُڪيرن جا اُلا من جا توهان جو ٿا پڇن.

موسمن ۾ موهہ ناهي، واءُ واڪا پيو ڪري،
پوئنر پتڪي باغ ۾ چا چا توهان جو ٿا پڇن.

◈

رات ڪئي جڻ اُپ مثان ڪا تارن ميناڪاري آهي،
مندر اندر ڏيئا ٻريا، جڻ ڪا رات ڏياري آهي.

هن ۾ گهاٽي واڌي جي ڪا ڪٽ ٻه ٽيندي ناهي سائين،
هن ۾ ليڪو ٽيندو ناهي عشق نه دنيا داري آهي.

پيرن جي ڪا ڇير ڇڄي پئي، گهنگهرو وڪري تارا ٻڻيا،
نيل گگن ۾ چندرما جڻ نچندڙ ڪا ئي ناري آهي.

سون اڱارن منجهه سڙي جئن ٻنبو سارو ڪُندن آهي،
ساروٽيِن ۾سڙي سڙي تيئن گهڙي گهڙي مون گهاري آهي.

تن پڇائي، من مچائي،، لونءُ لُڇائي لمحي اندر،
هَري هَري هيءُ ماس ڪپي جڻ انگ سڄي ۾ آري آهي.

ڏنڌ وهوڙيل وستيءُ ۾ جڻ ڏيمو چنڊ لڳي جا ٽريان،
گهر جي ٻاتين سيءُ ٺرڻ لئه باهه ٻُنگيءُ ۾ ٻاري آهي.

خوشبوئن جا کيپ ڏياري چوڏس چانڊوڪي ٽي لڳي جڻ،
رات جي راٽيءُ رابيلن سان ڇڙندي ڪا مڏ هاري آهي.

چندرما جو عڪس ڇڙهي ٿو ڏاڪڻ ڇَرَ جي ڇولين جي،
ناڪئي جڻ ڪا ناوَنڪاري ڪينجهر ڇر تي تاري آهي،

پوڙهي مک جا گهنجَ لڳن ٿا تاريخن جون ڏارائون،
ٻيٽ سنڌوءُ تي ٻهه ٻهه ٻهڪي ور ور ٿي جا واري آهي.

◈

مون کي تنهنجا سَوَ سينگار به اکڙين ۾،
اڻ ڳالهايل ڳالهين جا انبار به اکڙين ۾.

تنهنجي آجيان جي لئه مون وٽ آهه پيو کي چا،
هيرن مَنجهه هڳاوَ ته آهن هار به اکڙين ۾ .

ساهه ٽڌا هي هير اصل ۾ اکير اوهان جي ٿي،
ڪِرڙن جا کي ڏيلهنِ ڏَتَيُل ڏار به اکڙين ۾ .

لڙڪ نه آهن، نيڻ ڪکر جي ڪنڌ مان لڙندڙ هيءَ،
نينهن سندي هي مينهن سندا کي نار به اکڙين ۾ .

آئينو هي تنهنجي اکيان خيالن ۾ پيو هوندو،
تنهنجو چهرو چمڪيو ڪيئي بار به اکڙين ۾.

هونءَ ته ڪا ٿي جاءِ نه ايڏي ڏسجي ٿي ڪا تن ۾،
ڪيئن سمائي لڙڪن جي هيءَ لار به اکڙين ۾.

مُکڙو سَوَ مَيارون ڏئي ٿو سور سلڻ ريءَ جئن،
صاف ڏسڻ ۾ ايندي آ تئن سار به اکڙين ۾.

تن کي کين کپن ٿا پهچڻ کارڻ ڪيئي رستا،
پنهنجي سونهن سموريءَ سان هيءَ يار به اکڙين ۾.

◈

ڪوئل جي آ ڪوڪ پلي، پر هجي خوشيءَ جي جي،
پوپٽ ڪي تو ڪير پڌائي جيئن ئي رابيل ڪڙي .

آڌيءَ ويلي هير گهلي ۽ ڪيپ خماري ٿي،
ڪنول بنائي ٻُڪ پيو ٿو، جڻ ڪو چنڊ جهپي.

راتو ڪو هو بڪيو سُمهي پيو بڪيو اٿندي ٿي،
سج جو ڪرٽو ڪرٽو ويٺو چيهو جڻ تہ ڇُڳي.

ماڪوڙن جو جهرمٽ ڇا تي،ڇا تي ڪِولين ميڙاڪا،
ماناري مان متان متان ٿي ماڪيءَ لار ڳڙي.

اوٺ ڪڪر مان وڄ جو چمڪو مون ڏي گهوري ايئن،
دريءَ وٽيءَ مان جيئن ڪو مڪڙو سُندر ميچ ڏئي.

نفرت ڪان هئي،نفرت جن ڪي، ماريا نفرت ۾،
دنيا جي آ ريت عجب جو پنهنجن سان نہ نهي.

لڙڪ بہ پاڻي، ماڪ بہ پاڻي، بوند بہ پاڻي آ،
فرق آ پيڙا هر ڪنهن جيءَ ۾، هونئن تہ پاڻي سي.

◈

نگاهون ڪٽي نيڻ اولار سان،
نهاريو اسان ڏي وري پيار سان.

ڪبو پيار آهي فقط پيار لئه،
نه آ واسطو جيت ۽ هار سان.

ڏني ۽ وتي جو نه آهي پتو،
ڪڏهن ناهه ليکو ڪيو يار سان.

اها دل نه جيڪا ڪپي ڪات پي،
تتي ٿورڙيءَ ويڻ يلغار سان.

عُقِيقا اوهان جي ائين هار سان،
لڏن لال موتي جئين ليار سان.

تـڏهـن شـرم پـوتـبي تـي ڪـومـائـجـي،
وٺـي ڪـا نـہ رهـنـدي جـڏهـن وار سـان.

تڏهن ڪان سقـل ٿيو هي جيون سچو،
پرينءَ جي مليا سون جڏهن پيار سان.

وٺي مند جو جي ڪو جهونڪو گهلي،
سـلـهـاڙي بـدن ويـو سـچـو سـار سـان.

هَـٽـي يـاد جـهـمـريـون، لـڙيءَ رات ۾،
اُڪِـيـرُون اٿـن پـيـون چـڙيءَ لار سـان.

ٻـنـيـون چـمـچ سـايـون فصـل ڦـوهـہ ۾،
ڪـيـا سـانـگ سـاوڻ نـچـي نـار سـان.

◈

گلابن جي جهرمٽ ۾ ٻيئونرو نهي نئون،
وڻي تي ٿو جيئن ٽر ۾ چڱونرو نهي.

اهو سُوارَ جي سونهن جو ڪرشمو،
گلابي جهلِن ساڻ گڏونرو نهي.

نهڻ لاءِ موزون ڪا ڪا جڳهه،
نڪوري نڪر ۾ ٿو ڏئونرو نهي،

سڄني بر ڪي سهڻو بنائي ڇڏي،
گلن سان جهنجيَل خوب ڏئونرو نهي.

نهي ايئن جوبن ٿو جلوا ڪري،
ڪنڊيءَ ۾ جئين ٻُور ڪئونرو نهي.

اڪين جي اوتارن ۾ نهجي ائين،
پيو جيئن پاڻي ۾ ٻُڏونرو نهي.

اداس لمحا، اداس چارا، سوال بڻجي اڳيان اچن ٿا،
وشال آڪاس مان ستارا، سوال بڻجي اڳيان اچن ٿا.

اسان جون سوچون اجاڙ بڻجي، شهر بدر ٿي پيلي پيون پٽڪن،
ٻٽيون ٻريل ۾ توهان جا جارا، سوال بڻجي اڳيان اچن ٿا.

اسان جا سپنا جلاوطن ٿي، تڪن ٿا نيڻن سندي شهر ڏي،
اُجاڙ جن جا سيئي اوتارا، سوال بڻجي اڳيان اچن ٿا.

پيا ملڻ تي انيڪ پهرا ۾ سخت رويو سماج جو ٿيو،
سمنڊ ڪناري ٻـ پاڇا ڪارا، سوال بڻجي اڳيان اچن ٿا.

اننت سورن انبار سِر تي، ڪٿڪ ڪيو ٿا اچن جي ڪاهيو،
ڪنڌي نـ تن، نـ ڪي ڪنارا، سوال بڻجي اڳيان اچن ٿا.

سُڪون ميھر ملڻ ڪان وڌ آ تہ سير ۾ ئي ھليو وڃي سِرُ،
اتي جي ساگر ڏئي اِشارا، سوال ٻنجي اڳيان اچن ٿا.

رُتيون اوھان سان وڃن ٿيون رڱجي، مندن توھان جا چميا قدم ٿي،
توھان پڇاڻا پرين نظارا، سوال ٻنجي اڳيان اچن ٿا.

توھان سان گھاريل گھڙيون گُھٽين ٿيون، توھان سان گھاريل انيڪ لمحا،
وڌائي تنھنجي پياس پيارا! سوال ٻنجي اڳيان اچن ٿا.

سماج جا ھو سيئي ڏڪاريل، وڃي گڏيا مئڪدي ۾ آھن،
اُتن ٿا جي ميڪدي مان نعرا، سوال ٻنجي اڳيان اچن ٿا.

توھان جي قدمن سندا نشانا، سجائي رکيا جنين سِرن تي،
چمي پيو چنڊ سي ئي چارا، سوال ٻنجي اڳيان اچن ٿا.

◈

مينهوڳيءَ ۾ در ڪڙڪايو وَر وَر ڪنهن تہ اويرو آهي،
آءُ ڏسان ٿو واءَ جو جهوٽو، آيو پيو هي پيرو آهي.

سرو پريل آ سار اندر ۾ يار توهان جي اهڙو ڪو،
ياد اچڻ سان پنهنجو ٿي ويو خيال بہ ڪيرو ويرو آهي.

تنهنجي من آڳنڊ تي آهي آ دابن جو اوج وڏو ڪو،
ان تي پهچي ڪيئن پيلا جو منڙو ميرو سيرو آهي.

دل جي تڙپ وڏي ويندي آ دلڙي ڏسندي آهي جڏهين،
تنهنجي چاهَتَ _ چوڪنڊ هيٺان ايندو ايرو غيرو آهي.

بُرقعي مان ڪسڪي ۾ تنهنجو مکڙو ٻاهر نڪتو ايئن،
جهڙ مان نڪتو سج چٽو چڻ جنهن جو تاب تکيرو آهي .

چوڏهينءَ جو چنڊ چٽو نہ آ ڇا، اصل حقيقت منجهہ ائين ئي،
بلڪل اڳ جيان آهہ چٽو، گهنگهور گهٽا جو گهيرو آهي.

ڳولا ان جي کهڙي جنهن کان ويڇو ٽِڙ جو ناهي ڪوئي،
پر جي نيڪ نظر سان ڏسبو دل ۾ ان جو ديرو آهي.

تارا تارن کي اٽڪايو ان ڏي ڏسندي پاڻ ۾ پٽڪيا،
مينهن اوڪاڻ ڪان پوءِ هو ڏس ڪيڏو اُپ اڇيرو آهي.

پکي بچايو ڏک لڳڻ سان جيڪو گهايل ٿي پيو آهي،
جان مٿان جو ڏکي اڇي ويس جلندي پوءِ بہ جيئرو آهي.

توڙي پرَ اٿس ويا ڪٽجي سنڌ اُڏامي ڪين سگهي ٿي،
پوءِ بہ همت جياري ويندي، ساهس لاءِ سويرو آهي.

◈

جيئن پرهه کٽي پير،ڪَلي رقص ڪري،
تيئن لان متان هوءَ هَلي رقص ڪري.

هي نيڻ ڪڪرَ ڇانو ڪري جيئن اڇن،
من مور ٻٽي پوءِ ٻلي رقص ڪري،

موتئي جي مهڪ ڇير جيان جڏهن وڃي،
جهرٽي جي متان رات ڊلي رقص ڪري.

سازن مان سُرن جا ٽا ابابيل اڏامن،
هيرن جي هِلورن تي ٽَلِي رقص ڪري.

وک ساڻ سڄو وايو منڊل ڇڻ ته وِهاتي،
پيرن جي پوڻ ساڻ ڳلي رقص ڪري.

پرين ڪان مليل پيار ۽ محبت جي مچن تي،
جند جان وئي آهه جلي رقص ڪري.

مد مست ٻٽي ملنگ اچي پير متان اچ،
سڌ سور سندي آهِه سلي رقص ڪري.

وهه واهه ڪري ويس ونڊِيُئي ونب حسن جو،
جوڳيُن به اچي جهول جهلي رقص ڪري .

پٽ جھڙا پير، تپندڙ ڌر تتي،
ڏُن پنھنجي ۾ مگن گھمندي وتي.

وات جا واسينگ جھڙا ور وڪڙ،
پوءِ پنيان پئي وڃي جنھن جي گتي.

رات جھومڪ ماڪ جا چمڪائيا،
ڏوم تارن ناچ جي آهي متي،

جوت جگنو جگمگائي ايئن ٿو،
ڪو اچي پريان ڪنيو جڻ هَٿَ-ٻَتي.

پوءِ ڪاٿي ڪان متي قيمت ٿيس،
رنگ پرين جي ۾ وڃي جَڏهين رتي،

سا وصالن ۾ وڇوڙن ڪان متي،
يار جي خيالن ۾ پئي آ جا ڪتي.

ٿئي متان ڪا پيار جي پت وائڪي،
اُن ڪري چت تي هنئين چاهت چتي،

عشق ۾ ايثار بن ڪم جي نہ آ،
جا ستي، تو ڙي ڪٺي آهي جَتي .

◈

چوچڙيون ڏئي چاهتن جا چنگ آ چوري وئي،
قيد جي زنجير جون سيئي ڪڙيون پوري وئي.

وقت ڪان پو منهن مقابل ٿي وَئي جو اوچتو،
حال سيئي چپ اندر تفصيل سان اوري وئي.

رَوَش مان ئي رونما ٿي پيار هيس پڌرو پيو،
ماپ ۾ ماڻن بنا هوءَ محبتون توري وئي.

پاڻ پيچَلَ جا اکين مان جيئن نڪتس اوچتا،
قرب واري ڪات سان هوءَ ڪنڌ ڪلهن ڪوري وئي.

موٽڻو جو هوس جلدي منهن ڏيکاري جڙ وئي،
جيءُ جهوراڻي جهريل ويتر گهڻو جهوري وئي.

ڏکّ جو ڏونگر آٽانگو جسم نازڪ ڇا ڪري،
ڏيل جي ڏڍَ تي ڏکيون ڏونگر پٽون ڏوري وئي.

جنهن بچائي پاڻ پاسي پيار ڪان ڪيو پر اها،
گُهورَ هڪ جي گهاءُ تان گهر، تڙ، ڏسي گهوري ٿي.

چوڏهين جي چنڊ هيٺان چندن لائي جيئن سُتي،
چاندني چادر وجهي ان جي مٿان هوري وئي.

جان تنهن جي ڪانڌ ڇتندي وَس ڪٿي ڪيڏا ڪري،
ڳوپ ڳنڍجي ڳالهه جي جا ڳڙهه ڳمين ڳوري وئي.

منڊ موتائي وِجهَئي شل، هيل ايئن هبڪار ۾،
سَنڌ تاريون، ساوٽيءَ رُتِ، هيل جيئن موري وئي.

◈

هر نظر ۾ جڻ تہ اوڳاڇن اُماڙيون ٿيون پيون،
ڇُوڇڙيءَ وانگي ڇُپيندڙ منهن مقابل تو ڇيون.

جڻ تہ ڪاتيون سِيرجن ٿيون، ٻاهہ ۾ يادن سنديون،
پوءِ ٻيي ايندڀون رهن هيءَ نينهن ۾ نت نت نيون.

ٻِينَ جُون لهروُن هوا ۾ جو ويون تحليل ٿي،
خوب ڏوراپا توهان جا واءَ مان ڏينديون ويون.

مون ٻَڌي پايل تہ هر انگ ناچ ۾ ٿي مَحَوُ ويو،
نينهن نورا هئا اکين ۾، تو خماري جيئن ڪنيون.

قسمتن جو يار ميلو، ڪَرڻ ڪان ڳالهيون گهٽيون،
ڪين ٻيو موقعو مليو تہ بہ جڻ ڇُميءَ سان سپ ڇيون.

راڳ ٻڌجي ريت سارا جڻ سنڌوءَ ڪي پيا سڏن،
واءَ واسن ساڻ گڏ هيءَ جي، ڪُنگوءَ لهرا ليُون.

ڪا نہ سهٽي ۽ نہ ڪي ڪنگ ڪالهہ جي ڪانڊي ٿيا،
ڇا تہ الميو آ سنڌوءَ جي ريت مان اُڏندڙ رَيون.

آءُ تن ڳالهين سهاري اڄ بہ جيان ٿو جڳ اندر،
ڪالهہ لِڪ چوريءَ ڪنن ۾ ڪانڌ جي مون سين ڪَيُون.

هونءَ تہ سبتي ڳالهہ ٻيي سمجهڻ ڏکي لڳندي آ پر،
پيار ۾ ڳالهيون سيئي اُبتيون بہ لڳنديون پيون سَيون.

◈

ڪوبہ رايو ڪونہ رَڪِيُئي ڪا رعايت ڇونہ ڪِيَئي،
موت ۾ مارڻ پڇاڙٽا تعزيت ڀي ڪونہ ڪِيَئي.

رات هو رهڙيو بدن ۾ ڏينهن ان تي ڏنگ هنيا،
جو ڪرڻ تو کي جڳائي، ڇو الا جي سونہ ڪيئي.

بيقراري ڀيَڙ جيان پڙڪا ڏئي تو ۾ اُٿي،
ٻئي نہ تو کي ڪجهہ ڪيو ان جي رڳو ئي اون ڪِيَئي.

حالِ ڇوري پار جهڙو، رونقون جنهن کان رُٺيون،
دل ڏُتاري هٿ ڪري پَرَ گهور ان جي پونہ ڪِيَئي.

ايئن دشمن ساڻ ڀي ويڙن ڪئي ڪنهن ڪا نہ آ،
جيءَ جانبهہ ۾ وجهي ۾ خيال ان جو هونہ ڪِيَئي.

ڏوپ ساهن جا ڏئي لڙڪن سان ڌوئي جا رکيم،
پوءِ بہ ڇو هن دل سَڙيءَ کي چاهہ ڇو ڇڏيونرو نہ ڪِيَئي.

ياد آويءَ جي ڇپيُن جيان هر وِٽيءَ مان پئي ڏکي،
پوءِ بہ تپندڙ تن مٿان ڇو گوش کو گھرو نہ ڪِيَئي.

ڊور تاهڙ جيان ڇِنايَئي پئي رسا جوين جڏهن،
پنهنجي نظرن ساڻ ان تي پاڻ ئي پهرو نہ ڪِيَئي.

مُندَ بهاري ملڻ سان جڻ وقت کان اڳُ وَئي اچي،
ڪَتَڙَهارَنَ جي ڪلڻ جيان چاهہ مان ڇهرو نہ ڪِيَئي.

پياس لئہ پاڻي جتي ڪٿ، پيار لئہ هر هنڌ پرين،
گل ڪڙيو مڪڙو دريءَ مان، ذهن کي ڀِئُونرو نہ ڪِيَئي.

پنڌ پري هوندي پرينءَ جو، جي پڇڻ جي آس آ،
پاڻ کي تاهي پلڻ ۾ خيال کي گئونرو نہ ڪِيَئي.

◈

ڇڏيو جن جيءَ گرمائي اگهڻ سا ڳيا اُهي ناهن،
انهن ريءَ هي گهٽيون ۾ گس، ڪري هُرُ ڪُرُ هنئون ڪائن.

امن جا نيڻ ڳيرا ويا اڏامي دور ديسن تي،
پِرِهہَ جا پار هوندا هئا تہ ڳُٽُ ڳُٽُ هي ڪيو ڳائن.

جلن ٿا جيءَ جا جذبا اڏامي خاڪ يادن جي،
ٻَٽي ماتمڪدا لمحا اسان جو چين ٿا چائن.

رئڻ جو ڪو سبب باقي، سُجهي ٿو ڪين ڪي تَنِ ڪي،
اسان جا نيڻ سودائي جڏهن تو ڪي نہ ٿا پائن.

عجب عادت آ لڙڪن جي پُڌڻ آمد پرينءَ جي سان،
وهي نيڻن جي پِڇڙِيُنِ جي وِٽِيِنُ مان جڻ تہ واجهائن.

ملهارن جيان آ مَهَڪِيلُ مُک جهين جي سک سالن ڪان،
وري آگم بٽي مند جا اوهان جا نيڻ ٻئي گهائن.

نہ ڪو سينگار واري بيت سان پيتي تنين سگهجي،
جنين جي پيت ڪا ناهي نہ تو جاڻان الئہ ڇا هن!؟

رڳو آ ڪيفيت طاري، سمورو ذهن سوگهو آ،
ڪڏهن جڻ ڪو نہ ٿا پائن، ڪڏهن ڪيڏو تہ ٿا پائن.

◈

اجا چهچ ساوڪ نہ آ ٿوهرن ۾،
ٿريليون وريون ڪين پنهنجي گهرن ۾.

ٻلي گهر اُجڙُ ٿيا، هليا ويا هتان هو،
اُها ديد رهندي انهن ئي درن ۾.

سڪن جي نہ ساعت جي سانيِر اٿئون،
توهان جي رهون يار ٿا گوندرن ۾.

پيا عيد جو چنڊ پيا ٿا تڪن،
ڪُتلَ ديد ڪن جي آ پنهنجي ورن ۾.

رهي سونهن فطري ٿي معصوميت ۾،
نہ ڪا سونهن ڪپڙن، نہ ڪا زيورن ۾.

نہ ڪو انگ اوچڻ، نہ ڪا اونَ ڪنهن جي،
انهن پيڙ اوتي ڇڏي آ هَرَنِ ۾.

سکڻ ۾ سچا لڳ، ايئن ڪيئن ٿيندو،
ڇڏيندو نہ آ عشق، ڪنهن کي آرَنِ ۾.

اسان جي اها جهد جي آهہ ساکي،
پنڌن پيڙ جيڪا ڇڏي پيچرن ۾ .

ڏيو ڪانگ آٿت تہ سانڍيون آٿَق،
پِريَنِ پار جون ڪي پچارون پَرن ۾.

اجا ڪو نہ ڪٽڇيءَ اڏاريا پچا،
اجا ٿي نہ نيسر سچن آ سَرن ۾.

◈

ڏيو وارن ڪي ٿا چنڊڪو، تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي،
ڪِلي ڪوليو ٿا جي مُکڙو،تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

ڪڏهن ا يندو ڏسي چئين ٿي، اشارن ساڻ سرتين کي،
اچي پيو ٿو، اڙي اوهيو! تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

ڪُلي ٿي ڳالهہ جي ڪائي انهن سان عشق پنهنجي جي،
پڇي ٿا ۽ اک جيئن ڪوليو تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

پَيُئي جيئن پير ترڪي تيئن ڪري رَڙ ۽ سنڀالي جو،
ڏندن وچ ۾ ڪئي جيپ تو، تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

ڏئي ڪاڏيءَ جي هيستان هٿ، نهاري ڏور انبر ۾،
جڏهن تو گيت جهونگاريو، تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

پرهہ سان ئي اٿي آرس، پڇي جيئن ڪوليئي اکيون،
اتيںءَ ڏوئي جئين مکڙو تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

نوائِيءَ رات ۾ ڪٽ تي، تون گم سُم خواب جي هنج ۾،
متان مُنهَن چاندنيءَ چمڪو، تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

اماوس رات جو اُپ ۾، متل تارن سندو ميڙو،
ڪئي هي لات تاري جو، تہ پئي ٿي وڄ جڙ چمڪي.

◈

سانوريءَ ڪنهن شام جيان ويڙهي وئي،
جي سُتل ها سور سي ڇيڙي وئي.

موقعو تاڙي جئين پهتس پتڻ،
ڪين ترسي، ٻئي هلي ٻيڙي وئي.

رات جي پوئين پهرِ، ڪونج ڪا ڪُر لاءِ سان،
سانت ٽوڙي، خيال ڪي ڪيڙي وئي.

خواب اڌپورا ويا رهجي جڏهن،
پرهه ڦٽندي رات ڪي ريڙهي وئي.

ويو سڪون آهي ڦٽي جنهن ڏينهن ڪان،
پيار ڏئي، جيءَ ساڻ آ جهيڙي وئي.

جا هنئي بندوق ماريءَ، سا پکي،
ڊنڊ تان سي ٿاهُ ڏئي ٿيڙي وئي.

ڳالهين جي ڳنڍ ٻڌي سوگهيون ڪري،
لڙڪ سيئي پاند ۾ ويڙهي وئي.

ڪين پهتس ڪا ڇڳائي ٻي تہ پوءِ،
ياد پنهنجي ذهن مان ٿيڙي وئي.

◈

ڪُنگُوتارن ڪئي ڪا ڇَھيِ، نہ ٻوٽو ٻوڙَ ٻاريو آ،
توھان جي پار ڪي ڏاڍو ڪلھانڪر ساھہ ساريو آ.

ٻٽي سو رات جي راٽي ويو واسي سڄيون راتيون،
اسان جو، لڙڪ اکڙين مان توھان جي لاءِ ھاريو آ.

ٽَرڻ تي آ پُڳو ٽاٽو، نہ ٽيندو ڪانگ ڪوڙو شل!
اُماوس ۾ اڪين سان گڏ اسان ڏيئو ٻہ ٻاريو آ.

پَڙڻ گھرجي وچن جيڪو ڪيو ھُوَ پيار ۾ پھريون،
گلن سان يار موسم جو ڪيو وعدو سو پاريو آ.

اُھو ئي ڪرشمو آھي مسلسل جھد جو جنھن سان،
ڪنين ڪان ويا ٻڏي پَنَ يِي، ڪنين پاھڻ ٻہ تاريو آ.

سڪون ان سان، امن ان سان جياپي لاءِ پيون ھڪ ڏُڪُ،
تَرو جو پريم جي رس جو ٽڪر ۾ پاڻ ٽاريو آ.

اوھان جي ڇو، اچڻ جي ويل، ويجھو ٽي وڃي خالي،
نڪي موسم، نہ ڪو مينھن، ڪڏھن ٽاٽو ئي تاريو آ.

اسان ڪان ڪو پڇي پيڙا سندو، ان ڪي ٻڌايون ٽا،
اسان پاھڻ ھجر جو ڪيئن، ڳوڙھن ساڻ ڳاريو آ.

اگڻ جي ميندرو آندو مَيي آھي تہ پوءِ مومل،
آلاچي اڻ ميا ان ڪي ۽ چندن خوب چاريو آ.

◈

اک ننڍو ڪو ٻيو ٻري، جو اک اٽڪي يار ۾،
پار پنهنجا وسري ويا، ان جي ڏنم جو پار ۾.

وٽ گنديءَ جي واهه سونهي ٻرت ۾ آهي نکار،
سونهن ڳوٺن ۾ سمائي، آ ٻريندڙ آر ۾.

زندگيءَ جي ٻي پڇاڙي پيڙ ـ پيڙان ڳهه ـ ڳهان،
ڇا ڪمائي موتيو، ڇنگهندو اڇي جو بار ۾.

زندگيءَ سان پيار ٿي ويو، بس انهيءَ لمحي اندر،
جيئن ڏٺي معصوميت مون، مرڪندڙ ڪنهن ٻار ۾.

تو انهيءَ ڪي ڪَتِڙَ ڪان اڳ، ڇو نہ سوچيو هو اهو،
ڇا تہ موسم ۾ ها ٿيندا گل انهي ئي ڏار ۾ .

ڪين اوچائيءَ ڪڏهن، پاتو پرينءَ جو پار آ،
ڊول هيٺاهينءَ جي ڊلندو آ سدائين ڊار ۾.

عشق جي ٻولي عجب سهٽيءَ سِکي هي جيپ ٻنا،
سڏ ميهر جا سڄاٽي ٿي ڇڙن جي لار ۾.

عشق کي آهي شهيدن ساڻ ڪا چاهت گهٽي،
يار جي سا تار ۾ آ ديد جنهن جي دار ۾ .

ڪير ڪو تن ڪان لنوائي ۽ ڇڏائي جان ڪير،
پوپريون لالچ سنديون ڇمڪن دنيا جي چار ۾.

عشق ۾ احتياط ڪهڙو، منهن ڇڙهڻ آ موت جي،
وِيو ٻَچي تَوڪَلِ جي تُرَهي، هونئن سڌو هو مار ۾.

◈

توهان جي ئي اڇڻ سان سج، توهان سان چنڊ ۽ تارا،
توهان ريءَ ڪئين دنيا هوندي ۽ هوندا ڪئين اسان پارا.

نہ جي آگم مندن ۾ ٿيا، تہ پوءِ مِينهَن سندي موسم،
وسائي مينهن ڪئين سگهندي، پُڇَڻ چوسُولَ ۽ چارا.

نہ ٿي ساوڪ پٽن تي جي، تہ نچندا مور ڪئين آخر؟
ڏڪي ڪا ڏيل تن سامهون، ڪندي ڪئين چاڳ ۽ چارا.

نہ ڪا ڍولڪ نہ ڪا چَپڙي، نہ ڪو موهن مَڏُرتا سان،
تہ پوءِ جهومي ملنگ ڇاتي، هٿن ڪي نينهن جا نعرا.

اسان جو عشق آتڻ ۾ بٽي پئي بحث جو موضوع،
اسان جا نيڻ لڙڪن سان، ڪجاڻ اُتِ پيش تاسارا.

پرم جيئن سونهن جو رهجي، امانت عشق جي ئيءَ سان،
اسان جي يار محبت ڪي، مچيندا ڪي مچڻ وارا.

علڻُ، آ سا، سندي سُرَ ۾، پري ويو سونهن سانيرجي،
نچن ڪي-نرتڪيون تنهن سان ڪري آلاپ ۾ آرا.

اچا ڍولڪ متي هٿڙا، هنيان عارب هئا مس ئي،
تہ واڪا واءَ مان اُڀريا، وجو گڏجي برهہ وارا.

ويو چارو گهڙي سرمد، ڪڏهن ريءَ ڪاڻ پئي ڪنهن جي،
انهن ئي مست ماڻهن ها سجايا عشق اوتارا.

◈

- علڻ ـ علڻ فقير، مشهور راڳي.
- عارب ـ عارب چانڊيو، مشهور ڍولڪ نواز.

ڪيمَ ڪڪرن جي ٻُڌي ٿو واءُ ٻي واڪا ڪري،
ڪانءَ ٻرپٽ جي انهي منڊ ۾ سوا ٻادل سري.

آهه ساوڻ سڪ ڦولاري مينهن جي منڊ ٻي چئي،
ڪين دوريءَ ڪي ڏسي، دل جي دري ڪولي هَري.

ٻُوهه ۾ آ رنگ ڀريو، ٻُرت ۾ ڪي گل ڦتا،
موڪ مانڊاٽي ڦُتي هَر ڍهر ڪي ڇڏيو ٻري.

ٻَرَس ٻادل ڪئي ٻڊاٽي، ڀورن ڀڪي ڪئي آجيان،
وئي وڪوڙي سار تنهنجي، جا ٻئي ذهنن تري.

سال ٿيا ساجن رُني، ۽ ڪال ٿيا ساوڻ وِني،
جوءِ ۾ ڪا جان ناهي، ڏيهه ٻيو ٿيو ڏڪ ڏري.

انگ تي ڦاتل لتا، چڻ نانگ هر ڪو جيءُ سِنگهيو،
ڏِکَ ڏوگاهي ڏني آ، مال ٻيو ٿو ٻڪ مري.

مينهن اوڪاٽي ڏني ويو، ڏهر آهي ٻوڄ سان،
جنهن مٿان ڏيئو ٻري ڪان، چنڊ جو ٻاڇو ٻري.

مَڪَ سندا ڪانيا ٻري، هر ڪا سُهاڳڻ تي ٻڪين،
مال تاڏون ڏئي مڪٿو، چاهه مان ٻيو ٿو چري .

تانگهه جنهن جي سان حياتي آهه واڳيل اصل کان،
سانوڻيءَ ۾ سو نه موتيو، شال واهُوندَڻ وري.

◈

ويو سگر اُڪري ڪندي، جو، پيو مجر باقي ڇَٽي،
پل نہ ڪو پيوئي ڳڙي، شل هو فقط منهنجي ڳَٽي.

باهہ جي حاصل ڪرڻ لئہ، پاڻُ ساڙن ڪَڪَ ڪندا،
ساهہ سان جي سڪ نہ هوندي، ڪيئن ڪو ڪنهن جو ٻٽي.

منزلون ڏوڪا نٿيون ڏين، جهد جي ايمان سان،
ڪيترا منزل رسيا واپس ڪيا ڪئي آئ۔پٽي.

بودلو من هو اڳئي، موسم ڪيو سو ٻانورو،
حاج ٻي ناهي هنئين ڪي، تانگهہ مان توڏي تٽي.

يار جي سامهون سيئي، منظر ٻٽي پيا مُڏُ-وَتا،
ڪيپ چاڙهيو ڪيپ چاڙهن، نيڻ جيڏنهن ٿو ڪٽي.

سُرت ۾ سولو ڪڏهن موتي نہ ڪو سگهندو، توهان،
آهي گهوماتي وڌو جو، گهاوَ ڪنهن گهري گهٽي.

پيڙ ڪان پو تيل نڪري، مينهن آڙنگ جي پٽيان،
پِيسجي ۾ ماڻ پاتو، ڏس تہ ڪيڏو آ ڪٽي.

بانسريون پونئرن سنديون ۾ ناچ پوپٽ جا هَڙئي،
ڦول ۾ ڦولار ڪا ڇهہ ڇا تہ ڪئي آهي ڇٽي.

ماءُ هڪ جو وِياءُ سارو، هر ڪهين پنهنجا لڇڻ،
مارئيءَ جهڙي ستي ڪا، ماءُ قسمت سان جٽي.

رات تارا سپ سنياري خُنڪ سان ناري چڏي،
واءُ جو جهوتو توهان جو جسم ڇُهَندي پيو وٽي.

◈

ڊهي پيرا ويا آخر، ڳليون پيون نيٽ متجي وِيُون،
نہ هو، جيئڻ بنا هڪ ٻئي، تڏهن پيو ڏس اچا پيا ڃيُون.

تڙيا هئا گل گلابن ۾ متل ها پوپٽن ميڙا،
ڇٽيا جئن پن، خبر پئي ڪا نہ، ايڏو جلد دوريون ٿِيُون.

پها، ڪي پيار جا رڪندي، رڪيون هُئم مس وچي سالم،
جدائيءَ جي جبل آسون ٽِنگهو ساري سموريون نِيُون.

حقيقت هيءَ رهي ناهي تہ آهيون پاڻ پنهنجا ٻئي،
گذاريل گڏ گهڙين، يادون وچي پالڻ رُڳو ئي پِيُون.

چوڻ ڪارڻ اسان ڪا ڳالهہ، پنتي ئي چڏي ڪانهي،
چوڻ سُونهِن نہ جي منهن تي، اسان سي پيو اڳيان تو ڇِيُون.

قتيل پنهنجن هٿان ڏِئي چئہ مُهَڙِ پو ڪيئن ڏارين ڏي،
اسان سان ڪنهن ڪئي گهٽ آ، ميارون ڏِيُون تہ ڪنهن کي ڏيون.

اسان اغيار جي آڏو توهان بابت چيو واضح،
پلاين جي بہ پيٽي نہ آ، ڳٽيون هڪڙيون، پيون يا ٿيون.

وسارڻ جي بہ وٽ ناهين، جلايئي، پوءِ بہ جاني آن،
اسان ٿا پاڻ ۾ ويهي، توهان جون روز ڳالهيون ڪِيُون.

اسان واپس ورائي ڇا، وٺون تو کان ڏنل تحفا،
اسان جا لڙڪ، سڏڪا ها، نہ کي ها ويڙهہ ۾ واليون.

◈

لهي ايري توهان تي ٿي، مٿان جوين نکار آهي،
گلن ۾ ساهه پوندو ئي جڏهن هوندو بهار آهي.

چڙهي جئن وير ساموندي ڏسي چوڏهينءَ سندي چنڊ کي،
تئين منهنجو جيا پو آ، توهان سان ڇو تہ پيار آهي!

ڪنين جا درد پيي دارون، تہ ڪن جا سور سک کان وڌ،
ملي جي ٿياس مقصد لئہ، گلن جو سو بہ هارُ آهي .

جهين لئہ جهد ۾ گذري، سموري عمر آ پنهنجي،
اسان جي موهہ جي منزل، پرينءَ جو ئي تہ پار آهي.

وڃن ٿا نينگ تپ ڏيندا، الڙهہ جوانيءَ مَڳيءَ واري،
نچي هي نينگرا نڪتا، پڇي ويو جو ليار آهي.

فقط تون مان مليا ناهيون، وڇان هن ولر ساري جي،
پلي جهمريون هڻن، آيو جنين جو جيءَ جيار آهي.

توهان جي ڪين پهچڻ تي، ڏٺي منڊ کي ويو معنيٰ،
اسان جي تانگهہ جو تُرَهو، توهان ڏي ٿيو تيار آهي.

جسم اڇڻي ۾ وڃڻي وٽ، انهي جيٰ وس پڇڻ ناهي،
فقط ٿو خيال پهچي اُت، جتيٰ دل جو ديار آهي.

چندرما کي ڪري پيالو اڳينءَ جو رات پيتوسين،
اسان کي هاڻ پيي ان راتٰ جو ساڳيو خمار آهي.

◈

اسان ڏي هلي تون اچين اوءِ جي،
تہ چو روز جاڳي پيو روئجي.

پٽي سونهن ان جي تي نڪري تڏهن،
مٽيو هار ۾ تو جڏهن پوئجي.

جي چاهين تہ پنهنجي وَلر سان اُڏي،
تہ پوءِ چو پکيءَ جي کنڀن کوئجي.

گهرين خير پنهنجي جي ريشم سندو،
ڪٿي ڪين ٻئي ڪنهن سندي لوئجي.

غلاميءَ ۾ جيئي اِئين آدمي،
ڪلهن لاش پنهنجو ڄڻين ڍوئجي.

حياتيءَ نہ آئيس تہ چا ايچپو،
اچي تون پڳين مون مٿان پوءِ جي.

ڏني ۽ وتي داغ پيا ڌوپجن،
دلين داغ مورئون نہ ٿو ڌوئجي.

اسان کي توهان آ ڪيو ايئن صفا،
چڙي جيئن ٿو سارين ڪٽو سوئجي.

◈

سپون ۾ ڪوڏ پيرن ۾ سمنڊر جو ڪنارو آ،
مٿان جهڙ جا ڪڪر جهومن عجب جهڙو نظارو آ.

هٽن جهمريون پيون لهرون بحر آچي ٿو خوشبو پيو،
صبح ساجهر پتڻ هن تان مٿيو شايد هو پيارو آ.

انهن ڪوٽن ۾ ڪنگرن تي هزارين توبچين پهرا،
پچي ويو سونهن جي نگريءَ ذهن ۾ چڻ طيارو آ.

سنيارن آهہ ساڙيو ائين، اڪن پن جئين سڙن پاري،
سچڻ جي سار جئن سرتيون، ٿني پيو هيل سيارو آ.

جهتي ٿو باز ڪئن جهرڪي، جهتڻ اُن ڪي سيئي جاٽن،
ڪنيو جئن نينهن ناپن سان، ڪَنيڙُ اُن جو نيارو آ.

تڏهن جهاتيون آهي وجهندو اسان جي ڏيلَ مان منڙو،
اچي ويندو اڱڻ تي جي ڪڏهن ڪو جيءَ جيارو آ.

پشم ڪان وڏ اهي ڪُنئرا نرم نازڪ نبل جيڪي،
پِتوُن ٿي پير سي پوندا، پَهَڙُ جت چوٽيارو آ.

پنيا ٿا ياد ڪن اُن ڪي، وطن سان ڪيل وفا خاطر،
نہ ڪو ڪنهن جو ڏنل وائنل نہ ڪوئي ناميارو آ.

◈

وجهي ٻانهن ۾ ڪولاٻا، اجهي ها جهومندا آيا،
جنين رشتا ڇڏيا ناتا، اجهي ها جهومندا آيا.

وَڻ ويڙهي وَئِي ويڙهي سڄو هي جسم سورن جي،
اسان جي دل سندا اُڌما، اجهي ها جهومندا آيا.

تڪيو آ خاڪ جن جو ئي، آجهو اوچڻ انبر سمجهن،
نہ جي ڪٿ ۽ گهرن هنڌ ٿا، اِجهي ها جهومندا آيا.

ڪيو آجيان سڀئي گڏجي، انهن جي اِڱڻ آمد تي،
مٿائي جن ڇڏيا ويڇا، اِجهي ها جهومندا آيا.

اڏيءَ ڪئي آڇ ڪهڙا ٿا، مرڻ مارڳ مٿي چاهن،
پُڳا هڪڙا تہ پويان پيا، اِجهي ها جهومندا آيا.

ڪئي ڪلهہ پاڻ ۾ پتنگن، هئي ڇُڻ ڀُڻ پڇڻ خاطر،
جئين ڏياريءَ ڏيئا ٻريا، اجهي ها جهومندا آيا.

سُنَتَ سهڻيءَ سندي پارڻ، نسنگ نروار تي بيٺا،
نہ ڪا سيڻهہ نہ سانداراء اجهي ها جهومندا آيا.

ملنگ اظهار محبت جو، نچي نِرتَئون ڪندا آهن،
لڳا جيئن پير تي ڏَئونڪا، اجهي ها جهومندا آيا.

ڪُلي جيئن ڳالهہ محفل ۾،توهان جي ئي اچڻ جي هئي،
اڪين مان اڻ چيا ڳوڙها، اجهي ها جهومندا آيا.

جڏهن ميدان ۾ مردن، ڪئي هوڪار ايندو ڪو،
ڪُڏائي چاهہ مان چانگا، اجهي ها جهومندا آيا.

پيا ها پَئِنڊ چانگي ڪي، ۽ راتي ڪي وچڻ جي جهلَ،
جهلئي ها ڪين سي جهليا، اجهي ها جهومندا آيا.

◈

گهڙي تي چِٽ ڪنير ڪيڏيا نہ اُلڪو هوس آويءَ جو،
جَنڊيءَ پاڳا گهڙيا واڍي، نہ ڪتڪو جنهن کي پانهينءَ جو.

وفا عيوض جفا تہ وٺ، هلي قانون ڪورٽ جو،
جتي منصف آ خود ماري، ٿئي ڪيئن داد دانهينءَ جو.

پيالو خوبصورت آ، وڏائي تہ نشو مڌ جو،
ائين ٿيندو، جهين چکيو، مزو هوندو نهائينءَ جو.

چِٽيءَ چانڊاڻ سان گڏجي وڏائي سونهن آ گلڙن،
سنڌءِ آمد وڏائيندِي، مزو منظر تِهائينءَ جو.

ڪتين کي پَٽِنڊَ پائيندي ۽ تيڙن کي رهائيندي،
اچڻ جي وقت ڪُٺُڪو آهہ، رهندو رات وهائينءَ جو.

ولر چاهِيُنِ جيان اُڏري، ڪکر ڊوڙن پيا اُپ ۾،
ڏِئي چنڊ کي ٿو جڙ اوڍر، پلئہ چادر ڪو چاهِينءَ جو.

ڱلن تي پُيون ڦُٽي ڳاگيون، اڪيون هر ٽيءَ ڏنيون تحفو،
چپن تي رس ۽ رنگ گڏيل، لڳي ٿو ڪپيل چاهِينءَ جو.

جڏهن ڪاَن تہ چيو آدم، اصل ۾ ڳجهہ آ تنهنجو،
تڏهن ڪان پيو ٿتي جهڳڙو، سنڌءِ آهينءَ ۽ ناهينءَ جو.

◈

1. چاهِينُ: نيري رنگ جو پکي جنهن کي چانهہ ڪري پوڪاريو ويندو آهي.

گلن جي نيڪي وزن ۾ ناهي اهو تہ خوشبوءِ جو ڪم آ سارو،
ائين ئي آدميءَ سندي عمل تي آهہ دارو مدارو.

ڪڪر جي رونق بہ پنهنجي پر ۾ ڪا گهٽ تہ ناهي، رکي ٿي معنيٰ،
مگر انهيءَ جو قدر تڏهن آ ٻُٽن مٿان جيئن ڪري ڦوهارو.

وڻن کي گُڏ ۾ ڏئي هو پاٽي چڏي ٿو اوتي پساهہ ان ۾،
پگهر آ مالهيءَ سندو ۽ رت جو ڏسو تہ ميوو آ ڪيڏو پيارو.

چٽائي ڏس هي چُنيءَ جي چِٽ ۾ آ ڪيئن ڪوريءَ ڀري سندرتا،
سوسيءَ، لونگيءَ، کي انهي جي سوچن ڏنو سندرتا سندو سهارو.

لڳي ويو جنهن کي آ نينهن ناتو، ٻڌائي سگهندو ڇا رنگ انهيءَ جو،
نہ ڪو انهيءَ کي ڪو ماس هڏ آ، نہ ڪوئي ان جو ٿئي نظارو.

تَري جنو تالاب ۾ پيو ٿو، چندرما ٻال آهه چڙ ڪو،
رَچايُون ان سان اسين ٻه رانديون، ٻه ٿي گهڙيون ڪي اچو ته پارو!

ڪٿي وڪاڻو پگهار تي آ، ڪٿي ته ڏاڍن سندي ڏمر ڪان،
شهيد ٿي جو وڃي وطن لئه، انهيءَ جو دل سان لڳي ٿو نعرو.

اسان جا احساس آنَ ڪٽن جيان، چنڊي چڙي تو رکيا اکين تي،
اڃا نه جنڊ جي خبر هي تو ڪي جسم سنورو ڪيو ٿي ڏارو.

ڏٺيل آ يادن سندن گلن سان، چڪي ٿو چقمق جيان بدن ڪي،
چون ٿا جنهن ڪي جنت جو رستو، توهان جي گهر جو لڳي ٿو چارو.

اڃا ته واڍوڙڪي منهه تي سڏيو نه ڪوئي پيو ويو آ،
اڃا ٻه تاريخ جي گسن تي فقط ڇا رهندو اسان جو وارو.

◈

چوين ٿو، اڇان ٿو، اچين ڪو نہ ٿو،
’نہ ايندس‘، ايئن چئي ڇڏين چو نہ ٿو.

اسان پاڻ ماري ٻہ سگهئون نہ ٿا،
ڪيون ڇا پلا ڏين جئڻ جو نہ ٿو.

جڏهن پاڻ پاٺهين ڇڏي تو ڏنو،
پڇان آءٌ تو کان تڏهن پو نہ ٿو.

سُڪي ٻٽ ٿيا وڻ ڇٽيو ٻور تن،
لڳي توڙي ڪو ئي ٻہ جهولو نہ ٿو.

انهن جي لَڏِي سار ڇو ڪنهن ٻہ ناهہ،
ليي جن ڪي اوڇڻ ۾ اولو نہ ٿو.

پنهونءَ ڪي سا،ماٽي نہ سگهندي ڪڏهن،
پُڇي رڻ اندر جنهن ڪان رولو نہ ٿو.

سڄي جڳ کي ڏيندو رهي روشني،
ڍِڪي چنڊ ڪڏهين ٻہ چولو نہ ٿو.

ڪُپت پاڻ ڪڏهين ڪئي ڪا نہ جنهن،
ٿئي.ان جي ليکي ۾ پولو نہ ٿو.

جهين تي اکن ۾ چکن ٿو ٿئي،
ڏِسي عيب تنهن جا ٻہ ڍولو نہ ٿو.

◈

اُڏن ائين ابابيل آڪاس ۾،
وڃن جڻ تہ پکشو ٿا ٻنواس ۾.

اڃي روز توڙي ڪڇهريون ڪري،
تڏهن پي رهون ٿا سندس پياس ۾.

چنبيليءَ جي خوشبو اڳي ڪان بہ اڳري،
سمايو بدن جڻ سندءِ واس ۾ .

ڪندو نيت تڪيو اسان جي تڏي،
اڃا ٿا پيا جيئون انهي آس ۾.

سچي فال ٿي ڪا نہ چو آ سگهي،
رهي ڪا ڪسر ڇا اڃا ٻاس ۾.

ڇُتي جند پئي جيئن جدائيءَ منجهان،
ڪريو يار تڪيو ڪٽي سواس ۾.

چندر جي رڪاڊن سان يادن سنديون،
ڪُپي جڙ تہ ميخون ويون ماس ۾.

ائين ئي گذر ٿي وئي زندگي،
يڪو ئي اسان جي پرين ياس ۾.

اذيت جو عادي جڏهن کان بڻيو،
تڏهن کان ڪمي آ سندس قياس ۾.

نہ منزل ملي ٿي سگهي جي تڏهن بہ،
نہ گهٽتائي گهرجي ٿيڻ تاس ۾ .

ڪـڙي اُڏيـڙي ڦـٽـن مـٽـان تـون پـلـي ڪـري ڏس شـوق پـورو،
اسـان انهـن ئـي ڦـٽـن ڪـي ارپـي پـنهـنجـو جيـون ڇـڏيـو سـمـورو.

رڳـو عمـل ئـي ڪـري ٿـو ڪـٽ ۾ لڳـائـي ڪـاٿـو ٿـو شخصيتن جـو،
انهـيءَ جـي اڳـيـان اُتـم نـہ آهـي، هـجـي جـي ڪـارو ڪـٽـي يـا ڀـورو.

سڪـت سموري لڳـائـي پنهـنجـي مسـيـن پـڳـا هـون قـبـول پـئـي شـل،
وجـي رهـيـو آ رڳـن ۾ بـاقـي پسـاهُ پـنـهـنـجـو بـہ پـورو سـورو.

انهـيءَ ڏي گـهـوريـو سـيـن سـتـارن انـبـر منجـهـان آهـہ رات جـاڳـي،
سـتـل چـانـدنـيءَ ۾ جـا ولـهـہ تـي، چـڳـن ۾ ڏٽـيـل چـنـدن جـو چـورو.

اسـان جـي وس هـو ڦـُٽـائـي گـل ڦـل سـنـدر بـنـائـي ڇـڏيـون هـا ان ڪـي،
مـگـر هـي ڌرتـي، هـٿـن مـان نـڪـري، صـفـا ئـي بـنـجـي وئـي آ ڪـورو.

امـن ۽ سُـڪ جـو ڪـٽـي فـريـضـو، جـهـد ۾ ڪـي ئـي ڪـٽـيـون حـيـاتـيـون،
انـيـڪ جـنـهـن لـئـہ شـهـيـد ٿـي ٿـيـا تـڏهـن بـہ رهـجـي ويـو اڌورو.

ائـيـن تـہ مـوهـت اوهـان تـي ٿـيـٽ اوهـان جـي رس لـئـہ تـڪـن پـيـا پـئـونـرا،
ڏِنـوَ ڇـا هـن جـا جـو هـٿ ڪُـومـل، تـڏهـن ولـيـن مـان ڇـٽـيـؤ انـگـورو.

سـڄـي رتـوڇـاڻ ٿـي آ ڌرتـي اجـا اُجـهـي نـاهـہ اچ جـنـهـن جـي،
اوهـان جـو ڪـيـسـيـن هـي راڄ رهـنـدو، سـڄـي ٻـڌائـي ڇـڏيـو ڪـلـورو.

◈

رڻ اندر رابيل ڦٽندي تو ڪڏهن آهي ڏٺو،
وِڪ ڪٽڻ ريءَ پنڌ ڪٽندو، ائن ڪڏهن آهي ٿيو.

هونئن تہ مک چک ساڻ سيئي مڙس ماٺهو پيا لڳن،
پئي خبر تڏهين جڏهن ڪو واهپي ۾ آئيو.

رات چيڙي تار تارن جي تہ جهوميا وڻ بہ ها،
راڳ سيندين ۾ سمائي واءُ ڳائيندو ويو.

چنڊ جي اوڍر بڻيو آ ميگهہ جيڪو ٿا ڏسو،
’رات‘ ڏاڍا وس ڪري هي چنڊ جو چولو سِبيو.

جيئن پريميءَ، پريميڪا ڪي، رڻ اندر رولي ڇڏيو،
تيئن چنبيليءَ چنگهہ ڪئي، رابيل پي روئندو رهيو.

اتر جي اوتن تي نسريل پاند نچيا سرن جا،
نيڪ گذريل مند انهيءَ ۾ ساڻ مون ساجن هيو.

چاندنيءَ چوڏس اندر هو دور تائين گس چٽو،
چنڊ ڏي ڊوڙيو چڪورو، مون پئي تو لئہ تڪيو.

ڪالهہ تو ڪي ننڊ اندر جو چنڊ ڏي چوريءَ چُمي،
تاڙ جو تاڪُن ڪئي، ڳِرَهَڻِ انهيءَ ڪي اڄ جهليو.

چاندنيءَ ۾ وڻ پپر جي تارچون ڏاڍيون هنيون،
ڌانگهہ جنهن جي هو تپايو سو نہ پر پائي سگهيو.

سج لٿي سيتيون هٽي جيئن ريل گذري هئي پريان،
وٽن مان پڙڪو ڏئي ۽ ولر پکين جو اُڏيو.

◈

ڏونگرن جا ڏاڍ ڪيسين هي ڏکيون سهنديون پيون،
پوءِ بہ گهرِجائون فقط هون، وندر واڪينديون ويون.

سوڪ سنڌوءَ جي بنائيندي هئي منظر عجيب،
پيٽ تي جهومن ڇَها، ڪپ تي لهن لائون ليون.

ناوَ پنتان ناوَ خيالن جي اچي سوچون ڪنيون،
ذهن جي ساحل مٿان لنگر پيون ڪن نت نيون.

اڏ ڪُتل ڪو جيءُ جئين جيئي نہ ڪوئي ٿو مري،
اڄ جو ماڻهو ايئن ٿو پوڳي، پوڳنائون اڻ ميون.

اڄ بہ منهنجي جيئڻ جو ڪارڻ وڃي آهن بچيون،
جي تڪيون توڙي منيون تہ منهن مقابل ٿِي چيون.

چنگ چڙن چونگاز پنهنجي ڏار سان پئي گونججي،
مال موتي ويو ڇڏي آ ڳس مٿان رائو، ريون.

ويل هر ڪنهن چوچڙيون يادن سنديون ساڙين ٿيون،
چو ڪمهلو ائين هليو وئين ڏيل تي هي ڏنپ ڏيون.

ڇا تہ ميخون محبتن جون مرڪندي پنهنجي هٿان،
ڪين نڪرن ٿيون ڪهين ڪان جي هنئين ۾ تو هنيون.

چو تہ مهٽن جو ملڻ، دستور آهي پيار ۾،
تنهنڪري طعنن سنديون ڪلندي وتان ڪاريون ڪنيون.

منهن منجهان ويئي اڏامي مرڪ، ڳل پيلا ڪري،
چيڙهہ ۾ ٿيون چڪ چڳون ۽ رت وَيُون چوسي جيون.

ديس جي آ عشق جو جن تئہ چڪيو هڪڙو دفعو،
ڇا ڪندي پي باهہ تن ڪي تاب تنهنجي جي تيون.

◈

ايـتـرا هـي روشـنـيءَ ۾ رنـگ لـڪـي ڪـاڏي ويـا،
هيـڏڙي شيـشي وري ڪيئن ڏار سي ان مان ڪبا.

ماڪ جا ڪترا گڏي مون مٽ پري هئي مَس اچا،
ڪو نـہ پنتي ڪو بچيو، ها مٽ منجهان سيئي وهيا.

پيار جا پل قسمتن سان، ڪنهن جي آسڻ تي اچن،
ڪين ڪنهن جا اڳ ڏنل ها رات جي مون وٽ رهيا.

ناٿ سان جن نينهن لاتو دوارڪا ڪي دل ڏني،
ويا وري هنگلاج ڪان، ڪابول ڏي ڪن ـ ڪٽ ڪهيا.

سچ چوڻ ڪان جو نہ مڙيا، ڪوڙ تي ڪتڪيا تڏهن،
تـاَمِ قـاسـيءَ جـي مـتـان، هـر دور ۾ آهـن تـهـيـا.

لفظ لڙڪن ڪي بنائي، ساهہ سان سٽ سرجـي،
منهنجي اُڏمن جي عڪاسي، شعر ڪن جي مون چيا.

تون پيلي پنجوڙ پائي، وَس ڪري اوندهہ رهاءِ،
پر نہ اوندهہ ساڻ ٺهندا، هي ڪڏهن پرندڙ ڏيا.

صبح جو سورج مڪي، سج ڪي سلامي ٿا ڏين،
شام جو گڏجي ٿا پائن، سج لهندڙ ڏي ليا.

◈

جِئين ڪاٺ چيري ۽ ڏاري ڇڏيُئي،
ائين يار مون کي بہ ماري ڇڏيئي .

ڪري ڪار پاٽي جِئين لوڻ سان،
تِئين ماس سارو ئي ڳاري ڇڏيئي.

پَتي جيئن ميٽي ۽ ميسارجي،
ذهنَ مان اِئين نانءُ واري ڇڏيئي.

ڪتان جو رهيو ناهہ جيون هي هاٽي،
ائين زندگي جڻ تہ ڪاري ڇڏيئي.

نگاهون ملائي ۽ ڪيڪار سان،
ڏئي تول ٻارن جان تاري ڇَڏِيُئي.

وڳا ويس پائي پٻن تي هلي،
ڪري ٻتُ اسان کي بيهاري ڇڏيئي.

ڏنو جڻ تہ موکيءَ متن مان پري،
نگاهن منجهان پيگ پياري ڇڏيئي .

مڳي ڏئي جوانيءَ سندو مڌ ويو،
ڪٽي نيڻ جڻ ئي نهاري ڇڏيئي.

اسان کي ڇڏئي سال ٿيا، پوءِ ڇو؟
اٿي جڻ ويس، پيگ هاري ڇڏيئي.

◈

رهي راند ڪيئن جنهن ڪي پنهنجي اِتي نہ آ،
جهين راند جي سِتَ اجا پي سِتي نہ آ.

رَڱِي هونئن تہ ڪيئي، رڱي ڪو تہ هيئن پي،
رَڱِي جيڪا هالار، ڦاتي، ڦِتي نہ آ.

جهين ۾ اسان جو حوالو ڪو ناهي،
اها هن جي گهر جي يقيناً گهتي نہ آ.

وڏيو جنهن ذهن ڪي ڪنير جو هئو ڪم،
لَڳي چو انهي جي هٿن تي مٽي نہ آ.

اها شعر جي ست صفحي تي لکيل آ،
هڏن ماس جي ڪائي ڪوري ڳِتي نہ آ.

ڪنيون روشنيون سَوَيلي ڪا اڄي پئي،
سچائي ڪان وڌ ڪا ٻہ ٻي شئي چِتي نہ آ.

سڀن لاءِ قانون ساڳيو تو سونهين،
هَلئي رَوَش ڪنهن سان ٻہ سگهندي ٻِتي نہ آ.

انهي ساڻ نظرياتي ناتو رڳو آ،
انهيءَ ڪان سوا ٻي ڪا مائِتي مِتي نہ آ.

فقط نقش مورت آ هڪ ئي ذهن تي،
ڪيم وس پر ٻي اڃا ڪا چِتي نہ آ.

اسان جو نہ مذهب محبت سواءِ ٻيو،
ڪئي زندگيءَ ۾ ڪنهين سان ڪِتي نہ آ.

◈

ڏسو مرڪ چڻ پئي آ تانگر تڙي،
تئي گل جئين ڪا ئي مڪڙي ڪڙي.

پري ڪان جو چادر تي اوڙهيو اچي،
لڳي چنڊ هٽي آ چڏي جڻ پڙي.

سڄو جسم جرڪيس ابرڪ جيان،
لڪائي نہ پاڻي تي پئندي نڙي.

اسان جو انهي سان رويو ائين،
هٽي دم نہ شهباز سان جئن چڙي.

اهو معجزو آ مِهر جو سڄو،
جو ڪِڙندڙ بہ ڦر تي پوي تي مڙي.

تڏهن سي ٿيون گهوري ۾ مون ڏي تڪن،
جڏهن ڳالهہ تنهنجي پوي تي چِڙي.

وسامي ويس جو اچانڪ ڏٺم،
گهڙي ساڻ پنهنجي ئي گهر ۾ گهڙي.

وري هيل ساوڻ وڏي وَس ڪندو،
ڇِپَرَ ڪي ڇمَرَ ڪان سَبَرَ ڏي ڪِڙي.

چون ٿا اُهو پيار ٽُٽندو نہ پوءِ،
جڏهن ڪنهن سان تهبو وري آ وڙهي.

◈

اسان ڏي اچين ڇو نہ تو تون اڙي!
وئين جيءَ ۾ جادو ڀلا ڇو جڙي.

هوا تي سجي راتِ لڏندو رهيو،
ڦٽائي ڇڏي ننڊ ڪِڙڪِي ڪڙي.

پڇين پيرويءَ ڪان تو ڇا لئہ ڀلا؟
ڇيو چنگ ڪي ڇَمَڙ ڏيئي ڇڙي.

نہ ڏُيَندي آ جيڪا بہ ڦر ڪان سواءِ،
انهيءَ ڪي وچي پوءِ ڪبو آ ڪَڙي.

ٻين پي ها پاتا، مگر پائي هُنَ،
ڏني سونهن ڇا پولڪي ۾ پڙي.

پڪي گهور ان جي متان پيا تين،
ڇنڊي هوءَ ساريون پئي جيئن ڇَڙي.

گڏا گاهہ جا مال لئہ سِرَ تي ڍوئي،
پئي نَنمَن ڪان چوتيءَ پگهر ۾ ٻُڙي.

سڄو ڏينهن ائين تندهيءَ سان ڏسي،
تڪي پوک تان، جهار جيئن ڪو تڙي.

پُڇن هَرڻَ هِرڪي تہ ڳهٽي جيان اک،
خبر ناهہ ڪهڙي آ گهاڙوءَ گهڙي.

ائين جيءَ ساڙي پئي جهوري جِئن،
دُکي يار ڪاتي ڪا آلي سَڙي.

پَتي واءَ چو وار سُڏڪا پري،
اُباڪُون ڪري سانت چو پئي رڙي.

ڏهاڳڻ وڏو وهم جو ڪنهن انهي ڪي،
نہ ڪوئي گهرائي، نہ ڪو تي لڙي.

◈

سمنڊ-وير چاهي ڏٺو چانڊنيءَ ۾،
ضروري نہ آ ڪو سبب دل لڳيءَ ۾.

چون ٿا تہ دانگيءَ مٿان رت وري ٿو،
سچائي ڀلا ڪا رهي آ انهي ۾!؟

ڳنڍي ڪوڙ ڀيرا ٽٽي ڪي آ سگهبو،
ڳنڍڻ جو ذريعو نہ پر دل ڀڳيءَ ۾.

رڱيا لعل موتي ها رنگين ڳوٽن،
لُڏِي ٽور تي ٽَئُونرُ سونهين سڳيءَ ۾.

ڇَڏِين ننگ آرڻ جي ڪارڻ، ورن شل،
ڀنڀرڪي مهل جي هليا ويا ڀِنيءَ ۾.

اهو هڪ ئي منظر آ حاصل عمر جو،
نهاري، نظر ترڇي موڙيئين مڱيءَ ۾.

امن لاءِ ايڪو ڪپي تو دنيا کي،
ڳنڍڻ ۾ جڙي ڳالهه، ڇا هي ڇنيءَ ۾.

ائين قوم جي فرد کي گهرجي پاڻئڻ،
جئين ننگ جي ساڄهه آ هوندي تنگيءَ ۾.

بهادر ۾ آزاد جيئڻ روح جو گهر،
غلامي ڪندي گهر تئين آ ڏنيءَ ۾.

هي فنڪار جي ٿوڪ جو ئي اثر آ،
ٻٽي درد جو بين پيو آ، وڳيءَ ۾.

◈

مور موتڻ جي ڪري هوءَ ڇيڳري ڇوري نہ ٽي،
سينڌ جو جنهن سُنهنُ ڏنو بلڪل مُڙي ڀوري نہ ٽي.

مون ڪُتايا سپ سڪا ۽ ماڻ جي ماپڻ سندا،
پريت، محبت سچ پڇو، مون ڪان ٽِئي توري نہ ٽي.

موتئي مهڪار ۾، ٽي رات ڪلهہ مون ڪان پڇيو،
پير ۾ گجدي وجهي گهر ڏي اچي گوري نہ ٽي.

آ ڪَتي آٽت ڏئي وئي، وس تيڙن ڪيا وڏا،
چين پائڻ مورڳو ڏِئي لونءَ سندي لوري نہ ٽي.

جنهن جي پائڻ لئہ ٻَريون، جِن مَلڪ ڀي ڪوشان ٽيا،
سنگّ اهڙي لاءِ تو ڪان جان ڀي گهوري نہ ٽي.

نيڻن وارو تپ انوکو ٿو رهي جڪندو سدا،
مون تہ ڪوشش ڪئي، وجي پر جان مان جهوري نہ ٿي.

هڪ طرف چوگان چاري، ٻئي طرف هو ٿا سڏن،
من متو ماندان، نيري ڳالهہ هيءَ ڳوري نہ ٿي.

مون ڪُنڊي ڪلين آندر آهي ڪُپائي خُوش ٿي،
ڪيئن ساهي چئہ ڪٽان، ساهي ڏئيءَ ڏوري نہ ٿي.

واءُ پيو هَر سُو گهلي، جهونڪو ڪنيون ويندئي ڪنيي،
ٿي پٽر جيان پاڻ پيڙو، ڪيهہ جي ڦوري نہ ٿي.

ڪو تہ گفتوريءَ ملهو آ، ڪو ڪٿڻ ڪان پيي وڏو،
ڪو وچن جو رک وزن، هلڪي رڳو هوري نہ ٿي.

◈

ڪري ڇهل قدمي اندر ڇت ڇُري ٿي،
تہ ٿي ذهن ۾ حَل، هِينئن ۾ هُري ٿي.

ڪري گيت جي گونج ان ۾ سندس ئي،
تہ ٻولن جي آڳنڊ تي، آهٽ ٻُري ٿي.

ڇهي جيئن نرم آ، سڏي هڏ ۾ ڪاٺ،
لڳي ٿو گلن پاڙ ۾ جڻ ٿُري ٿي.

چنبيلي جي خوشبوءِ صبح هير ۾ جيئن،
تئين ساهہ ۾ هوءَ صَرِيحًا سُري ٿي.

اهو فن اٿس جو سندس سارا جذبا،
ٻري پور هڪ ۾ ڇڏي جڻ ڇُري ٿي.

جڏهن بوند برسي ٿي ۽ بس ڪري ٿي،
تہ پوءِ پور هر هڪ ۾ هوءَ ئي پُري ٿي.

تڏهن ڊيل ڪي ناچ جي آس جاڳي،
جڏهن پيگ پي ٽُن ٿي ٽِلندي ٽُري ٿي.

فقط ڏيڻ ڄاڻي ٿي، ننگري سنڌوءَ جي،
نہ توکان گهري ڪجهہ، نہ مون کان گهري ٿي.

امن جي پکيءَ کي هو ڳولي ٿو ماري،
انهيءَ تي ڪڏهن دل بہ ڪنهن جي ڪُري ٿي.

تڏهن آڻ بي گهر ٿو بنجي پوان جو،
جهڳي جهڙ ٿيل ڪا ڪتي جي جهري ٿي.

چون ڪوڙ کي سچ، ڏتل وائتل جو،
اها ڳالهہ پو چڻ اسان کي ڦُري ٿي.

◈

تو تہ چيو هو، هُوءَ بہ ايندي چو نہ اچا پو آئي آهي،
'سوچن ۾ موجود' نہ هوندي، سئو فيصد ڪا جائي آهي.

حالت هر هڪ ماڻهوءَ سان آ، هن سماج ڪئي جو تي پيو،
ڏِڻ، پرولي جيون ان جو، تئونر سندي جڻ تائي آهي.

جهد پتي ۾ ماڻهوءَ جنهن لئہ آهہ سڪون وڃايو تنهن،
سانيہر مون ڪي آ تہ حياتيءَ ڪنهن سان ڪا نہ نيائي آهي.

پيو تہ وڪامي پيو ٿو سڀ ڪجهہ محبت ويڪو مال نہ سمجهو،
آ بي لوٺ اهو لاڳاپو پريت نہ پئسو پائي آهي.

نڌڪي دُنيا بيوّس ماڻهو، قدرن جي پئمال ٿيڻ تي،
اوچيئڙي جيان مايوسي ئي هر ڪنهن من تي ڇائي آهي.

اوڏر جي نـ ماءُ مُئي پڻ واپس ڪيئن بـ ڪـرڻي پـونـدي،
ٿـورو لاهـڻ گـهـرجـي جـيـڪـا ڏرتـيءَ جـي تـج ڏائـي آهـي.

ڪا نـ مـجـي احـسـان ڪـهـيـن جـو ڪـم پوڻ تـي ڪـاٽـيـاري آ،
اهـڙو رويـو ان ڪـان پـڄـنـدو ڇـو تـ اهـا پـوڊائـي آهـي.

گـم ٿـي ڪـا ڏي گـڻ ويـا جـو، سـئـو ڪـوهـي جـڻ سُـڄُ لڳـي تـي،
مـارئـيءَ، مـومـل، سـهـڻـيءَ جـهـڙي، ڪـا نـ وري ڪـا ڇـائـي آهـي.

آهـ حـيـاتـي هـڪـڙو پـيـرو، جـيـڪـي ڪـرڻـو آهـ انـهـي ۾،
بي حس ان ڪان وڏ پي ڪـهـڙي گـهـورنـ ڪـنـهـن جـا گـهـائـي آهـي،

قـومـي سـوچ ۾ جـيـئـڻ جـو حـق، پـنـهـنـجـو آ مـنـشـور اهـو ئـي.
سـچ فـقـط هـي هـڪ ٿـو سـمـجـهـان بـاقـي ڏوڙ ۾ ڇـائـي آهـي.

◈

سانوٽين ۾ ناءِ سنڌوءَ تي، پور متان پيو پور هيو،
تون وقت وڃائي آيو آن، ڪلهه ساري ٻيلي ٻُور هيو.

جات جو ميڙو ماري موتيو، قادو مڙس ڪو انت هئو ڪو،
جهڙي چوڏس ساک هي سنڌ جي، تهڙو ان جو تُورُ هُيو.

سُن تي سوچڻ بيٺو گذريل جڙ تہ وهيءَ جا ڏينهن هيو،
ٻُورُ ٻياني ساڻ ڳُلهي تي، پيو ڪو اُنَ ڪي ٻُورُ هيو.

ڏپ ڪري ۾ ڪٽ تي مرندي، ماٺهو هن ڪي ڪو نہ وٽيا،
ٻُرزا ٿي پيو ڪالهہ پٽيءَ تي مڙڻ نہ جنهن ۾ مُور هيو.

ويسهہ گهاتي، پيار ۾ ڏوڪو، هن هو سوچيو ڪين ڪڏهن ٻي،
ڳالھ تي رقيس، چپ تي ڦڙڪيس، چت اندر هُو چُورُ هُيو.

جڻ تہ اڏيهي جسم سڄي کي پورو پئي کيو ڪاٺ جيان،
آراٽي جيان اندران اندران سُرندو آيو سور هيو.

نيڻ ڏَرا ڏئي حال ٿا اورن، مکَ جا گهنج سَلِنِ ٿا سڀ ڪجھہ،
جڻ تہ جُڳَن جي لڳي نشاني، هي جو پوڙهو جهورُ هُيو.

نيڻ اولاري هوءَ نهاري، دَڳ مَٽائي وئي ائين هئي،
ڇال ڏئي جڻ ڪالهہ ڪَکي ويو، نانگ جئين سَنگِچُورُ هيو.

وٺن ٽٽن هي تال ملائي، واءُ بہ چوري ساز ڇڏيا،
ڪوئل جي هن ڪوڪ ۾ ڳايل، پيرو سُر پَرِپُورُ هُيو.

مصور خيالن ۾ هو گم سم،ڪاري بادل جي هو هيٺان،
نيري ويس سان نار سرنهن ۾، ڇانيي منجهہ تَلوُرُ هُيو.

◈

اچڻ جا جيئن ئي هليا هواڻا اڪين ۾ تيئن ئي خمار ايندو،
بسنت رُت جو آ اُهجاڻ جِيئَن ئي گلن ڦلن تي نِڪار ايندو.

جيئن ڪنڊيءَ تي اچي ۽ ڪانگل خبر ڏئي ۽ مٺائي گهرندو،
سواءِ موسم هلي اگڻ تي تيئن ئي پاٺهين بهار ايندو.

جڏهن بہ سوچيو سين پنهنجو نناپڻ، ڪلڻ ڪڏڻ ۽ وِنُدرَ وِرُونهُون،
تڏهن تہ تصور منجهہ ضروري، پڪل اسان کي لِيارُ ايندو.

ڪڏهن بہ معصوم مرڪي ڏسندو، مٺول مکڙو ڪٽي ڪهين ڏي،
پلي هجي ڪُنڊُ ذهن ڪيڏو، تڏهن بہ ان کي پيار ايندو.

وهيءَ رسڻ تي مٺئين سان چاهت اُڪنڊ جيئن ڪا اُڪير ٿيندئي،
سروبدر تيئن، دِليون مَٺِيُنِ سان، مِٺڻُ سَٺِڻَ ڪو مِٺيارُ ايندو.

اسان جا اوسيئڙا اداسيون، ڪنيون ٿا نيڻن جا ڏيپ ٻارن،
اُماس راتيون تڏهن چون ٿيون، تہ نيٺ نجيءَ جو چِيارُ ايندو.

اسان جو منڙو چڪور تنهنجي چنڊ چهري ڏئي چڙهايون،
وڏي رُڪاوٽ وِڏي جي وِيندِي، تڏهن بہ تو ڏي تيار ايندو.

وٽن ۾ ماٺهن، گلن قلن جون گونگيون اُپاڪون گُهرَنِ ٿيون آگم،
ٻُڏي ڏِنڍِن ۾ ٻرن پتن جا، اواڪ واڪا وَلهارُ ايندو.

اُڪنڊ اڏوري ڪري جو پڇندو، انهيءَ ڪان ڪوهين پري وسي ٿو،
اُڪنڊ اٿرائتي ڪبي جيئن پِري تِئين ٿِي پِتار ايندو.

قدر ۾ قيمت عمل ڪٿيندو، توهان ڪي پٽِ تي آ، واس چڏٽو،
خبر انهيءَ جي اچڻ جي خوشبو، بنا آ، هو ڪي عطار ايندو.

◈

ڦري دنيا وئي آ پر نہ آيو ڦير جاڻي ۾،
پلن پيون پيار جون ڳالهيون، ڳچيءَ جي اونئن ئي ڳاني ۾.

اِئين خيالن ذخيرو پيو رهي ٿو ذهن پنهنجي ۾،
پلا بي انت پلجن پيا، پلي جي جيئن آنِيءَ ۾.

اسان جِيوَن چڏيو ارپي مگر پوءِ ٻي الا جي چو،
اسان سان ٿي ءِ گذري آ، توهان جي نگهبانيءَ ۾ .

ٻُنيي جي ٻاهران هي پير تنهنجا موٽندڙ ڏسندي،
اچي هِيءَ دل وَئِي آ حادثي ڪنهن ناگهانيءَ ۾.

ويو ٿي سنڌ عملن ٿان، رهيو جذبو نہ آ جنهن ۾،
پيو سو آ جپو ڳولي ڪرامت ۾ ءِ ڪاڻيءَ ۾.

بقا مشروط آ تو سان اسان جي ايئن بلڪل جئن،
جيا پي جو سچو هي رازُ سمايل آهہ مانيءَ ۾.

صفا آ تانگهہ ۾ تايل ۽ بيوس ياد تنهنجيءَ ۾،
ائين هِي خيال آ تنگيل، ڍينگر جيئن کوپيانيءَ ۾.

پَهِيءَ هي پارَ تنهنجي ڪان ڏني جا ڪالهہ آ مون کي،
سمورو پيار پنهنجو جڻ، سمايل اُنَ نِشانيءَ ۾.

ٿيو هي عشق جو اوچتو، وڏي ڪنهن جهد سان پوءِ ئي،
جڏهن پيتو ڪري دل کي اُٽيوسين خيال تانيءَ ۾.

ننگو چوڏس ڏسي چنڊ کي، چڪوري سوچيو شايد،
عرياني حسن ۾ آ يا، حسن آهي عُريانيءَ ۾.

◈

رنگ شفق سان پيتڻ جهڙو، چپن مٿان جو پان هيو،
جڻ تہ ڇڳو هو گل مهر جو، ڳاڳين جو گُلِدانُ هيو.

ابرڪ جي ڪڻ جسم سجي تي چنبڊ ويو هو ڇٽڪاري،
يا ڪو ڪليل چانڊوڪيءَ ۾ هرڪ جو ڪورو ٿانُ هيو.

چريا بہ جن سان سڏجن سياڻا،اُن جي اهميت اِن مان پڌري،
ڇو تہ گنديءَ ۾ آنَ سان گڏ، هي، رکيل جڻ ايمانُ هيو.

هونئن تہ ڇيهہ پلئون ڀَل ڪونهي،ڪو بہ اُتم نہ آ ڪنهن ڪان پر،
احسن ٿيو هڙ چيز ڪان وڌ پوءِ، اُنس سان گڏ پوءِ آن هيو.

آرس ڀڄندي، اڌ ننڊاڪو، منهنڙو مهتي مُرِڪيو جو،
چَنڊَ ڀِنا هي، ڇوڏهينءَ وانگي، چَمِڪي پيو چوگان هيو.

لڳن ستارا، ان ڪي چمڪي، دانگيءَ ـ ڪل ڄُون ڇِڏِڳُون ٿا،
۽ هن پيٽ ٻُڪئي ستل لئہ، چنڊ بہ ڄڻ ڪو نانُ هيو.

اُپ جي پير مٿان ڄڻ ڏونڪو گجڻ سندو آواز لڳي ٿو،
انبر ـ بر ۾ ويس پيپوتيءَ، بادل پي ڄڻ پانُ هيو.

ڪوبہ سِڪو ٿو، ڪو نہ قبولي، اکين ـ ڪشتي جو بہ عجب آ،
جنهن لئہ ڪو نہ قبولڻ جهڙو، ديد بنا پيو دان هيو.

مٽيون منجهائي نينهن ڇڏي ٿو، ماٺهو بيوس بنجي پئي،
وِيرُ هُيو جو هُونءَ عَقُلَ جو، نينهن ڪيو نادانُ هيو.

پنهنجي رُوءِ سُوءِ ڪا نہ سُڪت آ، چرڻ پرڻ جي جنهن ۾ باقي،
ڪيڏو بيوس هاءِ بَنِيَلُ، هن پونءِ مٿان پَڳوانُ هيو.

◈

رهياسين پل دنيا ۾ جي، آجايا يا سَجايا ٿيا،
ويا ڪي ڪارگر ڪم ۾، الائي سڀ آجايا وِيا.

وري ڪٽڪن ڪيا آئُون، وري پيا ڏينهن موٽڻ جا،
اُهي پاڙج،وڇڻ جي ويل، جيڪي تو وَڇَنَ ها ڪِيا.

نباهيو نينهن ساوڻ آ وڏي ڪا وَس ڪري ٻِنَ تي،
ڪُنڀِيُن جا ڏيک ڏوران ڇڻ، لڻا هي ڍنڍ تي ٻَگهلا.

ڪَٿي ايِئَن انتظارن جي، آذِيتَ جاڳندي نيٽن،
سِناٿو رات پوئين ڇڻ ٻريا مندر اندر ڏيئا.

ستارا نيڻ پٽيو، رات ڳولي ٻونءِ تي جنهن کي،
اڇڻ سان تنهن ئي اوشا جي، شرم کان ٻوٽجي ها ويا.

رُلائي رڻ اندر جواني هليو وئين اڻ ڏٺن ڏيهن،
رلن ڇورا ڇنا سُڏِڪا، ڇُلن ڀِنيُٽيُنِ منجهان ڳوڙها.

ڀڇي دل ٿي، ائين ڪيسين، ڏُنگا هن ڏيهه جا سڀا؟
عمر جا پل پکين وانگي، لڳي تاڙي ڏين ڀڙڪا.

اسان ڏي ڪالهه پٽ تان ڪنهن ڀِڃيءَ آندا سنيها هي،
مُڪِيُون نينڊون ڪيئي ڳانن، ڪَتي جا رنگ سڏن ٿا پيا.

علڻ آلاپ آسا جا،ڪيچيا ڪينر منجهان جيئن ٿي،
چمي نيلون پتائي جون، وِيا ويتل وجائي ها.

تکي راهون تماچيءَ جون، لَڙي نيٽن منجهان جي پيا،
ٻٽي سي لڙڪ نوريءَ جا، ڪنول ڪينجهر مٿان جهوميا.

◈

ديـر ٿـي تـہ بـہ ڇـا ھـہ پـوڄـي گـس ھـٿـن مـان نـاھـہ ويـو،
ان تـڪـڙ ڪـي ڇـا ڪـبـو، جـنـھـن دور، مَـنـزل ڪـان ڪـيـو.

ٻـول ھـڪ تـي گـھـول سِـر ڪـي، پـاڻ ڇـاتـو آ ڪـرڻ،
مـون نـہ سـو اڄ ڀـي وسـاريـو، ڪـن انـدر جـو تـو چـيـو.

تـيـٽ اڪ سـان ھـو نـھـاري، مـوڪـلائـڻ تـو سـنـدو،
پـاڻ ڪـي سـو، ڇـيـت وانـگـي، مـن انـدر ھُـرَنـدو رھـيـو.

تـيـز آيـو واءُ گـھـر ۾ يـاد جـون پـرچـيـون ڪـنـيـو،
مـوٽـنـدي ڀَـئـي زور سـان ويـو تـاڪ در جـا ھـو ڏِيـو.

پـاري ڪـي آرام نـہ آ جـيـئـن پـاڻ ۾ ڦـٿـڪـي پـيـو،
تـيـئـن آپـي ۾ نـہ مـن آ تـاب تـنـھـنـجـي جـو تَـيـو.

چنڊ اٽـڪيـل انـدر جيئن، تيئن اکيـون ڳـولي ٿـڪيون،
تون ھـليو ويـنـدين ائين، ھِـيـنئـڙو مـجي ڪـيئـن آڻ ڇَـيـو.

تنھنجي آمد جوڳـڏي، ڪيئن روڪيـان من رقص ڪان،
پـنـھـنـجـي وس ۾، تـون ئـي چـئـہ ڦـولار ۾ ٿـئـي ڪـئـن مَـيـو.

ڇُـڻـڪـنـدو رھـيـو انـدر ڇِـتَ، ڪـونـج جـي جـيـئـن روھـہ آ،
رات جـي پـوئـيـن پـھـر ۾ ڀَـورُ تـنـھـنـجـو تـئـن ڀَـيـو.

حسـرتـون ويـڙھـي ويـس جـڏھـيـن چـڪـوري ھـو ڏِنـو،
وِيـرَ رسـتـي سـمـنـڊ پـئـي پـيـو چـانـدِنـيءَ ـ مـڏ آڻَ مَـيـو.

◈

ياد جا تحفا رکيا ٿم 'لڙڪ، لاڪر' ۾ پرين!
پيار جا پل، دل جا اُڌما، لفظ ڪاڳر ۾ پرين!

پيار جي هر پل اندر، ڇا ڇا نہ گذريو دل مٿان،
سي سمورا سور ها، جي گيت ظاهر ۾ پرين!

ڇو تہ سپنا ان ۾ سبندڙ پنهنجا ها ٿانڪي ڇڏيا،
ڇو نہ اُپِٽرَنِ پوءِ اُڌما، ڇُرِيَلَ چادر ۾ پرين!

دل هئي نازڪ اڳيئي، پيار پيڙي پوءِ پيي،
رُعُبَ پڌرا ڏِيلَ جا، جيئن نِگهہ ناهَرَ ۾ پرين!

نيڻ نِيندُون تي اٿن ٿا، جئن جهڪائي ٿا ڪَڇَنِ،
سَوَ سنيها ٿا ملن تيئن، مرڪ ماهِر ۾ پرين!

روشــيـــنــن جــا روپ ڏاري، اڪ پـيـچـڻ آهـن لڳـا،
چــنــڊ جـا ڪــرٽـا رهـن جـي رانـد سـاگِـرَ ۾ پـريـن!

ڪاڪ ڪان رهندا پري پوءِ ڪيئن تون چئه سي ميا؟
جــن چــريـا، چــنــدن الاچــي، روز آهُــرَ ۾ پــريــن!

وَس پـچـاٽــا، واءُ ولـيــن، چـانـئـجـي هَـر سُـو وِيـو،
بــود ۾ پــرجــي ابــاٽــا، ڪــلِـن ڪــائـر ۾ پـــريـــن!

آجيان تنهنجي اچڻ جي، ان ڪان وڌ ڪهڙي ڪجي،
وارَ ويـسرانـدي وِڇـايـان، نــيــڻ آڳــر ۾ پــريـــن!

◈

ڪنگڻ ٻانهن ۾، جڻ تہ قيديءَ ڪڙي آ،
هنن سان الئہ ڇو ائين دل اڙي آ.

اها نينڊ نيڻن سندي جيئن سُڻا ڪا،
پر تي منت منهنجي پنيي تي ٻڙي آ.

جي گهرجن تہ ڪئين سال پيي ٽورڙا پر،
گهٽي گهورَ تنهنجي سندي هڪ گهڙِي آ.

سڄي رات راڻو نہ ڳائي ٽڪي هيءَ،
ڳچيءَ ۾ ڳئونءَ جي ڇُري جا ڇَڙي آ.

نہ ايڏو تي مائل انهيءَ ڏي اِئين ئي،
نہ جا آزمائي چَنڊي ۾ ڇَڙي آ.

سڄي سِڪَ آ، تِڪَ مان صاف ظاهر،
اها ڪنهن تہ موتيءَ سان پوتيءَ جَڙي آ.

انهيءَ ڪي نہ ٿو سچ چئي ڪو بہ جنهن ڪي،
اڃــي اڄ بـــ آڌي ڏســو وَئِــي لَـڙي آ.

اسـان ٿـي وهـيءَ ۾ ئـي پـوڙها وِيـاسـيـن،
سـنـدرتـا سـڄـي سـڪ انـدر وئـي سَـڙِي آ.

اِهـا جَـنـبَ تـان آ اُٿـي هـاڻ آئـي،
وئـي جـان جـنـهـن جـي پـگـهـر ۾ ڳَـڙِي آ.

اڃي جيئن ٿو اٿ تي، سڄي جوءِ ٻَهَڪي،
وَٽـي مون ڪي پَـڳ اَنَ سَـنـدي وَئِي وڙي آ.

ڪـٿـي سِـڪَـ وَنـدي انـتـظـارن ۾ آ چـا،
الائـي رات اڄ ڇـو، رُڳـو پـئـي رَڙي آ.

اِنهي ڪانڌ ڪيئي ڪُنِياڻُون روئاريون،
اهـا ان ڪـي پِـچَـنـدي، جـا ڏاڍي ڏڙي آ.

مـيـارون ڪـٽـي هـو ويـو سـر تـي پـنـهـنـجـي،
وئـي پـرت جـنـهـن سـاڻ پـنـهـنـجـي پَـڙي آ.

اڇـو هـاڻ، ڏَئـي ۾ وَنـي يـار پِـيـا هُـون،
اسـان جـهـار جـويـن مـٿـان پَـئـي تَـڙِي آ!

◈

ڏسو ڪيئن تہ منهنجي چِڙِي تي لڳي،
صفا منهنجي مون سان وِڙهي تي لڳي.

ڇُڙڻ جي نہ مون ۾ تي طاقت رهي،
اٿي هن جي اک جي تِڙِي تي لڳي.

وڳي سبز سان سوچ ۾ گم صفا،
پِنيءَ ويل مڪڙي ڪڙي تي لڳي.

ڪري ياد ڇئي گيت جيئن تي سندس،
سُرن ۾ لتا جي نڙي تي لڳي.

ڪُلي واءَ تي در تہ تو سوچيان،
تہ هوءَ گهر اندر ڇڻ گهڙي تي لڳي.

سهيلين سندي ست اندر جو ڪِلي،
تہ تانگر جيان جڻ تِڙي تي لڳي.

سنهي ڏاڀ سان هوءَ رئي جي اندر،
صفا چنڊ هَئين جڻ پِڙي تي لڳي.

مزو گهورَ اُن جي مِ آهي مدم،
سندي پيروي جڻ چِڙي، تي لڳي.

پنين پير وآرنَ جي منهنجي مٿان جڻ،
چپر چانوَ واري ڪِڙي تي لڳي.

وچايل ولر سان، ملي ڪونج جئين تي،
سکين ميڙ سان تيئن مِڙي تي لڳي.

ائين ڇو آن ٽي پئي اکن ۾ چڪن،
اسان جو اڳيئي وچايل آ من،

هلي رات اٿٽهينءَ ۾ جڙ اچين،
تہ چمڪي اسان جو پئي ٿو صحن.

پلڪُ سونهن تان سيرڙي جو کنوڻ،
اُگهي ڪير ڳوڙها روئي ٿو گگن.

ڪيو گيان ۾ گمُ تو گوتم جيان،
اسان جو هو ڪيڏو اڳي من مگن.

ٿلي ڊيل جيئن ٿي، ڏِسي مور ڪي،
انهيءَ تورَ تي ڪيرَ ڇَلندي ڇَلنُ.

ڳچي ۾ ٽي ڳيري جي ڳاني ٿهي،
ڪرائيءَ ۾ ٽنهنجي ٿهي جيئن ڪَنگڻُ.

ڪَئي ڪائناتون ٽيون جهومن نچن،
اچن جي ٽا جوڳي تہَ پيڙِڪي ٽوبَنُ.

ڪلهي ڪونڌرن جي ٿهي ڏس تہ ٽي،
بگيءَ جنهن ڪهاڙيءَ جو ڪارو آ ڳن.

لچڻ سونهن جي جڻ تہ آهن سِراڻِ،
ٿهي واس سهڻو، جي سهڻو وَرَنُ.

چنُنِ مان ٽي پڌجي لَڙيءَ جو چَنَنِ،
پَجَنَ پانئِ ڳائي پيو ٽو مَدَنُ.

◈

سامهون تنهنجو ائين گهرُ ٿو اچي،
جڻ تہ آڙيءَ جي اڳيان سَرُ ٿو اچي.

بودلو بيوس ڦري ٻَستيءَ اندر،
ڏيو پتو ڪڏهين قلندر ٿو اچي.

سڀ حسين هيلا ٿا ڪن، ان کي ڏسون،
تاءَ مان ڪو پيانءِ تَونگَرُ ٿو اچي.

سونهن جون ڪَئي رياستون ٿيون فتح ٿيَن،
عشق ٿي جڳ ۾ سڪندر ٿو اچي.

هو اچي ڀڳوان جي جيئن روپ ۾،
ان جي پويان جڻ تہ مندر ٿو اچي.

سڀ سچيون ئي هيڪلائيءَ ۾ ڪري،
آدميءَ سان پنهنجو اندر ٿو اچي.

ڏس تہ وڻجاري ٿِي جِت واڪا ڪري،
جهٽَ پلڪ اُت بيهہ، بندر ٿو اچي.

سڀ سيتا جو ائين آ انت ڇا؟
ڪنڌ، ڪنڌ ۾ جيئن ڪنڌر ٿو اچي.

جڻ تہ سندر مُک اڳيان پردو هجي،
ڇهچ ميوي جي اڳيان جهر ٿو اچي.

◈

ڪو گهڙو، سِيڙهَه، سنداروءِ نه ڪو ڪُنَڀُر پڇي،
خيال سُهڻيءَ جو سنڌوءَ جو ٿو سدائين جَرُ پڇي.

چو رُسي مون کان ويو، ڏِئي ڪو پتو اڄ ان سندو،
روز هي پڳوان لئه مون کان پيو مندر پڇي.

هُئڻ پنهنجي جو پَتوءِ اهميت ڪجهه پي نه آ،
سبب مايوسيءَ سندو هر هر ائين اندرُ پڇي.

ڏينهن توکي ٿيا ڏٺي ءِ ڏينهن شايد ٿين اڃا،
سڪ لڳي آ، تون ڪٿي آن، مون کان پنهنجو گهر پڇي.

جنهن سان گهارڻ ٿي پوي ساري عمر هڪ گهر اندر،
ان جي دل ۾ جاءِ ناهيان، ڪيئن ونيءَ کان وَرُ پڇي.

چا مليو تي مانُ اُنَ جو ۽ چا اهميت ٿيئي ملي،
ڪيئي پيڙهيون، پيڙجين پيو، هيل مون ڪان هَرُ پڇي.

بودلو تي گم ويو آ پيڙ پئسن جي اندر،
ڪيئن سو ملندو ڪٿي، ڳٽيءِ وچان قلندرُ پڇي.

چا هيو گئونرو ڪَلنير، اڄ پئي ڪانُيوءِ پڇيو،
پاڻ گڏجي جاٽ تي، جيڪو ڏنو هو پَرُ، پڇي،

پل پليءِ جو چيهہ ڪونهي، پر هي پيڪر حسن جو،
پيار ۾ جهلبو نہ ڪنهن ڪي،پل وچي ڪو تَرُ پڇي.

ڪو نہ راٺو ڪو بہ ڏِتَ ۾ ۽ نہ ڪو سوڊو سُجهي،
ڪاڪِ جا ڪو تَرَّ پُڇي، يا مُومَلُون ڪو مَرُ پڇي.

◈

گیت

ساري تنهنجو ساءُ،
وري اچ،
جيءُ چوي تو آءُ!

ٻگهلا پر اچا ڦڙڪائي،
"ياد" دريچي کي ڪڙڪائي،
ڍنڍ تي ترندي،
ڦيرا ڏيندي،
جڙ تہ لڱن ٿا ناءُ،
وري اچ،
جيءُ چوي تو آءُ!

ڪنول ملن ٿا ياڪر پائي،
پيئونرا ڳائن بين وڄائي،
هيرن گهُلندي،
چولين چلندي،
چوڏس چمڪي چاءُ،
وري اچ،
جيءُ چوي تو آءُ!

گُل گُل مان ٿو واس گهُلائي،
نند اندر پيي راڳ ٻڌائي،
ساري سپنا،
ور ور ويـنـا،
جڙ تہ وڄائي واءُ،
وري اچ،
جيءُ چوي تو آءُ!

◈

اســان لات ٻــاري، چــڏي رات پــر،
گــلــي ڪــا نــهــاري، چــڏي رات پــر !

وڳــي ڪــا ســتــارن ســنــدي جــهــانءِ آ،
پــنــي پــونءِ ان تــي نــچــي پــانءِ آ،
ائــيــن ســونــهــن ســاري، چــڏي رات پــر،
گــلــي ڪــا نــهــاري، چــڏي رات پــر !

رُنــا رات رابــيــل ريــهــون ڪــري،
ڳــلــن تــي گــلابــن ســنــدا رنــگ پــري،
ســنــدءِ تــات تــاري، چــڏي رات پــر،
گــلــي ڪــا نــهــاري، چــڏي رات پــر !

رڻــن ۾ پــٽــن تــي ڪــري رمــجــهــمــيُــون،
سوين سوال سانيي ۾ نـنـيـڙيون ڦـڙيون،
هــوا مــاڪ هــاري، چــڏي رات پــر،
گــلــي ڪــا نــهــاري، چــڏي رات پــر !

نــه ســپــنــا، نــه ســايــيــا، نــه يــادون چــڏن،
ڪــيــان نــنــڊ، هوائن مــنــجــهــان پــيــا ســڏن،
ايــئــن پــريــت پــاري، چــڏي رات پــر،
گــلــي ڪــا نــهــاري، چــڏي رات پــر !

◈

جُهڙاليون فضائون بہ ٿيندين تہ ڇا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ ڇا!

ڪري ميگهہ منڊ تي وسن تال سان،
اچين ڪو نہ پَلَ پَرَ انهيءَ حال سان،
سوين سور پيو يار ڏيندين تہ ڇا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ ڇا!

لڏي لام، لنوندڙ اُڏي ڪانگ ويا،
وري ڪين موٽيا، سڄڻ سانگ ويا،
نهوڙي ننڊون ساڻ نيندين تہ ڇا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ ڇا!

ڳراٽيون وجهي ڳوپ ڳالهيون ڪري،
وري ايترو چو هليو وئين پري،
ڏئي پيار پوءِ منهن مٽيندين تہ ڇا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ ڇا!

وئي رات جيان جي حياتي ڪُٽي،
لٿو جي وهائو اُنهيءَ جو ڦُٽي،
پرهہ ساڻ پوءِ اڪ پٽيندين تہ ڇا،
نہ ايندين، نہ ايندين، نہ ايندين تہ ڇا!

جڳ سمورو جيءَ ۾ آهي،
ڇا هي رکيو بهر ۾!

ياد اوهان جي اڳي ڪان گهاتي،
جنهن جي ڪيفيت مڌ جي ماتي،
پن پن پيالو پياري ٿو،
چانڊوڪيءَ سان گهاري ٿو،
منظر گهوماتي ٿو سپ کي، پنهنجي آٽي سحر ۾،
ڇا هي رکيو بهر ۾!

سانت اندر ٿيون چوليون ڳائن،
سِڙهه پري ڪان ٻگهلا آهن،
شفق نديءَ تي ايئن پئي آ،
جڻ ته بٽي تحليل وئي آ،
سهٽيءَ جي جا سونهن سموري، بي خود بنجي بحر ۾،
ڇا هي رکيو بهر ۾!

تلڪ نرڙ تي، اُپ ۾ ڪڪري،
ڏيل جيان ڪارونجهر تڪري،
ڪُونيت ٽُوٽِيا وَڙڪا ڪن ٿا،
ڇا تہ سُريلي ٻَرِڪا ڪن ٿا،
سار سندا هي سُر ٿو ٻنجي، ڏيئو ٽمڪي ڏهر ۾،
ڇا هي رکيو ٻهر ۾!

ماڪ چمپا جي تلڪ ڳلن تي،
رات چمي ٿي رابيلن کي،
چانڊوڪي ٿي چنگ وڄائي،
ٻرڪا رُت ٿي ٻاهہ لڳائي،
چنڊ ڪرڻ لئہ ننڍ نديءَ جي، لوڏ لُڏي ٿو لهر ۾،
ڇا هي رکيو ٻهر ۾!

◈

مينهن ڪٽين لاءِ،
تر جي واري،
ڪيڏو تي واجهائي پيئي،
هاءِ اُجاري تر جي واري!

برکا رت ۾،
سونهن سُرت ۾،
جنڊڙي ساري،
مور ٺهوڪن، جيئن سڏئي تي،
ٻِرهَن ماري،
هاءِ اُجاري تر جي واري!

ڪوڪ فضا ۾،
پکي هوا ۾،
جهومي تاري،
بنا گهروندي، ڪوئل رُلندي،
عمر گذاري،
هاءِ اُجاري، تر جي واري!

تَرندڙ آڙي،
ماري تاڙي،
ڪنهن تہ اُڏاري،
عڪس جهين جو پاڪر ۾ ڏيئي،
سانڍي ساري،
هاءِ اُجاري، تر جي واري!

مند مٺي آ،
وِهَہ وٺي آ،
پريت پياري،
منهنجي جواني، تو ئي جاني،
ڪلندي ڪاري،
هاءِ اُجاري، تر جي واري!

تو بن ڪهڙي، عيد ڏياري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

جهڙ ڦڙ جهانجهه وڄائن بادل، گوڙ گجي جڻ چيتا گهايل،
هير اُتي جي پيرن پايل، تو بن ڪائي سيج سجايل،
روئيندي مون آ، رات گذاري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

ساٿ نه سينڌن ساڻ ڪيم ڪي، سهرا جهومي ڪين چيم ڪي،
وهم وڪوڙي يار ويم ڪي، پيار سندا پڙلاءُ پيم ڪي،
تو سان نبهي آئي ياري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

ڪوهه بنا جيئن ڪونجون ڪرڪن، يادون تيئن ٿيون من ۾ هُرڪن،
لوڻ ڦٽن تي ٻڪ ٿيون ٻرڪن،ساهه اندر ساروڻيون سُرڪن .
ڳٽيون ساري، جندڙي ڳاري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

جاڳي ڪاٽيم راتيون ساريون، ڏيئڙا نيڻن جا هِي ٻاريون،
روز روئان پئي وات نهاريون، سهڻ ڪنا هي گهٽيون گهاريون،
گهايل دلڙي صدمن ماري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

توريءَ ڪنگڻ ڪراينَ ڪڙيُون، ٻول ٻيچاتي آهيان ٻڙيُون،
چُٽڪن چتَ ۾ چاهت چڙيون، راهن ۾ هي اکڙيون اڙيون،
هُرڪُر هردي ۾ هيڪاري،
ڪيئن ملهايان، مند ملهاري!

◈

رات لَڙيءَ رابيل رُنا ها،
پُورَ پِيا ها !

چانڊوڪيءَ جيئن جهمريون پاتيون، ڇير وڳي هئي،
سانت هي سُڏِڪِي،
هِيَر گهلي هئي،
پن پپر جا،
چندرما ٿيا!
چانڊوڪي ۾ چڪور چِڙيا ها،
پُورَ پِيا ها !

گل ۾ پوپٽ ميت ــ ملن مان جڻ هئي ٿاهي،
بو گن وِيلا،
هيٺان ماڪي،
ڏسندي پارن،
آندا دونهان !
مانارن تي مَڪا مِڙيا ها،
پُورَ پِيا ها !

موسم ايندي سپ ڪا ساري مِيتُ پئي ٿي،
مند ملهاري،
ايندي سان ئي،
گُلَ ۾ پوٽا،
خوب ڪِڙيا ها !
ٽانگر ٿهڪي جيئن ٽِڙيا ها،
پُورَ پِيا ها !

◈

جيءَ جدائي جهتيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پٽيو آهي!

تاڙي ماري يار اُڏاري، خواب ڇڏياسين نِنڊڙيءَ مان،
هاڻ نہ ڪائي آس رهي آ، بيگانيءَ هن جِندڙيءَ مان،
جنهن جي نالي، سڏبا هُئاسين،
تن جو منهنڙو متيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پٽيو آهي!

راهہ تَڪِڻَ سان، سانگُ سڄڻ جو، ياڳَ وَنَدنِ لَئِہِ ٿيندو آهہ،
ڪوبہ حياتي ڪنهن لَئِہِ آرپي ڪو نہ اجايو ڏيندو آهہ،
آءُ مسيحا! پول تہ جي پئي،
لوڙهہ اجا تہ نہ لِٽيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پٽيو آهي!

ماٺ وَندَنِ سان موهہ مَتي ۾ ماڳهين ماڳ بہ مَتِيُئي چو؟
آءٌ تہ ولَ ڇلَ ڪان اڻ واقف، ڏُهاڳَ سندو ڏَنءُ آهہ ڏِنو تو،
ڪالهہ ڪليجو ڪوريُئي جيڪو،
گهاءَ اجا تہ نہ گهٽيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پٽِيو آهي!

مُکَ نهاري، تنهنجي مُکَ ۾، مون ڪي پنهنجو مُکَ وڃيو آ،
تنهنجي قرب جو لمحو مون لاءِ، جياپي جوتي جيءَ جٽيو آ،
پهرين گهيري ٻانهن جي سان،
ڪنڌ ڪُلهن ڪان ڪَٽِيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پٽِيو آهي!

ڇا تو ڳولي چانڊوڪيءَ ڪرٽو، پوئينءَ رات ڏهر ۾،
مارئيءَ جو ڪو ساهہ ٽڏو يا پيرو ان جو پرهَہِ پَهَرَ ۾،
منظر ان ۾ پَنهنجو من ڪنهن،
ماڪ بَنائي سَٽِيو آهي،
پاڙَئُون منڙو پٽِيو آهي!

◈

جنھن جي ڪنھن کي اُونءُ نہ پُونءُ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءُ !

آڏيءَ ويلي ساڏ ٻيلي ۾، ڪنھن لئہ مور مچائي گونج،
ڪوھہ ڪنان ڪا وچڙي آيل اُڀ ۾ ڪرڪي ڪنھن لئہ ڪونج،
سڏجي ان کي راڳ ڀلا يا سڏجي ان کي سانت،
ماٺ سچو ماحول ھئو پر لنئي پکين جا لات،
انھي سان ڪانڌاري آلُونءُ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ ڀونءُ !

بوند پوڻ سان سار سڄڻ جي ھِردو ھِرِ ڪائيندي آھي،
جنھن رِيءَ موسم ڄڻ تہ ميارون ڏيندي رَھندِي آھي،
نچيو ھو جھرٽي ۾ جيئن چنڊ، نچيو ھوا ۾ وڻ،
سڀ ڪنھن ان کي ڀئي اچڻ لئہ آھہ ريجھايو ڄڻ،
ڪنديس آءٌ بہ بلڪل اُونءُ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءُ !

ٻهار اچڻ سان، تار وڻن جي، پيار ڪري ٿي گُلِڙن سان،
لوڏون لُڏندي، گهيرا ٺاهي، ٻار ڏڪن ٿا هُلِڙن سان،
ماڪ ڪنول جي پنکڙن تي، چَپَ رکيو پئي آهي،
مون لئہ ڏيئي پيارَ - پِتُرِ ڪو ڪانويلي وئي آهي؟
اچان هان تو وٽ چا لئہ هُونءَ
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءَ!

رات ۾ ڌرتي ٿانڊا ٽن سان جهڄي ڏِئي ٿي اُپ جو ڏيک،
جنهن ۾ چمپا، چندن، چنبيلي خوشبوئن جا ڦهلن ٽيڪِ،
سينڌ سِنڌر سان ڪهڪشان جيئن مُنڊي آ بيٺي مَنڊ،
اڱڻ مٿان جو آهہ گهميو هو سمجهي ويٺا چنڊ!
ڪئي ايئن تارن چَونءَ پَچُونءَ،
نچي ٿي شايد ان لاءِ پُونءَ!

◈

ڳيچ مون تنهنجي اچڻ لاءِ ڳوٺ ۾ ڳاتا پرين!
نيڻ تو ڪي تيئن پائڻ لاءِ هي آتا پرين !

مينهن ڪٽين جڻ تہ پايل آهہ تارين ڪي ٻڌي،
چاندني ساڙهي ڪري چنڊ، جڻ تہ تارين ڪي ٻڌي،
ساوڪن تي ڇهچ آهي سونهن سارين ڪي ٻڌي،
ميگهہ مرڪي جڻ تہ مالها ماهہ پارن ڪي ٻڌي،
ڏيک ساري ڏيل ڏاوڻ ڏات جا پاتا پرين!
نيڻ تو ڪي تيئن پائڻ لاءِ هي آتا پرين !

چنگ جي آواز تي ٻڌ چنڊ ڳائي تو پيو،
واءُ پوئين رات جي وينا وڄائي تو پيو،
ءِ ڪتيءَ جي ڪانڊ تي ڪو گُنُگُنائي تو پيو،
سانت ۾ سارو سموهي جڻ تہ گهائي تو پيو،
راز ساريءَ رات جا مون جڻ تہ ڪي ڄاتا پرين!
نيڻ تو ڪي تيئن پائڻ لاءِ هي آتا پرين !

پرھہ ڦـتـنـدي ولـر واري جـڻ پـڪـي مـوتـيـا اڇـن،
پيار مان پرڙا هٽـي ۾ چـنـهـب چـنـهـنـبـن تـي رکـن،
جـڻ اکـيـن جـا تـا اشـارا بـاک مـان تـنـهـنـجـا بـکـن،
ٻول ڀـهـڳـڻ لـوڪ گـيـتـن جـيـان تـوهـان جـا تـا لـڳـن،
مـون ڪـٽـي اکـيـن رکـيـا ۾ لـونءِ سـان لاتـا پـريـن!
نـيـڻ تـو کـي تـيـئـن پـائـڻ لاءِ هـي آتـا پـريـن !

پـوپـٽـن جـا رنـگ فـضـا ۾ جـڻ چـنـيءَ جـا چـٽ لـڳـن،
سـپ ٽـڏا تـا سـاهـہ تـوريءَ سـارنـگـيـن جـي سـٽ لـڳـن،
خـيـال تـنـهـنـجـي خـيـال سـان جـڻ تـا ڪـبـوتـر ٻـٽ لـڳـن،
يـا تـنـبـوري تـانَ سـان گـڏ شـاهـہ جـي تـا ڀـٽ لـڳـن،
چـيـر سـان تـي جـيـئـن نـيـائـي نـرتـڪـي نـاتـا پـريـن!
نـيـڻ تـو کـي تـيـئـن پـائـڻ لاءِ هـي آتـا پـريـن !

هـي ڀـنـيـا جـي وار ڪـارا تـي ويـا چـانـدِيءَ جـيـان،
آ جهنجهوڙي جان جذبن دانهن هيءَ ڪنهن کي ڏيان،
آءُ تـوريءَ پـلـڪ هـڪـڙو جـڳ انـدر چـا لاءِ جـيـان،
ويـلُ آ جـو وڙ بـہ هـونـدي آءُ وَڏِواءِ لـيـکـجـان !
ڏيـنـهـن ايـڏا ڏور مـون کـان تـو وچـي لاتـا پـريـن!
نـيـڻ تـو کـي تـيـئـن پـائـڻ لاءِ هـي آتـا پـريـن !

◈

هُرَلا هلندا نار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

جهر جهنگ ڪتبا، پيجا چتبا، هڪلي ويندي جهار،
ڪيچ ڪٽي مان ٿي ئي پوندا جنهن مان جُڙندي پار،
ڳانڍيءَ تان هو، ڳائيندا پيا، پيلهون تاهي پار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

آيُونءَ نيسر پوک بہ ٿيندي، هوءَ بہ وهِيءَ جو پُورُ،
پورهئي مان بہ نہ پاند ڇڏائي، چاهت ۾ پيي چور،
سَنڌ سَنڌ منجھہ سرائت ٿيندي، ساجن جي جڙ سار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

پڪي پڪڻ پيا لاتيون لنوندا چوڏس جڻ ڪي چنگ،
تازي آيل پاڻيءَ تي پيا تپندا ڪڏندا ڪنگ،
لهندڙ سج جي لام منجهان ڪا، وڄندي جڻ تہ ستار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

ٻاڦ ٻنين جي ٻارن تي جو ڪٽڪن تي ٿيا پهريان پاڻي،
جن مان چونڊڻ جيتن ڪارڻ پُڇي پَڪِي ڪتياڻي،
جنهن جو ٻولڻ ساز وڄي جڻ،جڏهن ڪري تنوار،
ٻنين ۾،
هُرِلا هلندا نار!

مند ٻہ موتي ماڳُ پُڳي آ، ساجن موتي آءُ !
هيڏا سيءَ نہ هيڪل ڪٽبا، لڳي اتر جو واءُ،
پَرِوُسِ پريتم!، ٻي وس ٻنجي، ڏُہرا ڪيان آچار،
ٻنين ۾، هُرِلا هلندا نار!

◈

ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي، هِيءَ هِئين سين لاءِ !

جهونگاري اُتُ ڳائج مانجهہ، هير وڄائي جنهن سان جانجهہ،
ڪندا سوا ڳت جنهن جي سانجهہ، بيراڳي_من، دلڙي بانجهہ،
ڪٿ ٻڻي آ خاڪ جنين جي، تن ڪي جوڳ جُڳاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي هيءَ هئين سين لاءِ !

جوين آ ڇڻ سُڳند گلن جي پن ڇڻ ڪان سا رَڪجاڻ وانجهي،
سار نہ ڪنهن جي صبح ۾ سانجهي، تو ڪي هير ڪپي ٽي تازي،
پيار ننگر آ پيڙائن جو پير نہ اَنَ ۾ پاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ رَيءَ نہ سرندي، هيءَ هِنئين سين لاءِ !

ٿهڪن جي موسقي ڇيڙي، سُرَ نڙيءَ ۾ ميڙي سيڙي،
آءُ اسان جي هيڪر ويڙهي، پوپٽ سُر جا ڇڏج پکيڙي،
جوڳ ڇڻي پوءِ ڳاءِ پهاڙي، پُوريا منجهہ پُڄاءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي هيءَ هئين سين لاءِ !

وقت پڇاڙا ملڻ ٿيو آ، مون نہ ڪُڇيو ڪجهہ تو نہ ڪُڇيو آ،
حال تہ دل جو پو بہ ڪيو آ، پاڻ بہ وسري هاڻ وَيو آ،
سڏڪن جي سنگيت مٿان تون نيٽڻ نِيرَ نہ ناءِ،
اوراڳي!
ڳاءِ وري اڄ ڳاءِ،
تنهنجي ڳائڻ ريءَ نہ سرندي هيءَ هنئين سين لاءِ !

◈

سڪ ساڻ اچي ٿي ساٿي ـ
او شال جواني ماڻين!

اڄ ڪٽ پيلا گل سرنهن جا، جنهن سان جهومي اٿيا ڪيٽ،
تن تي چٽ تلوريءَ جا ڪي چانڊوڪيءَ ۾ چٽيا چيٽ،
مڌ اچي پيءَ ماڪُن هاٿي ـ
او شال جواني ماڻين!

وات وهائوءَ آهه وتي جا تنهن جي ٿيندي پره پڇاڻي،
پولارن ۾ گلڙن جي آ ساري سُتل خوشبوءِ ساٿي،
رُس نه رسي جيئن رات جي راٿي ـ
او شال جواني ماڻين!

مڪڙيون ڏين ٿيون جنم گلن ڪي، ماڪ چمين نيشاني،
هوا لڏائي لام وڻن جي لوڏي پينگها جاني !
چپر وٿين چانڊوڪي چاٽي ـ
او شال جواني ماڻين!

آرس پچندي تار وڻن جا هير پئي جهولائي،
وڻ تي ويٺل پکي انبر جي سُر سان سُر ملائي،
پتر ڪري جو پاڻي –
او شال جواني ماڻين!

سورجَ – گُلَ ۾ ساهہ پئي جيئن، اوشا ديويءَ آئي،
منهنجي من کي تنهنجي منڙا تيئن پئي ياد ستائي،
اڄ بہ نہ ٿئي ايئن پريت پُڇاڻي –
او شال جواني ماڻين!

پوءِ بہ سُڪي ۽ ماڪ ڇڏي وئي پنهنجا پيرا ڏنڊ ۾،
رات بنا جيئن رات جي راڻي آءُ توهان رِيءَ پنڊ ۾،
ڪامي آهيءَ دلڙي ڪاڻي –
او شال جواني ماڻين!

وهي ملڻ ريءَ وهي وئي جي پنهنجو پلهءَ ڇڏائي،
ڪهڙي ڪَل آ پوءِ اسان جي ڳائي ڪو بہ نہ ڳائي،
اسان پڇاڻا پريم ڪهاڻي،
او شال جواني ماڻين!

◈

تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

وسي ٿي چانڊوڪيءَ ڦوهار، ڏيل هن ڦٽيون پيو چوڏار،
جنين تي ٽانڊاٽي چمڪار، ڪري ٿي اُپ سان اکيون چار،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

ٽيا چپ جڻ تہ ڪُنگوءَ جي لام، سڏن پيا پاڻ ڏي پوپٽ جام،
ورهائن رنگ صبح ۽ شام، ڏين پيا پيار سندا پيغام،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

نڪر جا چڻ تہ نريل ڪي ٿانوَ، توهان جي پلڪن جو ڪئي ڇانو،
ٽيا هي لمحا تنهنجي نانوَ، اسان جا هيج ڀريا ٽيا هانوَ،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

اڪن جون ڦلڙيون ڏوتيون ماڪ تہ اڀري رنگ پيا ٻي ٻاڪ،
ڇڪايا ياد توهان جي چاڪ، پڳي آ هر هنڌ تنهنجي هاڪ،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

نڪورا نهتا تنهنجا نيڻ، ڏين ٿا مات اندر ۾ ويڻ،
اسان جا روز ازل جا سيڻ، ۾لي پو ۾يتي ڏس تون ۾يڻ،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

ڏسڻ سان تنهنجي سنڌ جي سونهن، مگر هي حملا هن تي هونءَ،
۾ريل چڙ برٿ سان جنهن جي ۾ونءِ، ڪري ٿي جڏهن بہ ڪنهن سان وِرُونهنءَ
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

اچڻ جا آگم ٿيندا ايئن، تہ يادن مينهن بہ وسندا تيئن،
آڇلِ ڪي آرسَ اندلت جيئن، پيارج پوڄ بہ اڪڙيُن سيئن،
تہ خوشبوءِ خوب هوا ڦهلائي !

◈

پوهه سڪايا پَنَ آڪِنِ جا، جيءَ پيو آ جهورو،
تو کي پتو نه ڪورو!

توريءَ ساڳ نه ساءُ ڏئي ٿو، ڪنهن سان گڏجي کاوان،
رائِي ڏيندي پَلِي پُڇي ٿي، ڪنهن جي لئه ٿي ناهيان؟
ڇهءِ تي سيڪيَلَ سوڪ ٽڪر کي سيني هوند لڳايان،
پر، ڇا ڪريان جو تنهنجي ويجهو هاءِ نياڳي ناهيان.
پلال سنديءَ هن پاٽاريءَ تي، پوهه چڙهي ڪيُئي هيڪل ڇورو،
تو کي پتو نه ڪورو!

جنڊ هٽي آ جنڊڙي لوڏي، ٿي هان پورهيت ٻيلپياٽي،
آءُ ٻهاريدار ٻه سونهان، پر جي سڌ سان ٿي پئين ساٽي،
انگ ڍڪڻ لئه لوئيءَ جو اڌ، آڌَ اُگهاڙي آهه نياٽي،
ڪُڪِڙِ وانگي ڪوڙيءَ ٻچڙا، سيءَ ٻه ڪئي هان ساٽي،
لِيڙَ ڪتيڙي ڇو ٿي آهيان؟ جانيءَ ريءَ نه جُڳائي جورو،
تو کي پتو نه ڪورو!

ڳيڌ به مودي هاڻ نه ڏئي ٿو جهڻ، مڪڻ ۾ ڪوٽ پئي،
ڏوڳاهي جا ڏينهن گذاري، ڳاهه گسن تي ريٽ رَئي،
ويلا بڪ تي اوڙاپاڙا، تن ڪي سگهبو ڪجهه نه چئي،
هاءِ جواني! واتون ڏسندي وارِيءَ مُٺ جيئن وهي وئي،
ڦالون پاتم، ڪانگ اُڏايم، موتج تو لئه ڳاتم مورو،
تو ڪي پتو نه ڪورو!

هڏڪي ڪُوڙي، اڪ ڦرڻ پي، اڄ چو ساڪ وڃائي ويني!
تو لئه سانڍيم جواني جاني! ڏينهن ازل ڪان تو سان ڏيني!
مکڙيءَ مان تي گل پَڻي هان پيار اندر جيئن تنهنجي پيئي!
اڄ به اچڻ جي اوسيئڙي ۾ چَندَنِ سان مون جندڙي چيئي !
چووينهينءَ چَندُ چانجوهُيو آ ڳِهَرِيلُ ڳاٿُ لڳي ٿو ڳورو،
تو ڪي پتو نه ڪورو!

◈

اڻين هيءَ چانڊني چوڏس،
چندرما جي ڇِٽي آئي!

اڄا ساهن جي سرگم تي، ترانو جهوميو مس هو،
اڄا سنگيت سڏڪن جي سُرن کي ئي چميو مس هو،
تہ جهمريون خوب پائيندي،
هوا خوشبوءِ ڪَٽي آئي!
اڻين هيءَ چانڊني چوڏس،
چندرما جي ڇِٽي آئي!

وکيريل وار سُلجهائي، ٻسائي مُک پرهہ جهڙو،
نماڻو چڻ تہ نرمل آ، وڏي ڪُهُني وِرهہَ جهڙو،
ننڊاکا نيڻ کوليندي،
وري مون کي وَٽي آئي!
اڻين هيءَ چانڊني چوڏس،
چندرما جي ڇِٽي آئي!

ڏيارن ياد ڏند رابيل، گلابن گهورَ ڳلڙن مان،
لياڪا سِڪَ پئي پاتا، اسان جي ڇيڄَ ڇلڙن مان،
هوا جيئن رات_راڻيءَ مان،
گهُلي ويتر گهڻي آئي!
ائين هيءَ چانڊني چوڏس،
چندرما جي ڇڻي آئي!

نگاهون چنڊ جون ڊنڊ ۾، ڏسن جئن عڪس پنهنجوئي،
سندءِ سوچون خيالن ۾، ڏسن تئن عڪس پنهنجوئي،
هوا ڇهندي جسم سارو،
توهان جي بوءِ ٻڻي آئي!
ائين هيءَ چانڊني چوڏس،
چندرما جي ڇڻي آئي!

◈

جو سلهاڙي ساهه ڪي،
سڪ ساڻ تنهن ڪي سارجي !

مدتون مانوس جنهن سان پوءِ ٿي دوري وڃي،
سا وڏائي سڪ، جنهن سان پريت ٿي پوري وڃي،
ملڻ ٿئي جي ڪنهن بهاني، حال اوريو پي نه ٿئي،
پيو نه جي ڪو وڙُ ڪجي،
ڪلندي رڳو ڪيڪارجي!

جي نه قابو آهه ٽيٽو نينهن جي ناتي اندر،
ڪنهن کي هر ڪائي ڪجي ڇو دوبدو پوءِ دربدر،
”ڇو نه آيو ڇا ٿيو تس؟“ ڪانگ کي دڙڪا ڏجن،
ڳُوپ ڳالهيون پوءِ ڪري ڇو،
ڳٽن سان پيو ڳارجي !

ڇو سواگت صبح صادق جي ٿڏن ساهن سان ٿئي،
ڇو پلا هيءَ ننڊ نيڻن جي نهوڙي ڪو نئي،
يا ته منهن تي دل لڳيءَ جو حال اوري روئجي،
رُئڻ روڪي روبرو ڇو،
لڙڪ لِڪندي هارجي!

آ حياتي مختصر کهڙيءَ خبر کهڙيءَ مهل،
رَتُ روانو ٿي وڃي، جنهن کي نه ڪائي جهل نه پل،
پير پائي پاڻ اچ يا خود گهرائج پاڻ ڏي،
سڪ-سڙيل کي هيئن نه سونهين،
منهن-چڙهڻ ريءَ مارجي!

◈

آءُ بسنتي رُت انهيءَ ۾،
ماڻهيئون هُوندَ آمُلَ !
پايل جهڙا پل!

ٻُور انبن تي پيئونرن پون پون، پوپٽ پرَ جڻ پُرَ پُرِيَلَ،
گئونچ وڻن تي پکين ٽوليون، جڻ تہ ٽنگيل ڪي گجَ پريل،
هير بسنتي هوريان هوريان،
ڇيڙي گيت غزل!
پايل جهڙا پل !

ٽُڙَ انبن جا، ٻگهہ اڇيرا پاڻيءَ پاڇو، پوياڙيءَ مانِ،
تاري لات ڪئي آ، وينگس گهوريو اُپ ڏي واڙيءَ مان،
سانگ سپيئي جڻ تہ سڏينئي،
هئہ هئہ هِن مهل !
پايل جهڙا پل !

ٽتل پکيئڙو ڳولي پنهنجا، ساٿي وڇڙيل ولرمان جڻ،
جنهن کي تولئہ اوڙو پاڙو جڻ تہ پيو آ واجهائڻ،
ويرون وچنن واريون وريون،
ڪريو ڪا تہ ڪمل،
پايل جهڙا پل !

چيٽي چنڊ جي چادر ويڙهي، وڻ ٽڻ جهومي ڳائن ٿا،
هير سندي سپ گل ۾ ٻوٽا پير ۾ پايل پائن ٿا،
ڇيج وجهيو ٽيون ڇيريون ڇمڪن،
توڏي جيءُ اُٿلَ !
پايل جهڙا پل !

◈

وئي آهه مدت لنگهي پوءِ مس مس،
وري آهه ٻر ڪا،
جليا پوءِ به اڏما !

گلابي مهارن تي رابيل ڏندڙا، گلن هار مکڙي مان جهلڪار ڏين ٿا،
۽ گفتار جا هارمونيم ٿي ڇيڙي، ته گفتا سرن جي ٻه ڀڪار ڏين ٿا،
انهي سحر ۾ يار راتيون رڱيون سي،
برهه ۾ ڪي ٻيباڪ باتيون ڪيون سي،
مليا پوءِ به صدما،
جليا پوءِ به اڏما !

پيري نيڻ ـ وٺيون جو مڌ ٿا ورهائن، ته پياڪن جا ڪي ئي ولر پيا اچن،
سروپي ۽ ساجهه وٺي سونهن جي، ننگا نينهن نعرا هنيو پيا نچن،
قدر تن ڪي قيمت سري سونهن جي،
جنين ٿَڃ پيتي پلي ٔ پونءِ جي،
امر ٿيا سي لمحا،
جليا پوءِ به اڏما !

نگاهون نگاهن سان ٻڪجي وڃن ٿيون، ائين جڻ ڪُنڍيءَ مينهن جي پُورَ ۾،
ملن ٿيون ميارون ڏکن جا ڏوراپا، ۽ سوَ سوَ سنيها نگهہ گهور ۾،
توهان مڻ پياري، اسان ئي مجوسون،
توهان جا مياري، اسان ئي مجوسون،
مگر هاءِ جذبا،
جليا پوءِ بہ اڌما،

نہ آ پيار جي پوءِ اسان جي وڃڻ سان، اُداسي اوهان تي وڃي ڇانئجي ڇو،
هو ڪنور بادل پياسِن ٻُٽن جي ڏسي زار حالت وڃي رانئجِي ٿو.
اهو پاڻ تي ۽ اسان تي پيارا!
نہ سونهين جبر ٿو اجا ڄيءَ جيارا
سلياسون نہ ڏکڙا،
جليا پوءِ بہ اڌما،

◈

خوشبوءِ ڦوڪي ساهه وجهي وڃ،
ور ور چئي ٿو واءُ،
پيلا پوءِ،
توريءَ کھڙو ساءُ .

ڪوٺاريءَ ۾ سون تپي ٿو ياد ڏياري ٻلڙن جي،
ڪکريءَ پاڇي ۾ هيءُ ڪنگو ياد ڏياري چپڙن جي،
واءُ اتر جو،
ڦوڪون ڏئي ٿو،
سوڻ تہ چوَنئي آءُ،
پيلا پوءِ،
توريءَ کھڙو ساءُ .

پوئين رات ۾ تيرهينءَ جو چنڊ لال سفيدي ٿو ڇاٽي،
جڙ تہ چٽائي تنهنجي تن جي مَلمَل چادر وئي تاٽي،
پکين ڇهڪا،
تتر ٺهوڪا،
تنهنجو آدرُ پاءُ،
پيلا پوءِ،
توريءَ کھڙو ساءُ،

ڏينهن ٽتيءَ ۾ ڪانگ ڪنڌيءَ تي لاتيون خوب لئين،
ڪاش سچو ٿي پئي هو جو اڄ تون بہ اچي جي پئين،
گهرڙو چمڪي،
پير جي پائي،
سامي سج وڙاءِ،
پيلا پوءِ،
توريءَ ڪهڙو ساءُ .

چوڏس رات جي چانڊوڪيءَ ۾ وڻ ٽڻ جهومي ٿا گهائن،
پوءِ بہ تو ڪي يار ڏسڻ لاءِ ور ور جهاتيون پائن،
هاءِ چٽو ٿي،
جنهن سان پئي هي،
چوڏهين چنڊ چٽاءِ،
پيلا پوءِ،
توريءَ ڪهڙو ساءُ .

◈

نہ مٽ ڪو بہ جنھن جو، نہ تشبيھ ڪا ـ
اھا جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

سندس منهن پسڻ جو بہ اعزاز آ،
ڏئي ٿهڪ، چڙيو ڪوئي ساز آ،
۽ مُکَ تي گلن ڪي بہ ٿيو ناز آ ـ
اھا جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

وٽن سان چندرما ٿو رانديون رَهي،
هوا خوب نياپا ڪنيون پئي کَهي،
جهين سان گلن جي ٿي خوشبوءِ ٿهي ـ
اھا جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

وري چنڊ ڪنهن لئہ هنئين آ پڙي،
اها ڦول ماله آ ڪنهن لئہ ڪِڙي،
پرينءَ پير چمندي رمي راتڙي ـ
اھا جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ .

اهو پاڻ سامهون نظر ٿو اچي،
سندس رنگ ۾ جو به رمتو رچي،
اهو ٿي پيو تي نگر ۾ نچي ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ.

نڪو پاڻَ آهي، نہ ڪو پاڻَ ناهي،
نڪو ساڻ آهي، نہ ڪو ساڻ ناهي،
تہ پو پاڻُ چاهي، تہ پو ساڻُ چاهي ـ
سلينديءَ اهو رازُ ڪي جُڳ ٿيا ـ
اها جهلڪ هڪڙي پرينءَ جي تہ آ.

تنھنجي ڳولا ڪارڻ رڻ پٽ جذبن سان مون جھاڳيا،
نيڻ توھان لئہ جاڳيا !

سينھونءَ تي ھيءُ گھڙن جا ڇُلڪا،
من ۾ تنھنجي اچڻ جا اُلڪا،
سير سيئي اڄ يار سنوان ٿئي، سؤڻَ بہ آھن ساڳيا،
نيڻ توھان لئہ جاڳيا !

ڪانگ مُنِيءَ تي لاتيون لنوندي،
ساريون تنھنجون ڳالھيون چوندي،
ياد ڏياري تنھنجي جنھن سان، پاڻ بہ آھيون واڳيا،
نيڻ توھان لئہ جاڳيا !

ڪِنوڙِنِ ڪِلنديءَ پاڪر پاتا،
تو لئہ نيڻ اسان جا آتا،
ڦرين ٻُوندَ ٻَسَنتي پئي آ،جذبا جنھن سان جاڳيا،
نيڻ توھان لئہ جاڳيا !

سانگ اچڻ جا جو ٿيا سارا،
پنھنجو پاڻ ۾ ناھيان پيارا!
لڙڪ۔ گُلِنِ جي واڻِن ورڪا، جن سان رستا راڳيا،
نيڻ توھان لئہ جاڳيا !

وَيُسِ ڳالهہ سمجهي اها پوءِ پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

ڪڏهن تار گل جو ڏنو ٽئي سُپنڏُ،
مچيءَ جي رهڻ جو آ پاٽي ئي هنڌ،
جئين جان ريءَ ڪنهن نہ ڪم جو آ ڪنڌ،
ائين منهنجو تو ساڻ جِياپو پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

هوائن هتان مون سنيها مُڪَئي،
گهٽائن سان تنهنجي ڳِلا مون ڪئي،
ائين گهر مان پيادل ئي نڪران پئي،
جيئڻ ئي پڳو تنهنجو نِياپو پرين!
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

ڇڏيم جوءِ جاني جدائي ڏِسي،
پيا نيڻ توريءَ هي بيوس ڦِسي،
سگهان ڪين مائٽن متن ڏي چِسي،
سوا تنهنجي نہ آ سڳ ۽ سِياپو پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

ملي مد ڏسڻ ساڻ چڻ اڻ مئي ڪا،
يا ساپيان ها ماٺي ويا سندر سپنا،
يا رابيل، نرگس ۽ موتيا ڪڙيا،
ڏسڻ ساڻ سپ سور ويا پو پرين !
سوا تنهنجي جيئڻ جو ناهي سوال !

◈

پيرن ۾ پيـي پيـر پڪـا تـي،
ڪـيـڏا ڏيـنـهـن وڏا تــي !

رُت بسـنـتـي، جـوبـن ونـتـي، ڦـوهـ جـوانـي ڦـاٽـي تـي،
تـو بـن قـيـد ڪـڙن ڪـان پـي وڌ ڏيـنـهـن ڏڪـيـرا ڪـاٽـي تـي،
شـال جـدائـي ـ دشـمـن ڪـي پـي،
پـلـئـہ نـہ پـئـي ڪـا هِـيـئَـن سـاٽـي !
ڪـيـڏا ڏيـنـهـن وڏا تــي !

صـبـح سـويـرو، سـمـو تـڏيـرو، ڳُـٽُ ڳُـٽُ ڳـيـرو ڳـائـي تـو،
مـال ونـدي هَـٿ ڏڌ جـي چـاڏي گـهـو گـهـو گـهـيـرو لائـي تـو،
چـاڻ مـکـڻ جـا ـ چـاٽـا نـکـتـا،
گـڏجـي کـاڏي ڏيـنـهـن تـيـا تـي،
ڪـيـڏا ڏيـنـهـن وڏا تــي !

پنهنجو پاڻ بہ ڪين وٺي تو، ڪرتون پئي تي ڪاوان ڙي!
تو ڏي پهچي ڪين سگهان تي، اچڻ بہ توڙي چاهيان ڙي!
هِـيـئَـن نـہ سـاڙج ـ تـن ڪـي پـاڙج،
واعـدا جـيـڪـي پـاڻ ڪـيـا تــي،
ڪـيـڏا ڏيـنـهـن وڏا تــي !

مانگ سنڌوريان، سانگ ڪري جي، تانگهہ متائين تن جي تون،
واري واڳ وصل جي جيڪر مونجهہ گهٽائين من جي تون،
تـن مـن تـاٽـي ـ اچ هـن پـاٽـي،
پـريـت سـڏي ئـي پـاڻ پـيـا تـي !
ڪـيـڏا ڏيـنـهـن وڏا تــي !

◈

سونهن پسائي لونءَ لڳائي،
نيڻن نيڻ ملايا !
وعدا تو نہ نڀايا!

جيءَ ڪي آئت جاني گهرجي جيتر يار جئان،
پت رکي وچ پاڙي اوڙي، مٺي هاب نہ ٿيان،
توريءَ پوريءَ جهوريءَ ماريو،
ساوڻ ڪائڻ آيا،
واعدا تو نہ نڀايا!

جانيءَ هوندي جوءِ جياري، تنهن ڪي ساري ساهہ،
موسم ۾ مهڪار نٿي ٿئي، ناهہ چمن ۾ چاهہ،
ڪوبہ نہ ناتو هوتَ بنا تو،
لايا ٿيا نہ سجايا،
واعدا تو نہ نڀايا!

رُوءِ نہ تنهنجي جاني جڳ ۾، ڪنهن سان دل بهلايان .
چيز نہ ڪائي چين ڏئي ٿي، ڪنهن سان حال ونڊايان،
سار مَنجهاران يار اسان ها،
نير بہ نيڻن نايا !
واعدا تو نہ نڀايا!

موت ڪيو ڪا گهوت اڳڻ ٿي، چوت سهڻ پي ناهہ،
وس ڪري ۾ رَسُ اچي پٽئي گسَ نهاريان هاءِ،
آتي جهاتي پاتي تولئہ،
ورڻ تڻ مون واجهايا !
واعدا تو نہ نڀايا!

◈

لڙڪن جي، جو ٻولي سمجهي،
سڏڪن مان جو ڳالهہ ڪڍي،
ان جي اڳيان ڪهڙي ڳالهہ،
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

ڪڪر ٽيڻ مان سيڪو سمجهي مينهن وسڻ ٿو چاهي،
انڌلت معنيٰ مينهن وسي ۽ اوڪاٽي ويو آهي،
موجون ماٽن ماٺهو مالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

ڪانگ لنوڻ سان سانگ سڄڻ جو ٽيٽو سمجهہ تہ آهي،
اڻ تڻ سرجي جڻ تہ اڇڻ جا ڏس ڏئي جو چاهي،
نيت ٻلائي ٽيندو ٻالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

هِڏڪيءَ ياد ڏياريو هاٽي، ياد ڪيو تن ٻانءِ،
ڪانگ لنوڻ تي، ياد بہ تو ڪي ايندي هوندي مانءِ،
چاڻ لٿو هي جيءَ جنجالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

اڪ ڦرڻ تي آس لڳائي ساهہ اُڪنڊ جو ٽئي ٿي،
پوءِ هي ساهيڙين جي آٿت تسلي ڪا نہ ڏئي ٿي،
پورو ٽيڻ تي ٽيو آ سالُ !
باقي اوريون ڪهڙو حالُ !

◈

باهہ وڇوڙا شال لڳيئي، جان جدائي ڪائي،
ساجن !
توري؞ سارَ ستائي !

هوءِ ڇُڳي انگورن جي جيان ڪتي ڪِڙي آ اُپ متان،
جهرڻي ۾ ٿيون ڪيڏن مڇيون عڪس جنهن جي سان،
ڪنول ڪڙي ۾ وچ پنهي ۾ جهمِريون ٿو پائي،
ساجن !
توري؞ سارَ ستائي !

پکي وڃي ٿو پر ڦڙڪايون پنهنجي ساٿين پويان،
آءُ بہ تنهنجي ڳولا ۾ ئي خيال پئي ٿي ڪويان،
گهر پرائو پئي ٿي پانيان، ڪٿ بہ پئي ٿي ڪائي،
ساجن !
توري؞ سارَ ستائي !

پهريان ڏسَ هنيا جو ڪڙن ساهہ ٿڌا ٿي پريان،
سپنن سان سپ موجون ماڻن ڪارون آءُ ڪريان،
گهيرٿ پويان گهيرٿ ۾ ڪو گهايل دلڙي گهائي،
ساجن !
توري؞ سارَ ستائي !

چيهي چُٺڪي تانگهہ وڌائي، رَت پرهہ تي آءِ،
ماڪ منجهان را منهنڙو ڌوئي گلڙن مان وٺ ساءِ،
اُلڪا، اُڏڪا، اوسيئڙا ڏئي، چين وئين چورائي،
ساجن !
توري؞ سارَ ستائي !

◈

لــنوءَ تــوهــان ســان ســاجــن لائِــي،
ســاهــن ۾ ســرهــاڻ ســمــائــي !

ڪينجهر ۾ جيئن ڪنول ٿهي ٿو،
ڪــو ٻــ نــ ان جــو ٻــدل ٿــئــي ٿــو،
ڏوران اهــڙو ڏيــڪ ڏئــي ٿـــو،
مئي جو پيالو جهمريون پائي!
ســاهــن ۾ ســرهــاڻ ســمــائــي !

نــاوءَ پــري ڪـــان آڙي پــاســي،
آب ڪــجــيءَ جــي تــاڙي ٻــاسـي،
تنهن تي جهڙ جي ساڙهي ٻاسي،
مــنــظــر مــن ۾ مــوج مَــچــائــي !
ســاهــن ۾ ســرهــاڻ ســمــائــي !

ڄال مڇين جا پاٽيءَ چر تي،
تجلا ڏين ٿيون ساري سَرَ تي،
ڪوڙ ميارون آهن وَرَ تي،
ڪهل نہ جنهن کي تِرجي آئي!
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي!

ڇا تہ گهڙيليون ڪينجهر ڪپ تي،
ڳالهہ ملڻ جي تو سان ڇپ تي،
گهڙا رکي ۽ ويهي گپ تي،
سُر ۾ سينڌ وڄائي!
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي!

اهڙي تو لئہ ٿي هان آتي،
جو نہ وٽي ٿي هاڻ حياتي،
تنهنجي قرب جي ڪنڌ تي ڪاتي،
مون آ پيڙا پل پل پائي!
ساهن ۾ سرهاڻ سمائي!

موسم ميٺ مُکي ٽئي منٺا! پير اچي پيرين جا چاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٽئي ڪا روح رهاڻ !

ڪڪري اپ ۾ جهمريون هڻندي،
خوب ٿهي ٿي وڪڙون ڪڻندي،
اوسيئڙو ٿي بڻ ڪي ويندو آهي مينهن وسڻ جي ڪاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٽئي ڪا روح رهاڻ !

مينهن ڪڻين ڦوهار ڪئي جي،
واهوندن ولهار ڪئي جي،
پوءِ تہ پسگردائي پهچي ڪانپ ڪچهرين موجون ماڻ،
تہ پوءِ جيئن ٽئي ڪا روح رهاڻ !

آزيون نيازيون هاڻ ڪريان ٿي،
من جون موجون ماڻ چوان ٿي،
معاف انهي کي يار ڪٽي ڪر مون ۾ جيڪا آهي ڪاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٽئي ڪا روح رهاڻ !

هيل بسنتي رُت ۾ سرچي،
موتي پئين جي پاڻ ٿي پرچي،
پارت ٽئي جو پرچائي ۽ پريت پرينءَ کي ڪوني آڻ،
تہ پوءِ جيئن ٽئي ڪا روح رهاڻ !

ساهہ مٺان ڪو ناهہ پروسو،
ڪهڙي ڪل ڪو ڪيسين جيئندو،
دير گهڻي ٿي وئي آ جاني! هاڻي پنهنجي پار پلاڻ،
تہ پوءِ جيئن ٽئي ڪا روح رهاڻ !

◈

ساهه وري اڄ تو کي ساريو،
ساڄن وعدا هيل ته پاريو!

چانڊي جي ڦولار مٿان آ چانڊوڪيءَ ۾ تلور نچيو،
چانڊي واٽي جهيءَ مٿان آ پاڇي جانڪين پتنگ پچيو،
تار وٽن سان ٻاکر پائي پيار ڪري ٿي هير اچيو،
ڪوٽ نظاري ان ۾ تنهنجي هاءِ وجهي ٿي ماريو،
ساڄن وعدا هيل ته پاريو!

ڪٽڪون آيونءَ جي لئه آتيون، جهار پئي ٿي جهوتون پائي،
ان تي سر سهائي آئي ڪانياٽيءَ جو ڏڪ لنوائي،
سانگ سيئي پيا يار سڏينئي ور ور سان واجهائي،
سمي انهيءَ ۾ سچ پو سائين ٿاٽو هيئن نه ٿاريو،
ساڄن وعدا هيل ته پاريو!

موسم جو ڪو قدر ڪيو ۽ وهيءَ مٿان ويچار ڪيو،
پيار پڪارئي پريتم ان ڪان هيئن نه ڪن لاتار ڪيو،
جنهن جو جيئڻ تو سان سونهين، چني نه تنهن کي ڏار ڪيو،
ڪتيءَ نه ملئين، چيت اندر ئي چار گهڙيون گڏ گهاريو،
ساڄن وعدا هيل ته پاريو!

ويڙهو منهنجو وري وسائج دير نه ڪر ۽ ساجهر آءُ،
پاڻ ئي ٻرجي ويندو جيڪو دل کي رسيو آ هي گهاءُ،
ٻنيو وڃ ڀڪائي منهنجو ڪري چئونري ۾ ڪو چاءُ،
ڏينهن ڪان جو آهه اُجهاٽل، ڏيئو هاڻ ته ٻاريو،
ساڄن وعدا هيل ته پاريو!

◈

ايــڏيــون گـــهـــاريـــون وجـــهـــو نـــ گـــهـــوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

سائو آهي فصل ڪڻڪ جو تڪون متانئس تانبا ٽا،
مـاڪـيءَ مـڪـيـون، پـونـئـرا، پـوپـٽ ان ڏي اچـن اُڏا ٽـا،
مـحـبـت جـي ماحول انهـي ۾ تـنـهـنـجـي ڪـائـي ڪـوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

اکين اٽيون موتين ڪٽيون ڏند تہ چڻ رابيل ڪڙن،
گهوري گهائن جيئن ٿي تن سان مدت پڄاڻا ميل ٿين،
بـيـوس سـاهـ بـدن ڇـڏي ويـو، چـريـو ڪـيـو آ چـوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

پير، ڦريون ۽ ڦوٽا اُڪِريا، ڪڻڪن آيون تو کي سارن،
ڦالون پايان مورو ڳايان، نيڻ وڇايان تـنـهـنجـي چارن،
ور ور ڪـانـگ اڏايـم تـو ڏي، مـلـي نـہ ڪـا ئـي موٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

جاني تو سان جيءَ لڳائي ڪڏهن نہ سنهيران سڪ جو ساهہ،
موسم ڦرندي تنهنجي ملڻ لئہ پيو پڪاري پل پل چاهہ،
موتيون اکڙيون ماڳ ڏسي ۽ ڪنڌيون نهاري ڪـوٽ،
او ساجن !
هاڻ سگهو ڪر موٽ !

◈

تو کي پڪاريءَ پيار ٿو هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

تنهنجي وئي پڄاڻان، مون سان تہ ٿي آ ڏاڍي،
هاڻي رهي نہ طاقت، صدما اچا سهڻ جي،
پيرين آ منڊ پچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

ڳڻتين جا ڳوٽ ٻڌيا، اُڌمن جا انسنا ٿيا،
سورن جا سو بهانا، تياري آ مچ مچڻ جي،
سگهہ نہ آ رهي بچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

تنهنجي ٻڌي اچڻ جو ماپان نہ پاڻ ۾ ٿي،
ڪر ماڙ هن مُنيءَ تي، جيڪا بہ ٿئي جچڻ جي،
نورا ٻڌي نچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

منڙو اداس آهي، ان کي نہ آزمايو،
رهي سُڪت ناهہ مون ۾، گوندر اندر ڳچڻ جي،
رنگ ۾ اِئين رچڻ جي،
هاڻي تہ ڪر اچڻ جي !

◈

ڏک ۾ ٿـي ڏيـل ڏاريـان ـ نـيـڻـن جـا ديـپ پـاريـان!

تـنـهـنجـون نـهـاري واٽـون، نـيـڻـن سـان دڳ پـهـاريـان،
ان آس تـــي تـــ ايـــنـــديـــن،
۽ مـــنـــٿ تـــون مـــجـــيـــنـــديـــن،
تـوکـي پـئـي ٿـي سـاريـان ـ نـيـڻـن جـا ديـپ پـاريـان!

ويـسـهـ ڪـري وچـن جـو، واٽـون پـئـي نـهـاريـان،
ڪـــنـــڌيـــن ۾ پـــور ڪـــڙيـــا،
جـــن تـــي مـــڪـــا بـــ مـــڙيـــا،
تـو تـان وجـود واريـان ـ نـيـڻـن جـا ديـپ پـاريـان!

توريءَ ٿـيـو سـال پـورو، گـهـر ۾ مـان ڪِـيـئـن گـهـاريـان،
اُلـــڪـــا انـــدر ٿـــا ڪـــائـــن،
تـــنـــهـــنـــجـــا وچـــن ســـتـــائـــن،
هـئـ هـئـ هـنجـون ٿـي هـاريـان ـ نـيـڻـن جـا ديـپ پـاريـان!

ڪنهن کـي نـ ڪَـلَ تـ ڪـيـئـن مـان ٽَـرسِـڪـي ۽ تـاٽـا تـاريـان،
مـــنـــڙو نـــ ٿـــو مـــڃـــي ڙي !
ســـاڪـــون ڏيـــان ٿـــي تـــوڙي،
پـريـن کـي پـئـي پـڪـاريـان ـ نـيـڻـن جـا ديـپ پـاريـان!

نـت نـت تـوهـان کـي نـئـيـن سِـر سـڪ سـان پـئـي سـنـيـاريـان،
جـــيءَ جـــاءِ نـــاهـــي تـــو ري،
گـــس گـــس تـــان پـــاڻ گـــهـــوري،
واٽـن تـي آءٌ ٿـي واريـان ـ نـيـڻـن جـا ديـپ پـاريـان!

◈

هنجون دل پڇي ٿي تہ هاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن!

سهيلين ڪيو آ اچڻ جو انگل،
جواني ڪڙي ۽ ڪيو آهہ ڀَلُ،
نچي ٿو پيو پيار ۾ پل پل،
مگر آهہ منڙو هي توريءَ ٽڪل ـ انهيءَ ڪيٰ پلا مان ڏُتاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن!

رهي تو طرف ٿو سدا ساهہ تنگُ،
اُٿهئي اندر مان اتي تو اُمنگ،
جيئڻ جو نہ مون ۾ رهيو آهي ڍنگ،
تڏهن پيي تہ تنهنجوئي آهيان مان ننگ ـ اڳيان پين توکي سنپاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن!

چيو چِتُ بہ منهنجو نہ ٿو هي ڪري،
جڏهن ڪان ٿيو آهين ان ڪان پري،
جيئڻ جنهنجو تو سان ۽ تو سان مري،
انهي کي ڪڏهن يار لايو ڳري ـ نہ ٿو جيڪو ريجهي، روٺاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن!

ڪري ڏاڍ مڙسي نہ منٿون مڃي،
ٿي وَهَلُوَر هيئنڙو هٿن مان وڃي،
رکيو ساهہ آرو آ تو ڏي سڄين،
هنيون ناهي ٻالڪ جو پيرو پڇي ـ انهي کي ڏئي ٿول ٿاريان بہ ڪيئن،
هتي تو بنا ڇئہ گذاريان بہ ڪيئن!

◈

جهين تي سوين سج ايري لٿا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺي !

پئي پانهن جي لوڏ ڪيڏي ٿي هي،
جهين ساڻ ساعت بہ پئي لڪ لهي،
اُڪنڊ ٿي اندر ۾ جهين جي رهي،
تهين ساڻ ليڪا بہ ڪهڙا ڪبا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺي !

اندر ۾ وجهي جهير ٿي سڪ سوين،
پرين ڪان اچي ڪانگ جڏهين لنوين،
مٺا! منٿ تي پي جي پرچي پوين،
ٻُڌيءَ جا بہ پيٽا ٿي جڻ ڪي پيا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺي !

نہ ماٺو مُڪُئيءَ ۾ نہ ڪو پاڻ آئين،
اچا ڇو اسان کي پيو آزمائين،
نہ ڪوئي ڇڏينءَ ٿو، نہ ڪوئي نپائين،
اسان توکي ارپي ڇڏي زندگي آ،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺي !

ٻنين مان وئي پوک سايون نہ ٿيون،
توهان ريءَ ڪنهن ڪم جون مايون نہ ٿيون،
پٽائيءَ جون وايون بہ ڳايون نہ ٿيون،
رهياسي نہ روحن نہ جسمن سندا،
انهيءَ تي تہ ساري خدائي ڪُٺي !

◈

بسنت اندر جيئن هر شيءِ پُوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

ڪلڻ نہ ٿو ڏئي خيال توهان ريءَ،
مونجهو من، ملال توهان ريءَ،
ڪو نہ رهيو آ حال توهان ريءَ،
پريت جي پيڙا سڪ جي سوري، جان جلائي جذبن ڪوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

ايڏو ڇا لئہ دور هليو وئين،
ڪڪرن رت جي پور هليو وئين،
جيءُ ڪري وهلور هليو وئين،
رهجي ويئي ڳالهہ اڌوري، جا نہ اچا ڪئي هئي سين پوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

جڻ تہ مليو هئين خوابن ۾ ئي،
ڏنڌلي ياد اچي ٿي پيئي،
ڏکين گهڙين ۾ ساٿ ڏنيئي،
پر ڇو ڪيڏئين اکر نہ پوري، رهجي ويئي سڪ سموري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

ملڻ نہ ٿو ٿئي، تون تہ هجين هان،
جنهن جي دم سان جيئان پئي مان،
تو ڪان پو، هت ڪنهن جي سڏجان !؟
دل کي پانءُ نہ پئي ٿي دوري، سهپ اڳيئي پوري سوري،
ياد توهان جي ائين اچي ٿي !

◈

ڳائي ڪوئي راڳ ڀڀاڳ،
من کي آچي جڻ ويراڳ !

ڪاٿي هوندين، ڪنهن جو هوندين، منهنجي ياد تہ هُرندي هوندئي،
سُڏڪا ڏيندي، ڦٿڪيون پائي، دل جي ڪُنڊ ۾ ڪُرندي هوندئي،
جذبن جي جهنجهوڙ ٿيڻ تي جان بہ جاني جهرندي هوندئي،
تڏهين دل ۾ي گهرندي هوندئي،
مون سان چانڊوڪيءَ ۾ چاڳ !

ماڪ ڦُڪي ۾ موتِئي مُکَ تي چاهہ چمين جي چوٽ ڪري ٿي،
منهنجي من ريءَ ايڏو پرتي تنهنجي پوءِ ڪيئن ساهہ سري ٿي،
راتيون جاڳي ننڊ ڦٽايم، تيهين رات بہ هاڻ ٺري ٿي،
دل ۾ ان لئہ ٻاهہ ٻري ٿي،
چو نہ آلاپيئين روڳن راڳ !

ساوا تارا، ڏور ڦُڪي ۾ چمي ٿو ڦر کي اچي جئين،
ماناري تي ماڪيءَ جي مک اُڏندي ڪڏندي هاءِ نچي جئين،
ساز سُرن ۾ ڳائيندڙ جو آواز وچي ٿو رچي جئين،
مون ڪان پچين ٿو سچي جئين،
تو سان واڳيل ائين آ ڀاڳ !

مند تي جهولا، مند تي پارا، مند تي مهڪي ماڳ پوي ٿو،
مند مَٿي نہ آ ڪنهن بہ انهن مان، مند تي موتي ساڳ پوي ٿو،
مند تي چيٽ، ڪَتِي ٻئي موتيا، مند تي ڦڳڻ، ڦاڳ پوي ٿو،
تو سان موتي ڀاڳ پوي ٿو،
تون بہ تہ مند سان جاڳ !

◈

مـون کـان مـور نـڇـي وسـري ٿـي مـنـد اهـا مـڌ مـاتـي،
تـو سـان آهـ حـيـاتـي !

لال ڳـنول ڳـلـن مـان ڇـو اڄ هُـڙٻـانـيـون بـنـجـي آهـن ويـئـون،
ابـرڪ تـجـلا اڳ هـا تـن ۾ ڇـا لـئـ ڇـالـون پـيـئـون،
جـوانـي تـنـهـن آ ڪـاڏي نـيـئـي، جـنـهـن لـئـ دلـڙي آتـي،
تـو سـان آهـ حـيـاتـي !

ڳُنـديـل وار ڳـنـيـون ٿـي پـيـا هـن جـن ۾ چـمـڪ نـ ڏمـڪ رهـي آ،
ٻُسن ڪـنـن ۾ نـڪ ٻُـسـي سـان ۾هـ وئـي بـنـجـي جـڙ تـ وهـي آ،
پـار نـهـاريـان تـنـهـنـجـي پـيـئـي، هـر هـر پـائـي جـهـاتـي،
تـو سـان آهـ حـيـاتـي !

مسڪينيءَ کي موت لڳي شل جنهن هي ويڏن ويل ڪيا هن،
اڻـپـورا ارمـان ۽ آسـون، ويـا ڪـل بـنـجـي هـيـل پـيـا هـن،
وِڃـا سـمـوري مـون کـان ويـئـي، طـلـب هـئـي مـون تـاتـي،
تـو سـان آهـ حـيـاتـي !

پـوءِ بـ سورَ توهان جا سانـڍيي دانُ گهرڻ تو در تان ڇاهيان،
آءُ ازالـو ڪـرڻ انـهـي جـو تـنـهـنـجـي در تـي آئـي آهـيـان،
ڳالهيون هلنديون هونءَ گهٽيئي، ڳالهـ توهان جي ڳاتي،
تـو سـان آهـ حـيـاتـي !

تـنـهـنـجـون سـاڳـيـون جـولانـيـون مـان آٽـڻ جـي لـئـ آهـيـان آتـو،
پـوءِ ڪـشـالا سـارا ڪـيـنـدس جـيـڪـي مـنـهـن ۾ آيـا مـاتـو،
قـرب ڪـري تـو مـون سـان ڪـيـئـن، لـونءَ آ سـاجـن لاتـي،
تـو سـان آهـ حـيـاتـي !

◈

چنڊ دريءَ مان ھاڻ نھاري ڳالھہ ڪئي آ، تنھنجي ڪن ۾،
تــڙپ وڏي ٿـــي تـــن ۾ !

ڏڻ ورائـــي واڙي انـــدر ڪَـڙَھُــون ٻُـوٽـــي چـڏيـــون ســـي،
پـاڙي اوڙي پـھـون مـلائـي چـيـڪ چـرڻ لاءِ گـڏيـون سـي،
ڦـرڙن چـوڙي چـانـگـون چـن ۾،
تــڙپ وڏي ٿـــي تـــن ۾ !

مـوسـم مـھـٽـا مـون ڪـي ڏئـي ٿـي،لـوڪ بـہ مـھـٽـا ڏيـنـدو،
ڏوم مـــچـائـــي واءَ چـڏي آ، شـايـــد اڄ هـــو ايـنـــدو،
مـــوج اچـــي وئـــي آهـــي مـــن ۾،
تـــڙپ وڏي ٿـــي تـــن ۾ !

آپـي ۾ مـن ڪـيـن اچـي ٿـو پـاڻ بـہ گـهـوري ورھـان،
جڏھـن تـيـاري اکـيـن ڏٺـائـيـن گـهـمَـنـدي ان جـي گـھـر تـان،
ڪـــوءِ ۾ پـــرجـــي ويـــئـــي ڪـــن ۾،
تــڙپ وڏي ٿـــي تـــن ۾ !

واءَ نـــيـــاپـــا اھـــڙا آنـــدا جــوءِ بـڻـي پـئـي مـسـتـانـــي،
سـانـگ سـجـايـا سـارا تـيـنـدا،آءَ تـہ هـلـي او جـانـي!
پـريـت پـچـارون پـيـئـون پـن ۾،
تـــڙپ وڏي ٿـــي تـــن ۾ !

تـوسـان رشـتـو، تـو سـان نـاتـو، تـو سـان سـنـگ ۾ سـيـاڪـا،
تـنـھـنـجـي ڳـولا، تـنـھـنـجـون ڳـالـھـيـون، واءَ مـان سـڏنـئـيـن واڪـا،
هـــوءِ جـــا بـــيـــن وجـــي ٿـــي بـــن ۾،
تــڙپ وڏي ٿـــي تـــن ۾ !

◈

جئين سانگ ساوڻ ڪري ٿا نچن،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

پڪي لام تان پيو پڪارون ڪري، جهين جي نہ ساجن سوا جڙ سري،
ڏريو ڏيل جنهن جو پيو ٿو ڏري. تڏا ساهہ پيو ٿو هوا ۾ پري،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

ڪڪرُ لڙڪ لاڙي ۽ پٽڪي پيو، وَسي بر مٿان ۽ وسونءَ ڏي ويو،
چيو دل جو شايد، انهي جي نہ ڪيو، سڄي رات رڻ ۾ ٿي رُلندو رهيو،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

جتائون ڇڏيون رات ڇوڙي ائين ، ڀيوتي بدن ڪي جئين ناهن نئين،
اڃا ڀي پيو ڏک انهن ڪي ڏئين، خبر ناهہ خوش ڇا منجهان ٿو ٿئين،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

اسان جي اڱڻ تي ڪڏهن يار ايندين، خوشيءَ سان ڪٽي پاڻ سان گڏ گڏيندين،
گڏڻ جي پڄاڻان نہ ڪڏهن ڇڏيندين. اها منٿ هڪڙي ٿي منهنجي منجيندين،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

پٽڙ پار پوڪار پولار ۾ آ، سڄو ڏيهہ واڳيو سندءِ سار ۾ آ،
اڄان سچ بہ ٿيو مس ٿي اوپار ۾ آ، اسان جو ٽنگيو من سندءِ پار ۾ آ،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

ڪئي شام رنگت ڪُنگوءَ لام آ، وني بوند هر ڪنهن گسين گام آ،
هوا جي نشيلو ڪيو جام آ، توهان جي اچڻ جي ملي مام آ،
اڪيرون اوهيرا ڪري ٿيون اچن!

◈

ملڻ سان موت محبت جي، اهي رائل ۾ مائل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري، پيهر ٻه گهائل ٿيا!

ٻڌي آمد سندا افواهه، تڙپيا رابيل راهن سان،
نچاور سج ڪيا ڪرڻا، مٿان نازڪ نگاهن سان،
اسان پي آجيان جي لئه، اچي پهتاسين آهُن سان،
ملي نه آ موت موچاري، نه ڪوئي منهن مقابل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري، پيهر ٻه گهائل ٿيا!

نگهه جي گهور هڪڙيءَ سان نشا سڀ ويا سَرُ ٿي،
اسان سان پيار ۾ پيارا وئي اهڙي ته آ پَر ٿي،
وتان تنهنجي اڳيان ڦرندي گهمان توڙي پنهنجي گهر ٿي،
توهان جي پيار ڪي پوڄي ۾ جذبا تو ڏي مائل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري، پيهر ٻه گهائل ٿيا!

جڏهن ڪان يار جلون ڪي، ڪري ماڻو هليو آن ويو،
تڏهن ڪان تڙپ پيدا ٿي، پسڻ خاطر ٿيو جياپو،
مرڻ جيئڻ جي وچ وارو، اسان جو حال آهي ٿيو،
پچي پڙمان، ڪرب ڪاٽي، توهان جي قرب قابل ٿيا،
انهي ڪان پوءِ هي اڏما وري، پيهر ٻه گهائل ٿيا!

ٿيو جي پيار، پوچا هي، پري رهندي ٻه جيئبو پيو،
وري مينهن جي مند ۾ گڏ، پري ۾ پوڄ پيئبو پيو،
ڪري ٿاڪن مٿان ٿاٽا، وري ويجهو ٻه ٿيئبو پيو،
سچي هن بحث ڪان پو مس، وڃي توساڻ قائل ٿيا،
انهيءَ ڪان پوءِ هي اڏما وري پيهر نه گهائل ٿيا!

◈

تـوسـوا آ، تـات تـايـو، تـرُ ڪـٽـي،
هاڻ، ساجن وَرُ ڪٽي !

ڏيل جي هيءَ دانهن، مورن ناچ ٿو ساري سمون،
مينهن جي سا مند ساري ڏٽ ۾ ڏونرا، ڇمون،
تئين تنهنجي يار موٽڻ جو ٿيو آ تن تمو،
پنڌ تنهنجا پئي نهاريان ڪَرُ ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

ڪوڪ ڪوئل جي لڳي واڪو اوهان جي ووڙ ۾،
جيئن پاٽيءَ گهرج بکندي آ، هرڻ جي ڊوڙ ۾،
تانگهہ تاڙي جي تنوارن جي گگن جي گوڙ ۾،
آءَ تہ تو تان، هوند گهوريان، گهر ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

مند گلابي ويس پاتا، سڳند جي سينگار سان،
ڳهہ ٻڌا ٿيڙوءَ ڪتيءَ پي، انبر جي رخسار سان،
تازگي تن ۾ پري آ، ماڪ جي چٽڪار سان،
پرهہ چيڙيا سُرَ سمورا، پَرُ ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

چاندنيءَ ڪرڻن ڪئي ورڪا پئي واٽن مٿان،
موٽ مينديءَ ڏار ڪي، آهي ملي ان جي هٿان،
سات ۾ سينگاريل هر شئي نهي ٿي پئي سٿان،
تنهنجي واسيو آ، سڳنديىن سَرُ ڪٽي،
هاڻ ساجن ور ڪٽي !

◈

اهو وقت ايندو، نہ هئي سوچ ڏارا،
اهو وقت ايندو!

اڄا مور ٿهڪن، اهو ڪيئن ٿيندو،
اڄا ٻول ٻهڪن، اهو ڪيئن ٿيندو،
اڄا مُکَ مهڪن، اهو ڪيئن ٿيندو،
اهو ڪيئن ٿيندو، توهان بن او پيارا!
اهو ڪيئن ٿيندو!

جيا پو توهان رِيءَ پيو ڏُک ئي ڏيندو،
سڄڻ، ساهہ ساري پيو ڏک ئي ڏيندو،
هنجون هيئنڙو هاري پيو ڏک ئي ڏيندو،
پيو ڏک ئي ڏيندو، ڏسي من نظارا،
پيو ڏک ئي ڏيندو!

ڦٽائي سڄو ڀاڳ پوءِ ننڊ نيندو،
اسان جي اهو راڳ پوءِ ننڊ نيندو،
توهان ريءَ متا ماڳ پوءِ ننڊ نيندو،
پوءِ ننڊ بہ نيندو، ڏسي چاهہ چارا،
پوءِ ننڊ نيندو!

هليو يار توري ائين ساهہ ويندو،
ڪوئي چنگ چوري ائين ساهہ ويندو،
مٽان تنهنجي گهوري ائين ساهہ ويندو،
ائين ساهہ ويندو، جئين صبح تارا،
ائين ساهہ ويندو!

◈

هي، تـوهـر گـلـن جـو رتـو رنـگ ڏسـي ـ پـيـو من قـسـي آ سـجـڻ تـو سـوا،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

سَنِدي ماڪ ور ڪا آ، موتين جيان ـ ٻٽي، جنهن سان بر ڪا آ، جوتيُن جيان،
جهين ڪي ڏسي، سڀ ڪو سمجهي سگهي، تنهنجي آمد سندي،آهہ موسم اها،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

هي ويسهہ وِسُوڙل هـنـيـئـون پـيـو پـَـڄي ـ ويس آءٌ واڻـون نـهـاري وَڄي،
نـہ ڪـي اڄ بہ آئـيـن اگـڻ هـي نـلـهـا، انـدر پـيـا ايـذائـن وڏي وِسِـوسـا،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

لنوين ڪانگ لاتيون وڃايو ڇڏي ـ هي تاڙنِ تنوارون اسان جي تڏي،
ڪيا سانگ سارنگ ۾ ڪنوٽيون ڪِنوَن ـ ٿيا سال ڪيئي جو،تو ڪان سوا،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

ٿي هڏڪي ٿئي ۾ قَرِيو اڪ قَري ـ ٽُڪَرَ پور ڪانوان تہ، هٿ مان ڪري،
ڏئي ڪڙهہ ڪڙڪو پرينءَ جو پتو، ڪريان نند خوابن مان ڇرڪي اٿان،
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

سگر سوڪ سيڪي ٿي تولئہ رکان ـ ذرو جهڻ نہ توريءَ ٿي مورئون چکان،
دلن ۾ پري جيڪو پاٽي رکيم، اهو ٽخ نري گگ ٿي پيو منا !
سو تنهنجي اچڻ جا پِروُن ٿي پيا !

◈

رُتيون رات ڪوئل جئين ڳاتڙيون،
مون ڪي سانيرَ ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

ڪُنگُوءَ جيئن لڏن پيا لَيُن لاَمَ ۾،
تِئين سار گذري ويل شاَمَ ۾،
نگاهون سڏن پاڻ ڏي جام ۾،
چيا تہ آهي مزو ان تڙپَ، ڪام ۾،
مان بہ ڪنهن لاءِ جاڳي تڪيان راتڙيون،
مون ڪي سانير ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

اجا هاڻ ساوڻ وسي مس پُنو،
اجا ڪو نہ پرتو ئي هيئنڙو رُنو،
اجا ڪو نہ چڙهيو ڪو ڪونيت ڪُنو،
چو پنهنجو بہ منڙو پيو ٿي پنو،
لڳيون ڏيلَ ۾ ياد جون ڪاتڙيون،
مون ڪي سانير ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

انـدر جـي اجـا چـهـڻ نـري ڪـا نـہ آ،
چُـلـهـي بـاهـہ ڪـنـهـن ۾ ٻـري ڪـا نـہ آ،
اڇـڻ جـي اجـا مـنـد وري ڪـا نـہ آ،
مـجـي هـيءَ سـگـهـي دل چـري ڪـا نـہ آ،
وجهي جيءَ جهروڪي منجهان جهاتڙيون،
مون ڪي سانير ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

نِـنَـرُ نـيـهـنَ نـاتـو نـہ ٿـو ڪـجـهـہ مـجـي،
ٿـو وهـلـور ويـرم پـوڻ ۾ وجـي،
سـجـو خـيـال تـو ڏي رکـيـو جنهن سـجـي،
هـٿـن آڱـريـون ۾ ڪَـرايـون پـجـي،
رُڳـو لـونءَ لڳـيءَ جـون لـنـوبـن لاتـڙيـون،
مون ڪي سانير ۾ پهريون هُريون باتڙيون!

◈

روپ جا جلوا جهڙڻ جي مشق آ لفظن ڪئي،
ڪيتري سا سودمند ٿي، ڪيتري بيسود وَئي !

خيال تنهنجا گل گلابي، سوچ جڻ سورج مکي،
ماڪ موهيڙن مٿان موتين جيان دل ڪي بکي،
مرڪ سان مهڪي چتاءَ ٿيا ڇُگهه ڳلن جا ايئن ٿئي،
جڻ تہ صوفن جي وٺن مان آ ٿتي جوڙي پئي !

وار گهاٽا پوهہ ڪارا جڻ گهنديون تاهن چلا،
نيڻ هرٽيءَ چرڪيل جيان، ڪرت ۾ جڻ ڪا ڪلا،
اڻ چئي ڪا ڳالهہ آهي نظر هڪ سان تو ڪئي،
جنهن پڄاڻان جان هيءَ آهي هٿن مان جڻ وئي !

سارنگي ٿي پول پولي راز پئي کولي ڇڏي،
چاهہ جي ڪا چٽنگ چولي ۾ تڦولي پئي گڏي،
ڏور هوندي ڏور ناهي من اندر پولي پئي،
جي نہ اڳ سليا ڪهين سي راز نِتُ کولي پئي !

ٿي هوا جهوٽو سگهي ٿي ڏکڻ جي ڏوليءَ اندر،
ماءُ جي جهوليءَ جيان لوليءَ سندي پوليءَ اندر،
جيل جي ڪوليءَ اندر جا چنڊ ڪِڙي قيديءَ کي چئي،
ڳالهہ سا ئي تو بنا ساوڻ منهنجي ڪن ۾ ڪئي !

جيئن ويو هو مينهن اوڪاٽي تہ اندلت ٿي پِئِينءَ،
يا اُتي جي هير ۾ ئي جذب ٿي پوري وئين،
يا ڪنگوءَ تارنِ سان گڏ لُڏندڙ لڳين ٿي پئي لَئي،
يا اُنهيءَ ئي ڏِنَ مٿان آ سُرمنڊل وائي چئي !

◈

ڪڙيءَ انهيءَ تي جوبن تنهنجو آهه رسيو جو، تو ڪي،
بلڪل ناهي اون ـ
تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گذري !

واٽون واجهائيندي ٿڪيس، توريءَ خوابن سان ٿي ٻڪيس،
چاهت چيتاري ۾ ڪڪيس، دل کي آٿت ڏيئي رکيس،
ويل اچڻ جي يار گسي وئي، پاڻ پڇاڙيان آءُ رڳو ٿي،
تون ٿو ڄاڻين چونہ ـ
تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گذري !

آءُ گهڙي ۾ پاٽي اوتي، ڳوڙهو، گهرو سوچيان تو تي،
ٻاهه ڏئي هن ساڙيان ٻوتي، جو نہ قبوليُئيءَ ڏوتي پوتي،
ساهه لُڪيءَ ۾ جان تي سڪتو، سُنُ تي جيءُ بدن ۾ آ ويو،
کهڪاءُ پيو ٿي ڪونہ ـ
تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گذري !

گوڙ گگن ۾ رَعد ڪري ٿو، وس وڏيءَ سان تَس پري ٿو،
وڻن گلن جو هانءُ ٺري ٿو، چاهہ تڏا ڪي ساهہ پري ٿو،
هر ڪا پرينءَ جي اوسي پاسي، پيار ونڊيندي مڪڙي پاسي،
مون وٽ آهي هونہ ـ
تہ مُنهِن جِي ڪيئن حياتي گذري !

چونہ انهي ڪان پاڻُ ڄلائي، گهات ڪجي هن من کي گهائي،
هاٽي باقي رهيو ڇاهي!؟ چونہ ڇڏيون لاڳاپا لاهي،
هوندن سان ٿي لاڳاپن جو، لاڳو آهي رشتو ناتو،
مون کي ڇئجان پونہ ـ
تہ منهنجي ڪيئن حياتي گذري !

◈

وڃي پاٽي پريو تڙ تان، مٽي تي ٻن گهڙن ٽُبڪا،
گهڙو ٽو ڊاڪ تي ڇلڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

ٿلا سرتين سندا ٿهه ٿهه، ڪندا ٿا ڪوهه ڏي ڪاهن،
مگر ٿا نيڻ واجهائن، تنين ڏي جي پيا چاهن،
پري سي تير نظرن جا، ڪٽي سڪندن اڳيان ساهن،
مگر هو پاڻ وارا، ساڻ ڇو تن ساڻ اڄ ناهن!
وڃائي آ ڇڏيو اُلڪي،
اِسان جا نيڻ آلا ٿيا !

وري مصريءَ سنگن جي ۾ الاچن آڇ ٿي پئي ٿئي،
سنيها سڪ سندا سپ ڪا سندس سينڌيُن اڳيان پئي نئي،
ولر ڪان ڪونج جا وڇڙي، انهيءَ جا ڏس نه ٿي ڪا ڏئي،
ڇڏيو جهوري وري موتي اسان ڪي جڻ ته خالي لِئي،
ڏڪائي اِن وڏو ڪُتڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

ٻين جا منهن پيا ٻهڪن، نگهہ سپ ڪنهن جي ناريءَ ۾،
اسان جي اڪ پڻي ڳولي انهيءَ ڪي سونهن ساريءَ ۾،
ڪِلن خوش ٿي سيئي پر هوءَ ٻُري چو ڪين ٻاريءَ ۾،
سچو ايئن ڏينهن گذري ويو اسان جو انتظاريءَ ۾،
سوا ڪنهن ڪاڏ ۾ قُلڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

اُها ڄو ڪنوار ٿي ويئي تہ ٿي ويا ڪوهہ پيي ڪارا،
نہ ڪا آ پيڙ سا پيرِ تي، نہ ڪو شوقين لامارا،
نہ ڪا رونق نہ ڪي رَمزون، نہ ڪو، ڪي نينهن جا نعرا،
ٿِڙي پکڙي ويو سپ ڪو رڳو روئن ٿا مُون پارا،
پيو ٿو سور چِت چُٽِڪي،
اسان جا نيڻ آلا ٿيا !

◈

نہ ٻي آڌر سهارو ڪو ـ رڳو هڪ ٻئي مٿان ٻاڙي،
اٿيئي ياد او ساجن !
تہ گڏجي هئا پٽيا پيرون !

اٿي اوشا نہ هي ننڊ مان، پرهہ ها پاند مس سويا،
صبح جي هير تي ترندا، پئي آيا پکين چهڪا،
سٽل جي خواب جي هنج ۾، اٿڻ جي ڪانہ ٿن آشا،
تڏهن ٻيئي ڏئي نيگون پٽڻ پيرون هليا هئاسين،
ڪبڙ جي لام ڪي لاڙي،
آٿيئي ياد او ساجن !
تہ گڏجي هئا پٽيا پيرون !

اسان جو پيارپاراٺيءَ اجا مند ۾ هئو پيارا!
اجا معصوميت سان پاڻ ڏنا هڪ ٻئي کي اشارا،
اجا هو راند جو رئونشو، اجا ڊوڙڻ ڊڪڻ سارا،
وري گڏجي منجهند جي مهل هڪ ٻئي سان مليا هئاسين،
سموري لوڪ کي تاڙي،
اٿيئي ياد او ساجن !
تہ گڏجي هئا پٽيا پيرون !

اوبلن ۾ سوبلن جي بنا پرواهه هليا هئاسين،
ذري جي ڳالهه تي روئندا، ذري جي تي کليا هئاسين،
بنا ڀي ڪنهن ضرورت جي رُڳو راندين ۾ مليا هئاسين،
ڪڏهن خوشين سندون ڪيرون، ڪڏهن سور به سليا هئاسين،
پتو پئي جيئن نه ڪو پاڙي،
اتيئي ياد او ساجن!
ته ڳڏجي هئا پتيا پيرون!

مٿان نڪرڻ بندش منهنجي پوڻ سان تو ڇڏيون رانديون،
رڳو آرس اڪيلائي، رڳو راتيون ڪٽيون وانديون،
جلي سارا ويا جذبا، دليون منجي ٿيون مانديون،
منجهان قسمت، وٺي وجهه ڪو، ڏئي ڏوڪو هليا هئاسين،
سڄون ساڙيليون ساڙي،
اتيئي ياد او ساجن!
ته ڳڏجي هئا پتيا پيرون!

◈

وري دل مستان اوچتو بوجهه ٿيو،
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪوئي ڏيو!

ٻَڏيوُن چپر چيريون ڪٽين مينهن جون،
ملهائن مندون پيا نچي نينهن جون،
رکئون پاڻ آسون انهيءَ ڏينهن جون،
مُڪا جڏهن تو ساڻ ميلو ٿيو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪوئي ڏيو!

وڳو بوسڪيءَ جو ڪو پائي سڄڻ!
ٻڏي ٻُٽَ اجرڪ اچو ها پچڻ،
گهمائي وجو پيرڙا ها اڱڻ،
جتي پاڻ هٿ ساڻ پيا پوج پيو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪوئي ڏيو!

ڪنڊيءَ تي لنوي ڪانگ ڪوڙو نه آ،
اجايو ڪِريو هٿ مان چوڙو نه آ،
انهيءَ ڳالهه جو ڳَرُ ڪو ڳُوڙهو نه آ،
چون پار ٿا چڻ اچين تون پيو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪوئي ڏيو!

چِڙيا جنڊ، واڙن ۾ ڏويو هلي،
ڏين مال کي گاهه ياڳيا ملي،
اچڻ جي چڏيم آس اڄ پي پلي،
چُڪي چنڊ چوڻون هي تو کي ويو!
ڏکيءَ کي اچي ڏَڏُ ڪوئي ڏيو!

◈

ڏٺو حال سڀ ڪنهن جو تنهنجي ٻنا،
ڀلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

لُڏي ڏيِر ۾ جيئن ڪو ڏانڊي ڀَڪي،
نڙيءَ ۾ ڇڏي ٻينَ جنهن آ رَڪي،
لڏون لوڏ گڏجي انهيءَ سان سَڪي،
وڃون پينگهه سان ايئن ٻهڪي ٽِڪي،
سڄو جڳ پيي جهومي اٿي پاڻ سان،
ڀلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

هٽي ڇاڙيون ٻيرَ ٻيرِيُنِ ڀَٽِيُون،
جهڙالن مان ڪنوٽين جا جهومر جهٽيون،
ڀري چونه ماکي مکڻ جون وٽيون،
ورهائي ۾ ڪينو، ڪدورت ڪَٽيون،
جهنڊو ٽئي امن جو مٿي عرش کان،
ڀلي ڪار هر ڪو چوي دل وچان !

ستارن جو جهرمٽ هي ٽيڙو ڪتي،
پُليلَ ڪنهن مسافر لئہ ٻر ۾ ٻتي،
چِنَلَ اُپ جي چادر مٿان جڙ چِتي،
ڪيم وس تن سان جو پنهنجي گتي،
مگر ڪو نہ ترسيا هليا ويا هتان،
پلي ڪار هر ڪو ڇوي دل وچان!

ٻتيءَ ميڻ ۾ جيئن ڏاڳو ٻري،
اوجاڳو اکين سان اِها پَرِ ڪَري،
وري پوءِ ٻہ هو ڪين ٿو جي وَري،
تہ اُڏمن، اوجاڳن سندي ڪيئن سَري،
نِپوڙي ڇڏي ساهہ ٿو جسم مان،
پلي ڪار هر ڪو ڇوي دل وچان!

اڏاميو ابابيل ڪاڏي ڪَهن،
ڪيان وينتون لک نہ مورئون مچن،
وئيو ساڻ مون ڪي نہ ٿا ڇو وچن،
وري ڪَل آ ڪهڙي تہ پيرو پچن،
چئي جيءُ هتان هاڻ هلي آءُ وچان،
پلي ڪار هر ڪو ڇوي دل وچان!

◈

دوها

سيڱ چڪي ڪو تير نظر جا، هڻندو آهي جيئن،
چنڊ ڏنو جڻ عيد جو، پِرون توهان جا ايئَن .

ڳالهہ ڳالهہ تي مرڪ توهان جي، منهن تي اڀري ايئن،
چنڊ گهٽتا مان جهاتي پائي، آڪِ پٽجي ٿو جيئن .

گهورين پنهنجو ساهہ ٿي، وڙهندي پيي تون واهہ،
واڳي بيوس آ ڪيو، تو ڪي اهڙو چاهہ .

ڏيهہ ڏنگي ڪي ڪيئن سمجهايان، محبت جوهي مارڻ،
سِڪ پوءِ لهندي، جڏهن سمائي، ان ۾ وينديئن پارڻ.

جڏهن ڇڏي آ محبت پاتو، ماڻهن ملڪيت چاهُہ،
مزو هليو ويو ملڪ منجهان ۽ ماڻهو بڪ ۾ پاهہُ.

رشتا ناتا واءِ ويا ٿي، پاڙو پاڙئون ڌار،
گهوري مرندڙ انسانيت کي ڏنو پالڻهار.

محبت ڪارڻ ماڻهوءَ وٽ اڄ، وقت رهيو ئي ناهه،
هر ڪنهن کي اڄ حِرص سندي آ، ويڙهي ويئي باهه.

امن هليو ويو پرَ ڪري ۽ ستَ سمندر پار،
پارن تان ٿا جهيڙا ٿيَنِ ۽ خَسيسُ شين تان خار.

ڪي ڪي ماڻهو شاهه جا، شِڪرا ٿا سڏجن،
چو تہ ڪُڪڙ هي گهر جا، گهڙيءَ گهڙيءَ مارِن .

ڪي ڪي ماڻهو، جان بہ ڏين ٿا، امن ورائڻ لاءِ،
پر ڪي ماڻهو، راتو ڏينهان ”پُر پُر چيڙا جنگ مچاءِ.“

◈

ڪجلا سرُ "دوها"

ڪجلا سر جون ڪامٽيون، ڏيڊيءَ اک ڏسن،
ساري چاهت چت جي، پر ڪيو پوءِ بہ وچن .

ڪجلا سر جون ڪامٽيون، اوچي ڳات اچن،
چڳن ڦيرا چوطرف، پهرا واسينگن .

ڪجلا سر جون ڪامٽيون، جهمريُن جهول هلن،
ڊيلون ڊُسڙِ تي ڊول سان، چِيهي چاڻ چلن .

ڪجلا سر جون ڪامٽيون، سڏو سڏ نہ ڏِيِن،
حال سمورا ميچ سان، ساعت منجهہ سَلِيِن .

ڪجلا سر جي ڪپ تي، چوليءَ تِڪُون چمڪن،
ايندڙ ويندڙ کي لڳي، اکيون جڻ تہ هَٽنُ .

ڪجلا سر جي ڪپ تي، جهمرِين سندي جهوڙ،
اندلث چُمڻ پيونءِ جي، چاهي جڻ تي ڏُوڙ .

ڪُومل ڪُنيان ڪپ تي، ڪجلا سر مانڌاڻُ،
ڪوري تِرچيَل جسم سان، اجهو مِلان ٿو جاڻ .

ڪجلا سر جي جر جِي، آٽي هان جي ٻوند،
منهنجو هيئڙو هيئن جَلِي، خاڪ نہ ٿئي ها هوند ..

ڪجلا سر تي ڪامڻي، تو جو ڪيو پنڌ،
واري پيرن کي چُمي، ليٽي پئي، پِي مَنَڌ.

ڪجلا سر تي ڪامڻي، وهنجي آسر ويل،
پنهنجي ٻوءِ بدن سان ڇڏيا، راتو ڪا رابيل.

لانڍ ڪُنيائون سَرَ تي، ٻولين جي گڏ جهوم،
سج جي تجلن جڻ تہ ڪا، جَرَ تي لائِي ڏوم .

ٽلن پيون اِئين ٽوليون، ڪونجن جيئن ڪر ڳل،
پونءِ ٿيان ان جُوءِ جي، ٿئي مٿان ڇِهل ڀَهَلَ .

ڪجلا سَرَ جي جَرَ کي، رات چميو پئي چنڊ،
وائڪا سپ ٿي ويا هئا، رات سندا جي منڊ .

ڪجلا سَرَ جي جل تي، تارن جو ٽُڙڳڻ،
ٻالڪ ڳولي ماءُ جو، ننڊ ۾ پيو جڻ ٽَڙُ .

ڪجلا سر کي ڪاش ڪو، ڏيان ڏوراپو آنءُ،
سال ٿيا هن سوڪ ۾، سوڪو ڪر ڪو هانءُ .

◈

نظم

ساهه جيان نڪري وئين موٽين نه ٿو،
درد تازو هي اڄوڪو ٿو سڏئي،
ڪور ڪارونجهر مٿان سڏڪو ته پڌ،
مور جو هر ڪو ٺهوڪو ٿو سڏئي !

ڪونپٽن واڪا ڪيا پر ڪو ورين،
رات پوئين ۾ فضا روئي ڏنو،
نيڻ سپنن ساڻ ئي اُلجهيا رهيا،
پنيرڪي ۾ ماڪ سان تر بر پنو!

چنڊ ۾ ٻوليم گهڻو پر ڪو نه هُئين،
سڀ ستارا ميڙ ٿي تو لئه تڪن،
پير تنهنجا چنڊ ڪَتي ڳڏجي چُمَنِ،
چانوُ خاطر،وڻ گلن سان گَس ڏڪن!

هيءَ چمپا گل جڻ چمڙ لڪ چپ ڪچن،
رات جي راڻيءَ سندي خوشبوءِ ندي،
ٻڌ ڪتيءَ جي ڇير جا گهنگهرو وڄن،
سانت جهمريون پئي هڻي تي سڪ وَندِي!

تو ڇيو هو ساڻ توسان آهيان،
اڄ بہ سُوڻُون سُورَ جُون چُپنديون رهيون،
موت محبت واسطي منهنجا پرين !
سڀ پَرَنِ ٿيون ياد جيڪي تو ڪيون .

واعدو پنهنجو پروڪو ٿو سڏئي !
مور جو هر ڪو تموڪو ٿو سڏئي!

◈

وڇوڙائيءَ تو سنديءَ ڪي، مون ڪيو محسوس ايئن :
جڻ تہ ڪينجهر ڪنٺ تي ڪومل ڪنول،
جڻ اڪيلو چنڊ پينگهي ۾ سُتل،
ميگهہ ورني اڪ ۾ پاتل ڪجل،
سينڌ فطرت جي مٿان سِندُرُ لڳل،
تون پُڇين ٿو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

تو سندي دُوريءَ ڪي هو مون ڪيو محسوس ايئن :
جڻ تہ ڏونگر هو ڪري پيو مون مٿان،
يا ويو ڪوئي ڦري ويو دل هٿان،
اوپري ٿي جڻ تہ وئي ساري دنيا،
جڻ تہ آويءَ ۾ سڙيا جذبا نڪر جي ٿانوَ جيان،
تون پُڇين ٿو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

پريت تنهنجيءَ ڪي پرين هو مون ڪيو محسوس ايئن :
جڻ تہ هان محفوظ جهوليءَ ماءُ ۾،
جڻ ڏسان ٿو پاڻ ڪي پئي پاءُ ۾،
مور نچندڙ بادلن جي ڇانوَ ۾،
راڳ وڄارو ڇوي پيو ناوَ ۾،
تون پُڇين ٿو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

مون وِڇوڙي جي گهڙيءَ ڪي هو ڪيو محسوس ايئن :
ساهہ ريءَ جڻ ڪو هئس بوتو بنيل،
يا تہ مون ڪان پاڻ پنهنجو هو رُٺل،
اوپرو دنيا سڄيءَ ڪان جڻ بنيل،
وڻ، بهارن ۾ هئس پاڙئون ڪپيل،
تون پُڇين ٿو مون ڪئي محسوس ڪيئن!؟

◈

ڪاش

تون تہ هونئن واقف بہ ناهين پوءِ بہ هنئين ۾ چو هُرين،
ديد پهرينءَ سان سجاڻي چاهتن ۾ ٿو چُرين،
ذهن تي قبضو ڪري ٿو ڪنڌ ڪنڌ هِنئين جي ۾ هُرين،
مان وڃان جا ڏي بہ ٿو منهنجي پٺيان پيو ٿو پُرين،
ڪر خبر تون ڪير آهين ؟
چئہ ڪٿي چا ٿو تون چاهين! ؟

جي رُڪان ٿو مان ڪٿي، تون پي رُڪين چو ٿو پلا،
ماٺ مان چا ٿو مِلئي ڪجُ پي ڪٿي ڪجھہ برملا،
آ تہ سُلجهايون سيئي پاڻ گڏجي معاملا،
ڪر ڪٿي هاڻي سچي، جي پيار جا ٿئي مسئلا،
ڳالهہ جو حل پاڻ آهيون،
هڪ ٻئي سان ساڻ آهيون !

رات ڪاتي ٿو تِڪين ۽ صبح سان مون ڏي ورين،
ڳالهه ٿئي جا دل اندر سا چو نہ ٿو مون سان ڪرين،
چانوَ وڻ جيءَ جي اچڻ سان چو پيلا مون کان ڏرين،
مان سڙا جيڏو ٿو اُس ۾ مون ساڻ گڏ تون ڪو نہ هين،
دشمنو ڪهڙو اٿئي !
واسطو ڪهڙو اٿئي !

آءُ بي ساهو هان پاڇو ٿو ڪريان پيڇو ائين،
اُس ۾ چر پر ڪندو رهندو تون بلڪل آهن جئين،
آءُ تنهنجي وس آهيان تون جتي چاهين نِئين،
رات جو ٿي گم وڃان ٿو جو نہ ٿو تيڙ ڪو ڏئين،
فڪر مند ٿي ڪين مون کان !
زندگي تو ساڻ آهيان !

ڪاش هو ماڻهو بہ پاڇو ٿي پئي !
پاڻ سان گڏجي رَهڻَ جوايئن چئي !

سڀ نهي ٿو هوند سان، اڻ هوند سان ڇا ٿو نهي !؟
پوءِ بہ ٿو پڙ گهور هيئنڙو پيو لهي !

هن وڃائي ڇير ڇپڙي ڍولڪيءَ جي تال سان،
واڳجي ويندو آ جيئن ڪو ڳٽن واريءَ ڳالهہ سان،
روح ئي رَلبو تڏهن جي خيال ملندو خيال سان،
قبل ماضيءَ کي ڇڏي حاضر جي رهبو حالِ سان،
ڪِرتِ ۾ آيل ڪلا ڪيئن روڪبي !
پرِتِ ۾ گهايل پلا ڪيئن روڪبي !

ميل ميلاپن مندن ۾ سونهن ڏس ڪيڏي پري،
ڪيتري آسان گذري زندگي جيڏي ڳري،
جيتري تو جيءَ ڇڳي دلڙي ٻه هئي تيڏي ٺري،
ڪيئن ڇڱه پو تو سوا ويندي هتي هيڏي سري،
چيچ ۾ پورو ڇلو ايڏو ٺهي !
پيچ ۾ پورو سلو جيڏو ٺهي !

سر منڊل جا سُرَ ٽڏا ڇڙ ساهه آهن ساز جا،
سُرَ سيئي سڏڪا پرن ٿا هوبهو آواز جا،
ناز پرور جو پڪيڙيا ڳُرَ سمورا ناز جا،
سي سيئي پردا ٿا کولن ڪنهن الستيءَ راز جا،
گونج جو ڦهلاءُ اهڙو ٿو لڳي !
ڪونج جي ڪرلاءُ جهڙو ٿو لڳي!

پَرَ ڪُتَلُ جيڪو پکي آ، سو ڪري پرواز ڪيئن،
آڏَ رَنگو جن آڱرين تي، سي وَڄائن ساز ڪيئن،
دل ڳهريو جي ناهه سامهون، ڪو ڪري پوءِ ناز ڪيئن،
جنهن سُڪي ويو آهه گلو، سو ڇَڄئُ ڪڍي آواز ڪيئن،
تاءُ ان جو تير وانگي ٿو لڳي !
گهاءُ ان جو سِيرَ وانگي ٿو لڳي!

◈

ديس مالها موتين جي

ديس منهنجو هن دنيا جي سونهن ۽ سينگار آ،
ڄڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ !

چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سرگوشيون ڪن پيا ڪنول،
هير جن جو منهن ڌوئي ٿي ماڪ سان ٻنجي پنل،
رات ڪينجهر جي مٿان ليٽي پئي آهي ٽڪل،
جنهن سندو سپنو سچو سنسار آ،
ڄڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ !

پرهہ ويلي هي پکين چهڪا بہ ڄڻ ڪو راڳ آ،
پيار جو جنهن ۾ سنيهو، محبتن جو ماڳ آ،
چئو ڏِسا جنهن ۾ چٽُونءَ جو صاف پڌرو چاڳ آ،
پاڻ ۾ ڪيڏو پکين جو پيار آ،
ڄڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ!

مهڪندڙ موسم جي ٻولي هي لڱن مکڙيون پيون،
جي وري جهٽ پلڪ ۾ ٿي ٿي اجهو گلڙا ويون،
هار تارين جي هٿن ۾، پير اکڙين کي ڪيون،
تيون وڃن جو وِرهَہ جو وهنوار آ،
ڄڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ!

ٻي تہ ٿڌ ڪاٿي بہ ناهي، آ ٿڌن ساهن اندر،
هونءَ تہ آ ماحول مهڪيل ٿڌ نہ ان ۾ آهہ پر،
پاڻ کي چو خيال ان جو آهہ رڳو پهچڻ جي ڏِرَ،
هو چپر ۽ هوت هيئنڙي تار آ،
ڄڻ تہ مالها موتين جي يا گلن جو هار آ!

◈

مِجازيِ عشق کي معنيٰ!

ڪا راهه به جن کي ڪانه ملي تي رستن ۾ ۽ چارن ۾،
ڪيڏي نه تڙپ وئي آهه وڏي اڄ ماڻهوئڙن ويچارن ۾ !

ڪنهن هنڌ به رهي جو ناهه سگهيو، تنهن پنڇيءَ پويان ڪير پڇي،
سو ريت به ڪنهن ٿو ڪين رهي ۽ ڪين ڪنهين سان روح رچي،
جو واڪا واڪا واءَ اندر ٿو بنجي ڪائي ٻين وڃي،
سو ساهه وڃي اڄ آهه سُتو سورهن ئي سينگارن ۾ !

تون پئند پلي وڃهه زنجيرون هي منڙو قابو ڪين ڪندين،
هي تاريخي آ آوارهه اوباش نه ڪنهن جي آ وس ۾،
هي جيلن ۾ به نه قابو ٿئي ۽ لائون آ لهندو قاسيءَ سين،
قابو ٿي هي فقط سگهي ٿو پنين ڪارن وارن ۾ !

ماڻهو سڀ بي هوش ڦرن پيا ڳليءَ ڳليءَ جا موڙ مَتي،
ڳولا جاري آهه سپن ڪي، ساهي ٿو ڪو ڪو نه پُتي،
ڪنهن جي گڏري پاڪر ۾ وئي، ڪو پيو ڏُسڪي رات ڪتي،
ڪنهن جي اڳيان نيڻ ننڍا ڪا، ڪنهن جون نظرون تارن ۾!

هو ڳولن مسجد مندرن ۾، پر چين نه آهه ڪليسا ۾،
ڏومهڙا ڪائي خلق سڄيءَ ڳوليو نه انهيءَ ڪي ڇا ڇا ۾،
پر نه سڪون مليو ڪنهن ڪي بي سود انهيءَ آ ڳولا ۾،
پوءِ ورتي تن پناهه وڃي آ ميخانن ۾ اوتارن ۾ !

جي آهي مجازي بي معنيٰ پوءِ ڇا هي رهيو بازيءَ ۾،
جي مرڪي سامهون هو نه ڏسي پوءِ باقي ڇا هي راضيءَ ۾،
جي حال هليو ويو هٿن منجهان پوءِ ڇاهي قِبلَ ۾ ماضيءَ ۾،
هي اڪيون آهن ڏيئا جيڪي پرن پيون ٿيون جارن ۾!

ڪيف سندو آ راز سمايل سري سوا هن ساقيءَ ۾،
مڌ اندر سو ناهه مزو جو هن جي در جي تاڪيءَ ۾،
جي جسم اهو ڪو ڪوڙ ڇوي پوءِ رهيو ڇا هي باقيءَ ۾،
اڪين سواءِ پيو رکيو ڇا هي پيمانن تاسيارن ۾ !

◈

راڳ پيالا، مڌ اندر پيا پائجن،
ڪو پيئڻ وارو پئي!

گيت جي گونجار گونگي رنگ پوپٽ جا ٿيا،
جن سندا آلاپ اکين ساڻ ٿا پڌجن پيا،
رنگ پرن جا گيت بنجي ڳائجن،
ڪو ڏسڻ وارو ڏسي !

سَوَ سُرَنِ جا سر مٿان ٿا، سانت ۾ گونجن پيا،
مات موسيقي وڄائي راڳ چُپ آهن چيا،
تند مان ٿا سور پيا ڪي تائجن،
ڪُو ٻڌڻ وارو ٻُڌي !

جهڙُ وڄائي ناد اپ مان، ڪنوڻ جي ٿو تال سان،
پوءِ ڦُڙي هر هڪ ڪري ٿي، جهانجهه جي گُونجار جيان،
چير جا چمڪار ڌرَ تي ڇائجن،
ڪو پسڻ وارو پسي !

رات بنجي ساز ٿي ۽ چانڊني جڻ راڳ آ،
نِڪَتُ نورا پيڙ ۾ ۽ ماڪ واسيو ماڳ آ،
پيروين جا پال پونءِ تي پائجن،
ڪو سڻڻ وارو سُڻي!

راڳ آ ساري فضا ۽ راڳ ٿو هر هنڌ ٻري،
واءَ ۾ وينا وڄي ٿي چنگ ٿو چوڏس ڇُري،
تار سان ٿا راڳ ڪن تي لائجن،
ڪو چوڻ وارو چوي !

◈

ڪيڏانهن هليو آنهن وڃو،
آوازڏي ! آواز ڏي !
آءُ ٿو ڳوليان پيو،
آوازڏي ! آواز ڏي !

هوند ۾ ناهين مليو، اڻ هوند ۾ ڳوليانءِ پيو،
ڪڪرن نہ تنهنجو ڏس ٿليو، هر ٻُوند ۾ ڳوليانءِ پيو،
پولار مان وائي ڪري،
۽ سڏ وَرنائي ڪري،
اڄ راز ڏي !
آواز ڏي !

سوچَ ڪئي آ دل جلي، وَرَ وَرَ نهاريان ٿو پيو،
آ بند سامهون هر ڳلي،دَرَ دَرَ نهاريان ٿو پيو،
اوندهہَ اُجارائي ڪري،
۽ پيار پورائي ڪري،
سو ساز ڏي !
آواز ڏي !

مبهم نظر ايندو رهين، شفق جي ڪرڻن منجهان،
جلوا پسائيندو رهين، جيئن جهانجهہَ ۾ جهرڻن منجهان،
مورت رنگن سان جيئن ڀري،
اهڙو ڀلائي ڪا، ڪري،
رنگسازي ڏي !
آواز ڏي !

منهنجي پرينءَ ڪي مون سندي، تڪڙي خبر ڪا ڪانگ ڪر،
سهڻ ڪان آ وڏ وِتي، "يا تونءَ پڇڻ جا سانگ ڪر"،
يا مڌ ڏتي مٽ ۾ اچي.
تو ڏي جهتي جهٽ ۾ اچي،
سو باز ڏي !
آواز ڏي !

ڪيڏانهن هليو آنهن ويو،
آواز ڏي ! آواز ڏي !
آءَ ٿو ڳوليان پيو،
آواز ڏي ! آواز ڏي !

◈

سيتا جي سُونهن

وار سنواري چَندنَ واسي، ڪين سگهان ٿي پوءِ،
ڪريان آءٌ ابوءِ ـ
تـو ريءَ ڪـهـڙو تـيـلُ قـلـيـلُ !

آرائـيـنءَ جـو جـهـول ڏسان يا پاٽـوليءَ جـا هَـٿَ،
سـونـاري جـا هـٿ ڏسان يـا نـڪ ۾ نـهـنـڊڙ نَـٿَ،
ڪهڙي ٿيندي ڪَٿَ ـ
اهـو سـڀ ڦَـنَ جـو آهـي ڪـيـلُ !

سُوسيءَ جا سڀ رنگ ڏين ٿا ڏيک بہ ڪاتيارن،
اجرڪ جي هر قلڙيءَ مان ٿا تارا رم جهم ڪن،
تهڙي منهنجي تن ـ
ڪـٿـي تـو ڪِـڙي پـئـيـن رابـيـلُ !

ڪاشيگر جو من ٿو اُپري، ڪاشيءَ مان خود ايئن،
تنهنجي هٿ ڇُهڻ سان منهنجي لونءَ ڪانڊاري جيئن،
تو ريءَ آءٌ بہ تيئن ـ
ڪڙهي ٿو جڻ تہ ڪڙهائي تيلُ!

جـنـڊيءَ جـي هـر واري ۾ آ، واڍي جـو جـڻ مـن،
هـن جـي احـسـاسـن جـي دنـيـا، جـنـڊيءَ جـو آ فـن،
تهڙو واس وَرَنُ ـ
تـنـهـنـجـو مـنـهـنـجـو آهـي مـيـلُ!

◈

ڳجهارت آهه بڻيو سنسار

ڪڏهين آهي خيال بڻايو، ڪوريئڙي جو ڄار _
ڳجهارت آهه بڻيو سنسار !

ڪاٿئون گل ۾ خوشبو آئي،
ڪاٿئون خنڪ هوا ۾ ڇائي،
سانت لڳي ڄڻ شاهه جي وائي،
سارو منظر ڪاٿئون آيو، جنهن جو آر نه پار !
ڳجهارت آهه بڻيو سنسار !

ماڪ ڦڙيءَ جو پاڻي ڇا هي ؟
رات سندي هيءَ راڻي ڇا هي ؟
پنهنجي پيار ڪهاڻي ڇا هي ؟
ڳجهه انهي جو پتو لڳايو، مُنجهيو پئي هوشيار !
ڳجهارت آهه بڻيو سنسار !

خوابن ۾ جو ايندو آهي،
ان جي اچڻ جو رستو ڇا هي،
پوءِ هليو ڪيئن ويندو آهي،
ان ڪي جهٽ پلُ پوءِ به رهايو، سچ پچ جي آ يار !
ڳجهارت آهه بڻيو سنسار !

منهنجي هوندي تون ٿي آهين،
مون ڪي مون ۾ ڪيئن سمائين،
پيار جو چوغو پوءِ ڍڪائين،
هيءَ رڱو ٿئي سانگ رچايو، وائڪو ٿيُئي وهنوار !
ڳجهارت ناهه رهيو سنسار !

◈

نظارن مٿان بحث ٿيو آ گھڻو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

ڪري رنگن تي مور نچندي گهمنډ،
سڪل آهہ تاري جي پاڪر ۾ چنڊ،
منڍي ڇڻ نظارن ڇڏيو آهہ ٿنڍُ،
ٿا سُونهنِ اهي سڀ گهڻو ۾ تٿو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن ـَي ڪٿو !

ڪبڙ لال پيرُنِ ڇُرنِ جيئن رڱيان،
ڦڙا ماڪ رابيل اُپ کان مڱيان،
جهين کي بہ چيتي ۾ ڏسندين چڱيان،
اهو سونهن جو آهہ موتيءَ ڪَٿو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٿو !

هي پوپٽ گلن تي ڇُريل جڻ تہ پوتي،
۽ رابيل مُڪڙي پرهہ ماڪ ڌوتي،
سڄي رات چانڊاڻ جڻ مَئہ تي اوتي،
نہ ڪنهن ۾ وڏائي نہ ڪو آنءُ پَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٽو!

انبن پور تي پيئونر ڦيرا ڏين،
گڏي ماڪ مند ساڻ موتيا پين،
صفا تار تانگر جا تُنُ تي نچن،
سپيئي سُونُ آهن نہ ڪو هڪ ڇَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٽو!

جڏهن ڪا ڱلن تي چُمي ٿي اچي،
تہ دل جي اڱڻ تان گهمي ٿي اچي،
۽ ساهن جي سُر تي سُمهي ٿي اچي،
انهيءَ کان بہ وڌ يار پيا ٿا وَٽو ـ
توهان جي آ مرضي تہ جنهن کي ڪٽو!

◈

جوانيءَ تي جذبو پيو هاري هرڪ،
جنهين کان سواءِ ذات آهي اڌوري!

سِنگهڻُ، جي ٿو چاهين تہ پئونرن جيان ٿي،
ڏسڻ لاءِ پوپٽ سندي دل رکي،
لکڻ جي ٿو چاهين تہ ڏي هَڏن مِڪُ ـ
جنهين کان سواءِ ذات آهي اڌوري !

ٽُٻي ڏيئي پاتال مان آڻ موتي،
ڪڏهن تو هي ڏرتي اکين ساڻ ڏوتي،
لکئين ٿو تہ خود پاڻ واري منجهس لڪُ ـ
جنهين کان سواءِ ذات آهي اڌوري !

پني تي نَچي ست پئي ناچُ مورن،
ڳلي کي بنايو جئين هس ـ هَلورن،
ائين ئي روانيءَ جو اوپار تِڪُ ـ
جنهين کان سواءِ ذات آهي اڌوري !

بهارون اچڻ سان ٽڙن گل جئين،
ملهارن سان مارو مڙن کل تئين،
جهٽڻ اهڙا منظر سَمي کان ئي سِڪُ!
جنهين کان سواءِ ذات آهي اڌوري !

◈

ڏکي ٿي ڪڏهن ڪو بہ راڻو نہ رهندو،
چلهو گهر انهيءَ جو اُجهاڻو نہ رهندو!

چون ٿا تہ ڦيرو وري رُت ۾ ايندو،
ڪپيل وڻ سندو ڇا پلا پوءِ ٿيندو،
اڇي وصل نياپو ڏکيءَ کي ڪو ڏيندو،
ڪڙي گل پوندا،
ڇڙي هل پوندا .
تڏهن پي سمو ايئن اپاڻو ئي رهندو،
چلهو گهر انهيءَ جو اجهاڻوئي رهندو!

چون ٿا تہ مورن ٺهوڪا بہ ٿيندا،
لنوين ڪانگ نياپا پرين جا بہ ڏيندا،
نهاري ڪٽي نيڻ ۾ ساڻ نيندا،
ڪُتل ڪنپ جن جا،
لُڏيل ٿنپ جن جا،
تنين جو ائين ٿاڪ ٿا ٽوئي رهندو،
چلهو گهر انهيءَ جواجهاڻو ئي رهندو!

چون ٿا تہ پوءِ جام سان جام ٽڪرائبو،
نئون پريت جو گيت پيو ڳائبو،
ڪري هار ٻانهون گچيءَ پائبو،
ڪُڏي ڪوڏ سان پوءِ،
لُڏي لوڏ سان پوءِ،
سُتايل تڏهن پيو تڪاٽو ئي رهندو!
چلهہ گهر انهيءَ جواجهاٽو ئي رهندو!

چون ٿا مٺا سڀ وري يارَ جيئندا،
وري پريت پيالا ڀري پاڻ پيئندا،
تہ پوءِ ڪيڻ هڪ ٻئي سان گڏجي ءِ ڪِيئندا،
مُڪا ميل ٿيندا،
خوشيون ڪيل ٿيندا،
ڀُليءَ جو وري بند ڀاٽو نہ رهندو!
چلهو گهر انهيءَ جواجهاٽو نہ رهندو!

◈

ڊاڪٽر احمد علي رند جي پٽ جي ناگهاني موت تي چيل.

نئين گت ڪا جڏهن سِرجي، تِيئن سِرِ گِيانَ ۾ آئي،
توهان جي يار آمد پي تڏهن امڪان ۾ آئي !

تمائي ماڪ نيٽن مان وري تيڙو ويا گم ٿي،
اها ڳولا نہ ڪُتٽي آ ستارا ويا سيئي سُنُ ٿي،
پرهہ تنهن ڪي لڳائي گس ملهي ميدان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد پي تڏهن امڪان ۾ آئي !

ورائڻ ڪاڻ وَس ڪياسون، هٿن مان پر ڇڏائي وئين،
اسان ڳوليو انبر تو ڪي مگر ڏَرَ سان گڏائي وئين،
اها مورت وري سهٽي جڏهن انسان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد پي تڏهن امڪان ۾ آئي !

ڇڏيو سارو ٽيِن ساڙي، رڳو آ روح ۾ راڙو،
پيو ڏَڙڪِي سجو ڏڙ آ، دلين ۾ آ لڳو ڏاڙو،
ڳڙي ڪا ڳالهہ ڳوڙهن مان جڏهن ارمان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد پي تڏهن امڪان ۾ آئي !

ستائي ياد تنهنجي ٿي تہ سڏڪن ساز ٿا ڇيڙيون،
رُتَل جذبن ڪي پرچائي، ٽٽل ارمان ٿا ميڙيون،
جلڻ ڪارڻ سندم آرتِي جڏهن شمشان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد پي تڏهن امڪان ۾ آئي !

گهڙي ڪا ڪا عمر ساريءَ مٿان ڀاري پوي بنجي،
جنم ڪان جو منجهيل سُٽُ آ وڃي سو ايئن ٿو سُلجهي،
نئين ڪنهن راز جي پچَ ـ گهڙَ هلي اوسان ۾ آئي،
توهان جي يار آمد پي تڏهن امڪان ۾ آئي !

◈

جڏهن منڊ تي مينهن موتيو پون،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ڪٽيون مينهن ڏي فصل ڪومائجن،
وسي يا تہ وڻ ٽڻ ٻيي جهومائجن،
اُتي جون هوائون تي اوڙڪ اچن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ٻڏي تِڪ ولهارن متان وَس ڪجي،
سچيءَ جوءِ ۾ گاهہ گس گس ڪجي،
جتان مال مارن جا ڏاپيو ورن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ڪري گوڙ گجگوڙ ڪنوٽيون ڪِلن،
وٽن ڏار ڦُرڙيُن سان نوڙي پون،
اتر ڪان اوهرا هوائون گهلن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

سڳند پونءِ جي مينهن وسڪار مان،
سلهاڙي اچي يار جي سار سان،
گڏي پوچ سان پيار پل پيا پين،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

ڏيو مال تاڏون وٿاڻن ورن،
سَچِي چاهہ سان وَسَ جيڪي چرن،
پري ٽڻ پٽاريون ڏين جيئن ڦرن،
ٻچا ٻار جهومن ۽ ناريون نچن !

◈

وطن سان عشق آ جنهن جو ۽ مون سان پيار جو پرٽو،
سندس نيبتهُه ٻئي ڳائن !

ٻنييون ڏاڙهيون، اڃيون کماڙيون هئا جي ۏَرَ ٻه چاڙهيون ويا،
جهين سان روح جون رمزون، پنا سي پريت پاڙهيون ويا،
ڪري سوگهيون دليون ساجهڙُ وري قربن ۾ ڪاڙهيون ويا،
بنا ڪنهن باهه ٻارڻ جي بدن سارو ئي ساڙيون ويا،
انهن جا ٻول ٿا ڪائن !

ويا آرڻ چڏي اُلڪو، نماڻيءَ نار وٽ آهن،
وٽاڻن تان ڏڪي ۽ ڏور ٻيي جن لاءِ واجهائن،
ٻُنيو ٿي وي ٻُسو جن ريءَ، ڪتون خالي پيون ڪائن،
پوڙ پيرن جنهين جي لئه سيئي دگ پيا دانهن،
ڏنل هي گهاوَ ٿا گهائن!

پچن تي پاڄهہ هئن ڪيڏي، انهن رئ ڪيئن سري هوندي،
وطن سان شال پت تن جي، وئي آخر پري هوندي،
پڏي شل سوڀ جا سندرا، اها تولي وري هوندي،
اڄهي آيا، وسيا ويڙها، چئي پئي دل، چري هوندي،
پلي پائن نہ مون پائن !

اُمالڪ آس پئي اپري، کهلي اهڙي هوا ڏسندي،
ڪئي ڦوهار موسم پڻ، وريا ها پار سڀ پسندي،
ڪرائيءَ مان ڪِريو چوڙو، گهٽو ئي گهرِ گهلو گسندي،
تڏهن ڦيريون ڏيو گهوريان، سنياليان من پئي ڦِسندي،
اڄڻ وارا تيا آهن !

ڪري مالها ءِ لڙڪن جا بنايا هار مون ڪيئي،
ورهايان پاٽ پيرن جي سڄي ئي ڳوٺ کي ڏيئي،
وڃايان وار واٽن تي، ڏيان پيرن پنبڻ پيئي،
وڃان قربان سَوَ ڀيرا مٿان ساڄن آڇي جيئي،
اچي جيئن ئي ليئو پائن!

◈

ڦٽائي نند وستين جي،
اُڏائي ڏوڙ رستن جي،
اچن پيا چاهه مان چانگا !

وَڙيءَ سان جن پيڊل پٽڪا،
ڏئي ڏاڍن سندا جهٽڪا،
ڏنائون وقتَ کي سٽڪا،
ڇڏي سڀ ساهه جا سانگا،
اچن پيا چاهه مان چانگا !

لڳا هانبار ٿي آيا،
پريان هن پار جي آيا،
ڪنيون ٿي يار سي آيا،
اچا مَس ها اُڏيا ڪانگا،
اچن پيا چاهه مان چانگا !

نـه ڪـا ئـي لِـڪَ لِـڪـوتـي آ،
پـدر پـئـي جـن جـي چـوتـي آ،
نـيـت تـن جـي نـه کـوٽـي آ،
نِـسَـنـگ نـروار ٿـي نـانـگـا،
اڇن پيا چاهه مان چانگا !

مـلـڻ مـيـلاپ جـي مـنـد آ،
اُنـهـن جـي ئـي اڇـڻ جـو ٽـا،
مـڙئـي گـڏجـي پـچـن مـون کـان،
پُـنـگـيـون جن ريءَ بـٽـيـون پـانـگـا،
اڇن پيا چاهه مان چانگا !

مـلـڻ جـي هـيـر تـي مـڪـڙا،
لـتـاڙيـنـدا اڇـن لـڪـڙا،
اسـان جـي تـانـگـهـه ۾ تـڪـڙا،
لنگهي ويا ڪک، لڪيون، لانگها،
اڇن پيا چاهه مان چانگا !

ڪـجـي چـا ڳـالـهـه مـسـتـن جـي،
اڏائـــي ڌوڙ رســـتـــن جـــي -
اڇـن پـيـا چـاهـه مـان چـانـگـا !
اڇن پيا چاهه مان چانگا !

تہ تون ھليو وئين،
تہ تون ھليو وئين !

اجا تہ آگميو نہ آ،
اجا ڇمر جي ڇات نہ آ،
اجا اجيو اجيو رھيو،
اُسات ئي اسات آ،
اجا ڪُتي نہ رات ئي،
اجا تہ پات پات آ،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

اجا ضمير زنگ ۾،
ڪسيو رھيو ڪٽيو رھيو،
اجا تہ لاھہ سچ جو آ،
پاڙ ڪان پٽيو رھيو،
اجا تہ حق جو پرين،
آواز آ گھٽيو رھيو،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

پري نہ ڪا سگھي تلھي،
ماءُ جي ھي جھولڙي،
اجا تہ لڙڪ پئي اُگھي،
ڏسي ھيءَ لال چولڙي،
اجا بہ چرڪ پئي پري،
بڌي ھبي ٻاتي پولڙي،
تہ تون ھليو وئين، تہ تون ھليو وئين!

اجا تہ ڪنهن نہ پورهيتن،
ڏکيو اُگهاڙو انگ آ،
اجا تہ هت انهن سندو،
بچي سگهيو نہ ننگ آ،
مرن بکيا فصل لڻي،
بچيو نہ ڪو بہ سنگ آ،
تہ تون هليو وئين، تہ تون هليو وئين !

اجا مزور مل ۾،
سڙي مري سڙي مري،
تڏهن بہ سيءَ، اُس ۾،
ٺري مري، ٻري مري،
زبان مان ڪجي نہ ٿو،
نہ دانهن ڪوُڪ ڪا ڪري،
تہ تون هليو وئين، تہ تون هليو وئين!

اجا ڏکيو هي ديس آ،
اجا بکيو هي ديس آ،
رهي نہ سا زبان آ،
نہ وَنُ آ، نہ ويس آ،
لونگيون سموريون لال ٿيون،
رتو رهيو بہ ڪيس آ،
تہ تون هليو وئين، تہ تون هليو وئين!

اسان جو پيار نئون پرين!
اجا نئين پريت آ،
انياءَ ساڻ اٽڪيو،
نئين نسل جي نيت آ،
اجا انهيءَ جنگ ۾،

نـــہ هـــار آ، نـــہ جـيـــت آ،
تـہ تـون هـلـيـو وئـيـن، تـہ تـون هـلـيـو وئـيـن!

اڙي او سـوت حـيـف ٿـئـي!
پـريـن اسـان کـان تـو ڇـنـو،
هـلـيـو سـدائـيـن حـق تـي،
ڪـڏهـن نـہ تـو ڪـنـا ڏنـو،
ڪـڏهـن نـہ دل تـان مـيـٽـيـو،
جــو داغ تـــو اهـــو ڏنـــو،
تـہ تـون هـلـيـو وئـيـن، تـہ تـون هـلـيـو وئـيـن!

اجـا تـہ ويـڙهـہ ٿـي هـلـي،
ڪـنـي ڪُـڏي سـمـاج سـان،
اسـان جـو ٽـڪـر آهـہ ان،
تـخـت سـان ۽ تـاج سـان،
اجـا تـہ ويـڙهـہ ٿـي هـلـي،
اسـان جـي سـامـراج سـان،
تـہ تـون هـلـيـو وئـيـن، تـہ تـون هـلـيـو وئـيـن!

انـت ٿـيـو انـيـاءَ جـو،
اسان جي جـنـد جـڏهـن ڇُـٽـي،
اهـا انـڌاري رات پـي،
اجـهـا ڪُـٽـي، اجـهـا ڪُـٽـي،
لڳـــائـــي لاک لالـــڙي،
اهـا پـرهـہ جـڏهـن ڦُـٽِـي،
تـہ تـون ڪـٿـي ملـيـن، تـہ تـون ڪـٿـي مـلـيـن!

◈

پشم جنهن جا پير، اسان سان ڪانه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

پاڻ هلون ٿا پاپ_نگر تي، ڪاهيو ڪاهيو هاڻ،
پوءِ جي سوچ ڪان پهرين موتي پل تون موجون ماڻ،
ڦيريون ڪائي ڦير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

پيار، ديار پرين جو پوَتر ماڪ ڦڙن جو هار،
تنهن ۾ سائي پير ڏري آ جنهن جو سڀ سان پيار،
جنهن جي من ۾ مير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

آن ڪٺو ۽ پاٽيءَ پيالو، پنڌ ۾ ملندو ناهه،
سوچي سوچي ساٿ پلي ڏئي باقي جنهن کي آهه،
هنڌ ڪٿن جي هير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

گهر ۾ نانگ نپائي جيڪا سمجهي ساٿي پئي،
پاڻ ته مرندي پر هي سارو ٽولو ٽيندو رئي،
جا نه سڃاڻي ڏير، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

نانيڙا، وڏڙا دليون درياءَ اندر اُجرا ماٺهو،
سادا سودا آهيون سائين، اصلي پاڻ ته جاٺو،
اير نه ڪوئي پيڙ، اسان سان ڪا نه هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نه هلي!

وات ٽڪي جا، ويهي ڀل سا، آڳتي هلبو پوءِ ٻ،
ٽڪي پيو جي هڪڙو ساٿي، ايندو رهندو پيو ٻ،
سُچا نہ آهن سير، اسان سان ڪا نہ هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نہ هلي!

هانوَ ڪپن ٿا هيڏا هيڏا، جيڏا هي جبل،
ميدانن ۾ مڙسن جي آ پاڻهين پوندي ڪَلَ،
شوريا آهن شير، اسان سان ڪا نہ هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نہ هلي!

جيڪا چائي، مرندي سائي، جندڙي هونءَ ٻ جهانءِ،
پر جي ديس جي ڪم ۾ آئي پو تہ ڀلاري ڀانءِ،
لاش ڀلي ٿين ڍير، اسان سان ڪا نہ هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نہ هلي!

آءُ وڃان ٿي ويڙهہ وطن ڏي، جان وئي تہ ٻ ڇا،
منهنجا مارو مَرڪي چوندا سچڙي سِچڙي آ،
پُڇي ويا هت پير، اسان سان ڪا نہ هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نہ هلي!

وچڻو آهي، مچڻو ناهي گهر گهر گهاوءَ رسيا،
ڪن جا سڙيا جهڳا سمورا، ڪن ڪان ٻار ڪسيا،
ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇير، اسان سان ڪا نہ هلي،
ڪانئر، ڪاهل، ڪير، اسان سان ڪا نہ هلي!

◈

آزاد نظم
AR AZAD-17

ڪڏهن ڪڏهن تنهنجو مرڪڻ،
مند ملهاري ٿي ويندو آهي،
جنهن جو هر لمحو مُگرو بنجي،
خوشبوءِ سان جڻ وستي واسي،
مهڪار اُتي جي ڏيندو آهي،
ڪهڪشان جي وات وٺيو ءِ،
يادُن جو رَتُ جَڻ تہ ستارن جي جهاڪي تي ترسي،
اڻ چين ارمانن جا ڪي لڙڪ لڪائي ماڪ اندر،
آڏيءَ جو آڇيندو آهي!
چنڊ ٽُبي ڏئي ويهين جو، آڪاس نديءَ مان سِسُ ڪڍي،
ءِ ننڊ نهوڙي نيندو آهي،

مُدت کان پو گهيرت ۾ ئي،
تو تي اک جيئن پوندي آهي،
نِنڊ جو ساٿ ٽُٽي پوندو آهي،
۽ سندر سپنو ڀِٽڪي ويندو آهي،
پوءِ اُڏڪا، اُلڪا، اوراٽا،
وک وکَ رات جي وِکَ سان ڪٽندي ۽،
ٽيڙو، ڪتيون، سپ نکت، هڪ هڪ تي ڪنهن نانهن طرف،
ٽڪڙي وِکَ وڌائيندا آهن،
تنهنجي اچڻ جي آس تتَل تان پڙدو سيري،
تترُ ٻولي،
پکي لنون ۽،
باک سندا هي،
تيرن ڪرٽا،
اوجاڳيل اکين ۾ چپندا آهن،
هر روز صبح ايئن ٿيندو آهي.

◈

بيخودي

اڪين جا هي ايوان ماتم ڪُدا ٿيا،
۽ ارٿيون جلي رک ارمان ٿي ويا.
اوهان جي نهارَنِ سندي آس لايون،
اکين ماٽڪيون جڻ ته پٿرائجي ويون!
سناٽي کي ڇيري ۽ سڏڪن پُڪاريو،
وري ساهه ساجن اوهان کي سنياريو!
اسان لڙڪ نيڻن منجهان جوبه هاريو،
انهي ماٽ سان جڻ ته ڏونگر ٿي ڏاريو.
سڄي رات سِياهِيءَ سان تارا وڙهيا ها،
وري جڻ ته رابيل ڪيتن ڪڙيا ها،
جنهين تي مٿو چاندنيءَ رات ٽيڪيو،
۽ طواف جڳنن سڄي رات پئي ڪيو،
وري حسرتن گيت ۾ ياس ڳايون،
بدن جي بهارن سندي پياس لايون،
اوهان جي نهارن سندي آس لايون؛
اکين ماٽڪيون جڻ ته پٿرائجي ويون!
جڏهن ديوتائن جي تقدس جيان تو،
ڪٽي نيڻ گهوريو ته تن ۾ پرين !
فقط آءُ ئي هوس، هئو ڪين پيو،
ائين پاڻَ کان پاڻُ وسري ويو!

◈

اڄڪلهہ جو ماڻهو!

ڏاند چاڪيءَ جو مُنيءَ ڪنهن ماڻ ۾،
ٺور ڳو ڳهَندو رهي،
وَهَندو رهي،
ڪا بہ منزل ماڳ جي جنهن کي خبر ئي ڪا نہ آ،
پر انهيءَ جي وس ۾ پيو تہ چا نهڪر بہ نہ آ،
بلڪل ايئن ئي چُپُ چُپات،
اکين تي جنهن کي اکياڙيون،
۽ مٿس ڇهبُڪ جو سٽڪو،
ڳار جي آهي ڳَئي،
هو مگر ڪنهن ۾ ي عُذرَ ڪان سواءِ،
ماڻ ۾ وهندو رهي ٿو.
ان سموريءَ جُٽُ هوندي،
ان جي من ۾ آس آ،
پنڌ جو سٽڪو ڪري جيڪو وِيَسُ،
سو سندم هڻڻ جو آهي دليل !
هڻڻ ۽ نہ هڻڻ ۾ هونءَ بہ ٿورڙي آهي وٿي،
ڏاند جو ڪو حق نہ آ،
جو گهڙيءَ پَل لئہ،
اکياڙيون سيرڙي ۽ ڏسي ڪجهہ پي سگهي!
تہ پنڌ آهُن ڪيڏو ڪيو ؟

پنڌ جيڪو هئڻ هن جي جو دليل!
سچ لئي وقت جڏهن ٿيون لهن ان جون اکياڙيون،
چوڙجي گهاٽي منجهان،
چرڪ ڪائي ٿو چوي :
پنڌ سڌو ٿيو ڪي نہ ڪي، ماري وڏو ڦيري ولي،
جان پٽي اکيون ڏسان بينو آهيان ساڳئي ڪلي!
پوءِ اهو جو وقت ڪٽيو،
وانجهيل آ جو مفاصلي جي ماپ ڪان،
ڏاند جي هوندي بہ چڻ،
سندس اڻ هوند جو آهي ثبوت .
ڏاند جِي جي دل ڏسي ڪو ان مهل،
ڪانہ اهڙي دل رهي جا،
ان تي نہ ڪائي ڪهل،
پر ڏسي ٿو ڏاند جڏهين،
ماڻهو اچوڪي دور جو،
جنهن جي اکين تي اکياڙيون بہ بظاهر ڪو نہ آهن،
سو بہ ائين هڪ دائري ۾،
بي سود ڦِرَندو سِرَندو ٿو رهي،
عمر ساري ايئن ڪٽي،
ڪو نہ پُرجهي ڪنهن مهل.
دور هن جي آدميءَ تي،
ڏاند ڪي آئي ڪَهل !!

◈

تہ يادن ۾ گڏ!

اِنهيءَ جي تہ سائين اِها تي پُڇاڻي،
تہ يادن ۾ گڏ!
سڄي زندگاني وئي ايئن وڪري،
گهڙي ڪانہ ڪائي چڱي آهہ سنهري،
وئي آهہ ويئي اکين ۾ ئي گذري،
ونڊي سور سارا وئي رات نبري،
وڃڻ ويل چيائين چڱو موڪلاڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!
ڪسي رات هڪڙي وتي زندگيءَ ڪان،
وئي سا بہ گذري گهڙي پل وانگيان،
پڇا ڪَن اندر آئي هورڙيان آئي دل ڪان،
تہ مون ڏي ڏسي هُن وڏي ڪنهن عجب مان،
تهڪ ئي ڏنائين ۽ ڪلندي وراڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!
آسر ويل پولي پکي جيئن اٿيا،
وري ڏس ڪُڪڙن هنيان پوئيان،
گهُلي هير خاموش نياپا ڏنا،
جڏهن نيڻ روئندي ۽ لڙڪن پنيا،
اکين سان سليائين سا گونگي ڪهاڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!
ڪڏهن گهر اندر جڙ تہ ساڳيو آ مقتل،
فقط هوءَ ۽ آئون، تيون ساڻ گهر،
ڏسڻ مان نہ تو ڏيءَ ٿئي سر بسر،
اهو خيال ساڀيان نہ آهي مگر،
وري ياد آئين ڪئي هڪ هڪاڻي .
تہ يادن ۾ گڏ!

◈

چٽارا

مينهن ڪٽين جي پايل ڇمڪي لَڳَهَہ ٻہ ڳائن ميگهہ،
هير اُتي جي ڄڻ تہ هندورو، ڪر ڪا اڇڻ ۾ سيگهہ.
ڪر ڪا اڇڻ ۾ سيگهہ، وري جو جواني وَرَندي ناهِہ،
آشا ئُنِ جي پيڙا ساجن پاٺهين ٿرندي ناهہ،
اوسئڙي جي اُوجاڳن ۾ ننڊون ڦتائي نينهن،
منهنجي منشا آهہ تہ موٽج تون ئي خود ٿي مينهن .

❊

سوڳ اندر ويو سَارو جِيَونُ جنهن جا لمحا سونَ؛
پوءِ بہ من مان، ڪڏي نہ سگهياسون ساجن تنهنجي اونَ.
ساجن تنهنجي اون، نہ گهٽبي، اندلت بنجي آءِ،
جيئن الوٽي جيون هن ۾ وجي ڪو پرجي ساءِ،
جان وجهي وچ جذبن ۾ ءِ روح تان روڙج روڳ،
ڏيج ڄِلاڪا، جوانيءَ ڪي، جا بنجي وئي آ سوڳ !

❊

ماٺوءَ جو من موتيءَ مان ٿيو مٽجي آهي مَٺُ،
محبت جا تون موٽائي ڪي ماڻ وري اڄ وَٽُ .
ماڻ وري اڄ وَٽُ، تہ جهومي جندڙي ٿئي پل جهانءِ،
ان عمل جي عيوض مان دل تحفو ڏيندو سانءِ .
آءِ ڪري ايئن ناهيان سگهيو، ست بہ ٿيو آ ساٺو،
آس لڳائي وينس اهڙو، نيت ڪو ايندو ماٺو !

◈

AR AZAD-17

تار تانگر جي مٿان پوپٽ ٽِلن،
ٿي هوا سينديون ڏَئي تن کي سڏي،
خنڪ سان خوشبوءِ پيي گوڏو گڏي،
چاڳ مان جهمِريون وِڏيون هِن ڇَنڇَلن،
تار تانگر جي مٿان پوپٽ ٽِلن!

◈

مند تي ٿا ميگهه جهومن ۽ جهلَن،
ڪنوڻ تجلا واءُ ۾ وايو منڊل،
ڳل گلابي، بوند ۾ ڳاڳيون ڀنل،
ڀئونر ڀُلجي، جنهن مٿان پيا ٿا ڀُلَن.
مند تي ٿا ميگهه جهومن ۽ جهلَن!

◈

دَر، تنوارن ساڻ تاڙي جي ڪُلَن،
بوند هر ڪا لڙڪ جيئن پئي ٿي لڙي،
ايتريون ديريون اچڻ ۾ او اڙي!
آ جيان لئه هير جا جهوٽا گهلَن،
دَر، تنوارن ساڻ تاڙي جي ڪُلَن!

◈

مور جا ڪيئي ٿهوڪا پيا رُلَنِ،
ڪين ٿو آئت تنين کي ڪو ڏِئي،
ٿو جڏو هي جيءُ پيو جن لئہ جِئي،
هُل تن جي اچڻ جا پيا ٿا هُلَنِ،
مور جا ڪيئي ٿهوڪا پيا رُلَنِ !

◈

لڙڪ نيڻن ۾ چمر جيئن پيا چُلَن،
تنهنجي ورڪا لاءِ هِي موزُون گُلَ،
موتيا، مُگرا، چنبيلون ۽ سُنبلَ،
پر انهن کان مانُ وڌ لڙڪن۔ گلن،
لڙڪ نيڻن ۾ چمر جيئن پيا چُلَنِ!

◈

آ طبيعت ڪي تپايو پير جي قُلڻِن قُلَنِ،
وِڪ کڻڻ جي ناهہ طاقت هاڻ تون خود اچ هلي!
آخري دم تو کي ارپيان، توسوا ناهي ڳلي .
نيڻ تنهنجي ڏسڻ جي لئہ، موت کان پوءِ پيو کُلَنِ،
آ طبيعت کي تپايو پير جي قلڻِن قُلَنِ !

◈

وائي

پاهڻ، پانا، ڪِتَ، ڪَنُورَ ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

پوئين هِڏڪيءَ سان بہ رڙهي پئي،
ساري ڇِڪِنا ڇُورُ ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

ڪِرڪِنا هُئس ساري جندڙي،
سندَ سندَ جُڪئسِ سُورَ ـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

سوچي ڏونگر سُن ويو ٿي،
ڇا پرتياڻي، ڇا پُورـ
پير تہ ڇا ها سسئيءَ جا !

گھُبُون، چالا، چِيرَون، چَتِيُون،
نرم .پشم ڪان نُورَ.
پير تہ چنا ھا سسئيءَ جا !

لھندڙ سج پي لال اکين سان،
گھايل ڏي ڪَئي گھور.
پير تہ چآ ھا سسئيءَ جا !

اھڙا عمر سچيءَ نہ ڏٺا ھا،
تاريخ سندي ڪنھن تُورَ.
پير تہ چا ھا سسئيءَ جا !

پنچي آکيرن مان گھوري،
واھيري وھلُورَ.
پير تہ چا ھا سسئيءَ جا !

◈

سمبارا پبليڪيشن پاران شايع ٿيل ڪتاب

1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم	(مضمون/تاثر)	ساجد سنڌي	200/-
2. سمنڊ ۾ سپ	(شاعري)	سرڪش سنڌي	(ختم ٿيل)
3. اڌوري رچنا	(شاعري)	منظور سمون	50/-
4. پاراٺي ادب جو مسيحا	(مضمون/تاثر)	هاشم لطيفي	300/-
5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي	(مضمون/معلومات)	غلام شبير پيراهين	(ختم ٿيل)
6. هوائن جي هندوري ۾	(شاعري)	وفا عظيم جلباڻي	200/-
7. اوجاڳيل اکڙيون	(شاعري)	امر منصور چوهاڻ	(ختم ٿيل)
8. مُرڪون محبوبن جون	(شاعري)	"شاد" جلباڻي	150/-
9. رڻ رڙيون ٿو ڪري	(شاعري)	نسرين الطاف	200/-
10. غلطي معاف	(مضمون)	جاويد جوکيو	200/-
11. شاهه لطيف جا شيدائي	(تحقيق)	راهب لاڙڪ	250/-
12. ڪنيس ڪويجن	(تنقيد/تحقيق)	مبارڪ علي لاشاري	200/-
13. دادلوءِ تاريخ جي آئيني ۾	(تحقيق)	پروفيسر فدا حسين "فدا"	(ختم ٿيل)
14. سويرن جا الڪا	(شاعري)	ملزم سومرو	200/-
15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ	(ريڊيو اسڪرپٽ)	جبار آزاد منگي	(ختم ٿيل)
16. مٽيءِ جو آسمان	(شاعري)	علي اظهار	150/-
17. ڇا؟	(شاعري)	منظور سمون	50/-
18. سار جا رستا	(شاعري)	فرحان اجڻ	200/-
19. اکين ۾ مند مينهوڳي	(شاعري)	سائل پيرزادو	200/-
20. سُڌ سچل جي	(تحقيق)	علي حسن سرڪي	200/-
21. بڇڙي انکه کا ماتم	(اردو ناول)	ساجد سومرو	150/-
22. ٻانڌي جي تاريخ	(تحقيق)	شبير احمد عباسي	300/-
23. پياسيءِ جون پڪارون	(شاعري)	شاهن "پياسي" گبول	400/-
24. هينئڙي منجهه هڳاءِ	(شاعري)	مخمور رضا	200/-
25. اماس راتيون اداس رستا	(شاعري)	فهميده شرف بلوچ	300/-
26. دل صحرا، سمنڊ اکيون	(شاعري)	شاد جلباڻي	150/-
27. ٻهه ٻهه ڪنڌڙ ٻالڪ	(پاراٺي شاعري)	اويس ڀٽو	50/-
28. انگلش گرامر	(گرامر)	علي رضا سيال	150/-
29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا	(آتم ڪٿا)	غلام علي ڪوساڻي	400/-
30. جانورن جو واڙو	(پرڏيهي ناول)	اياز ڀٽو	(ختم ٿيل)
31. گيڙوءِ رتا خواب	(شاعري)	واحد سوز ملاح	250/-
32. من گهريو مشتاق بخاري	(مضمون/تاثرات)	احسان راهوجو	150/-
33. مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ	(شاعري)	زخمي چانڊيو	400/-
34. جيئڻ جنين ڪاڻ	(ڪهاڻيون)	اقبال بلوچ	200/-
35. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعر	(تحقيق)	شبير پيراهين	300/-
36. تاريخ گبول بلوچ	(تحقيق)	شبير حسن گبول	600/-
37. ڪوي ڪشمور جا	(شاعري)	ساحر سليم اوگاهي	250/-
38. افضل عورت	(اسلامي معلومات)	ربڏنو خاصخيلي	(ختم ٿيل)
39. روح جون رولاڪيون	(شاعري)	صالح عباسي	200/-
40. سنڌ جي مزاحمتي شاعري	(شاعري)	پاويل جوٽيجو	300/-
41. اوٽويهه عالمي ڪهاڻيون	(عالمي ڪهاڻيون)	عبدالخالق سنديلو	150/-
42. ڪوهيڙي جي چُمي	(شاعري)	ماڻڪ ملاح	150/-
43. چانهونءِ متان چنڊ	(شاعري)	علي نواز ڏاهري	250/-
44. اس جا گل ٿياس تي	(شاعري)	ملهار سنڌي	200/-
45. عشق اياڻو	(شاعري)	جاويد جوکيو	100/-
46. تيري ياد	(اردو شاعري)	ساون وگهيو	150/-
47. Speeches		طاهر حسين رالداڻي ۽ محمد عمران شيخ	100/-
48. جاڳ ازل جي	(شاعري)	جاويد سوز هالائي	200/-
49. مرگهه اجارا نيڻ	(شاعري)	شاهد حميد	250/-
50. سمبارا	(شاعري)	ساجد سنڌي	200/-
51. پارسائي جون حدون	(شاعري)	امداد سولنگي	250/-
52. اوسيئڙو ۽ اس	(شاعري)	جبار تاثير سومرو	250/-
53. دمِ ديدار مي رقصم	(شاعري)	حفي الحفيظ "الحفن"	300/-
54. شڪارپور تاريخ جي آئيني ۾	(تحقيق)	حسيب ناياب منگي	300/-
55. حسن سرڪار	(شاعري)	صوفي حقداد "نوشاد" ٻلڪاڻي	400/-
56. گيت منهنجا غزل	(شاعري)	ٻهر الدين ٻهر شنباڻي	130/-
57. ڪنول ٻڪ ۾ چنڊ	(شاعري)	مير محمد پيرزادو	300/-
58. اندر ڪارو ڪانءِ	(ڪهاڻيون	جبار آزاد منگي	250/-

هر سٺي شاعر وانگر مير محمد پيرزادي ۾ بہ مشاهدي جي قوت موجود آهي، هن وٽ نہ رڳو پنهنجي چوڌاري وسندڙ ڪائنات کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي سگهہ آهي، پر ان کي بهترين نموني ۾ ٻيهر تخليق ڪري بيان ڪرڻ جو فن بہ آهي، هو بنيادي طور تي ٻهراڙيءَ جو شاعر آهي، جتي زندگي نج ۽ بنا تڪلف واري آهي، ان ڪري سندس عڪس بہ نج ۽ بنا تڪلف وارا آهن.

مير محمد پيرزادي جي شاعريءَ ۾ هنڌين ماڳين اهڙا شعر ملندا جنهن تي نہ فقط ٻئي شاعر جي ڇاپ نہ آهي، پر انهن تي مير محمد پيرزادي جي ئي مهر لڳل آهي. خيال هجي، جذبي جو اظهار هجي، تشبيهہ هجي، استعارو هجي يا عڪس اهي سڀ مير محمد پيرزادي جي ڪوجنا پيا لڳندا، اسان جو هي لافاني شاعر ايڏي تخليقي سگهہ جو مالڪ آهي، جو عجب پيو لڳي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٺي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
> - اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)